`


ننڍڙي روپ وارا
چوڏيون
۽
پھاڪا
انجنيئر عبدالوھاب سھتو

# نندڙي روپ وارا چوٽيون ۽ پهاڪا

تاليف:

## انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊجيٽل ايڊيشن:

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

`


# سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ



| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ننڍڙي روپ وارا چوٽيون ۽ پهاڪا |
| موضوع | : | چوٽيون ۽ پهاڪا |
| تاليف | : | انجنيئر عبدالوهاب سهتو |
| پهريون ڇاپو | : | اپريل 2002 |
| ٻيون ڇاپو | : | اپريل 2005 |
| ڪمپوزنگ | : | انجنيئر عبدالوهاب سهتو |

`

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءِ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (199) **”ننڍڙي روپ وارا چوٽيون ۽ پهاڪا“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب جو ليکڪ ۽ سهيڙيندڙ انجنيئر عبد الوهاب سهتو آهي.

هي ڪتاب **المنعم لائبرري لاڙڪاڻي** پاران اي بوڪ ايڊيشن ۾ سندس ويب سائيٽ تي آندو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن سافٽ ڪاپي موڪلي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ٻه اکر

مون وارو سنگتي، انجنيئر عبدالوهاب سهتو، شروع ۾ ڪهاڻيڪار هو. پوءِ هن سنڌي پهاڪن ۽ چوٽين ۾ ئي وڏين ڪهاڻين کي ڳولي لڌو. "ماهوار ڪينجهر" هن کي ان سلسلي ۾ همٿايو ۽ ان جي پهاڪن ۽ چوٽين سان لاڳاپيل مضمونن کي لاڳيتو ڇاپيو ۽ اڃا تائين ڇاپيندو پيو رهي، جنهن ڪري وهاب جا ڪيترائي قيمتي مضمون، ڪينجهر جي زينت بنجي پڙهندڙن تائين پهچي چڪا آهن، ۽ ڏينهون ڏينهن هن جي انهن تحقيقي مضمونن کي اسان جي ادب جي پڙهندڙن ۾ وڏي اهميت ملي رهي آهي ۽ هن جو نالو ڪيتر ۾ پنهنجي جاءِ والاريندو پيو وڃي.

اسان جي بدقسمتي اها آهي جو اسان وٽان محنت ۽ جُهد واري ڪم سان لڳاءُ گهٽبو پيو وڃي. حالانڪ ان ڳالهه جي وڏي ضرورت آهي ته اسان وٽ پيدا ٿيل قلمڪار ان پاسي ڌيان ڏين ته ادب جا ڪيترائي پاسا خالي پيا آهن جن تي وڌو ڪارگر ڪم ٿي سگهي ٿو.

"ماهوار ڪينجهر" ۾ شايع ٿيل انهن مضمونن مان "ننڍڙي روپ وارا چوٽيون ۽ پهاڪا" گڏي ڪتابي صورت ۾ آڻي رهيا آهيون. ڪتابي صورت ۾ اچڻ کان پوءِ يقيناً هيءُ ڪتاب محققن/ڄاڻن ۽ علم ادب سان چاهه رکندڙ دوستن لاءِ انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيندو.

ان سلسلي ۾ وهاب جا ٻيا به ڪيترائي ڪتاب ترتيب هيٺ آهن، جن کي ادارو ڇاپي پڙهندڙن تائين آڻڻ جي هڪڙي جامع اسڪيم تيار ڪري چڪو آهي.

**ناز سنائي**
حيدرآباد، سنڌ. ٢١ مارچ، ٢٠٠٢

# سٽاءُ


تعارف – عبدالقيوم صائب ........ 8
ٻن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوٽيون ........ 10
هاڪاري ناڪري لفظن جي جوڙي تي مشتمل پهاڪا ۽ چوٽيون ........ 29
ٽن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوٽيون ........ 47
مددي ڪتاب ........ 76

# انتساب

مان پنهنجي هيءَ سادي ڪاوش محترم محمد رمضان سهتو جي نالي منسوب ڪيان ٿو.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# سادا اکر

منهنجو عبدالوهاب سان زندگيءَ ۾ ڪڏهن به واسطو ڪونه پيو آهي. ڪڏهن ڪٿي اتفاق سان مڪاميلو ٿيو هجي سو به نه. البت ناز سنائيءَ هيءُ ڪتابڙو ڏنو ۽ هجت طور چيو ته عبدالوهاب جي هن ڪتاب تي چند لفظ لکان. آءُ مصروف هوندي به ڪنڌ ڪڍائي نه سگهيس ۽ ڪتاب کي نظر مان ڪڍيم. وهاب صاحب جي هن ڪتاب ۾ "ٻن لفظن جي جوڙي تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون"، "هاڪاري ناڪاري لفظن جي جوڙي تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون" ۽ "ٽن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون" شامل ڪيون ويون آهن. هن صاحب ان ڏس ۾ ڇپيل ڪتابن مان، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا"، الطاف شيخ جو "رني آهي گهوٽ سان (پهاڪا ۽ چوڻيون)"، تيرٿداس پيسومل جو "پهاڪن جي پاٻوهه"، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جو "پهاڪن جي پاڙ"، "جوهر نثر"، ع. ق شيخ جو "تاريخ اندلس"، الهه بچايو سمون جو "لاڙ جو سير"، ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهيءَ جو "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" ڪتابن مان مدد پڻ ورتي آهي. اصل ۾ انهن مان "ٻن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون" ناز واري ڪينجهر رسالي جي 53 (مارچ 1997ع)، "ٽن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون" نمبر 73 (آگسٽ 2001ع) ۽ "هاڪاري ۽ ناڪاري لفظن جي جوڙي تي پهاڪا ۽ چوڻيون" نمبر 70 (مئي 2001ع) ۾ شايع ٿي، پڙهندڙن جي اڳيان ۾ اچي چڪا آهن. هاڻي انهن تنهي مضمونن کي گڏي ڪري "نندڙي روپ وارا پهاڪا ۽ چوڻيون" عنوان ڏيئي، ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي، جيڪا مضمونن کي محفوظ صورت ۾ آڻڻ جي سهڻي ڪوشش آهي.

پهاڪن وغيره جو ادبي سفر "گل شڪر" کان شروع ٿيل تو ڏسجي. ان بعد ان سفر جو ڪاروان مختلف منزلون ڪندو اچي عبدالوهاب سهتي جي "نندڙي روپ وارا پهاڪا ۽ چوڻيون" تي پهتو آهي. انهيءَ سفر جا سنگ ميل پهاڪن جي پيڙهه، گلقند، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، سنڌي سونهون، ڪٿمنڙا، اصطلاحن جي اصليت، سنڌي پهاڪا ۽ محاورا، توڙي پهاڪن جي پاڙ آهن.

عبدالوهاب، پهاڪا ۽ چوڻيون ڏيندي انهن مان ڪيترن جو پس منظر به ڏيندو ويو آهي. هو ساڳئي وقت انهن پهاڪن ۽ چوڻين سان گڏ ٻيا پهاڪا ۽ چوڻيون به ڏيندو ويو آهي. ائين ڪري هن ادبي لحاظ کان سهڻي معلومات ڪٺي ڪري ڏني آهي، حالانڪ اها رمز ڪا نئين ڪانهي. ڪاڪي پيرومل جو "پهاڪن جي پيڙهه" جيڪو 1917ع ۾ شايع ٿيو، تنهن به اهائي وات ورتي آهي.

هڪ ڳالهه جيڪا هن سڄي پورهئي ۾ ڪٿڪي ٿي، سا هيءَ آهي جو پهاڪو ۽ چوڻيءَ ۾ جيڪو فرق آهي، سو نروار نہ ڪيو اٿس. ان ڪري اها خبر ئي ڪانہ ٿي پوي تہ ڏنل پهاڪي يا چوڻيءَ ڪي پهاڪو سمجهي ڏنو ويو آهي يا چوڻي. ادبي لحاظ کان اها اوڻائي دور ٿيڻ گهرجي. ائين آهي تہ اها اوڻائي رڳو هن ڪتاب ۾ ڪانهي پر اهڙن اڪثر ڪتابن ۾ نظر اچي ٿي.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ عبدالوهاب سهتو هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو يا ان طرز جو ٻيو ڪتاب پڻ ڏيڻ ٿو گهري. اهو ان ڪري ٿو چئجي جو ان ڏس ۾ هن جا اهڙا ٻيا مضمون پڻ "ڪينجهر" جي زينت بڻيل آهن. دعا آهي تہ عبدالوهاب جي قلم جو زور، ڏينهون ڏينهن وڌ هجي ۽ سنڌ وارا انهيءَ مان وڌ ۾ وڌ لاڀ پرائيندا رهن.

عبدالقيوم صائب
18 جنوري 2002ع
حيدرآباد سنڌ

# ٻن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

پهاڪا ۽ چوڻيون، ٻوليءَ جو زيب ۽ زينت آهن. انهن جو سنئاءُ اهڙو ته پرڪشش ۽ دلپذير ٿئي ٿو جو جملي کي زيبائتي ڪرڻ ۾ ويرم ئي ڪانه لڳي. موقعي جي نسبت سان استعمال ٿيل پهاڪا ۽ چوڻيون، هڪدم دل تي تمام گهڻو اثرانداز ٿين ٿا ۽ ٻڌندڙ کي جهٽ ياد ٿيو وڃن. دل کي عجيب قسم جو سرور بخشڻ سان گڏوگڏ، متس عجيب ڪيفيت اڪيري ٿا وڃن. ڇاڪاڻ ته اهي چوڻيءَ جي چوٽي ۽ نصيحت جي نصيحت هوندا آهن.
اهو عام مروج گفتو، جملو يا ٽوٽو، جيڪو عوام ۾ مقبول ۽ مروج هجي، عوام جو پنهنجو هجي. عوام جي زبان ۾ هجي، جنهن ۾ ڪنهن شاعر جي پهڄڻ يا سگهڙ جو نالو نه هجي ۽ نه تخلص هجي ۽ جيڪو زماني ڪان وٺي عوام ۾ سيني به سيني هلندو آيو هجي، تنهن کي پهاڪو يا چوڻي چئبو آهي. اهو پنهنجي هيئين خاصيتن جي ڪري، ڪوزي ۾ بند درياهه جي مثل هوندو آهي.

- ٽور - اڪرائي يا نندڙو روپ.
- ويچارن جي گهرائي.
- لوڪ يعني عوام ۾ انهيءَ جو پرچار.

دنيا جي جدا جدا ٻولين ۾ جيڪي پهاڪا ملن ٿا، انهن جو گهڻو ڪري نندڙو روپ هوندو آهي. اهي ڪنهن لساني سماج ۾ مروج استعمال هيٺ هوندا آهن. جيڪڏهن پهاڪو وڏو هوندو ته اهو ڪنهن مقرر روپ ۾ ماڻهن کي ياد نه رهندو. ان ڪري انهيءَ جي ڦهلاءَ ۽ پرچار ۾ به رڪاوٽ پوندي رهندي. انهيءَ ڪري ٽور-اڪرائي يا اختصار، پهاڪي جي هڪ مکيه وصف آهي. سنڌيءَ ۾ نندڙي ۾ نندڙا جيڪي پهاڪا ملن ٿا، انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ، ٻه لفظ ضرور استعمال ٿيل آهن. اها ٻه حقيقت آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ تي مشتمل پهاڪو نظر نه ٿو اچي. اهي جملا ضرور آهن پر اهي پهاڪا نه آهن. مثال طور اچ! ڪاءُ! واهه! شاباس! هيڏانهن وغيره. اهي پنهنجي مفهوم مان مڪمل جملا آهن. نموني طور هتي انهن پهاڪن ۽ چوڻين جا مثال پيش ڪجن ٿا، جيڪي ٻن لفظن تي مشتمل آهن. وضاحت لاءِ هر معنيٰ پهاڪا به پراء طور هينان ڏنا ويا آهن.

`

1. اتاولو، باولو. (اردو، چوٽي)

2. انو، منو. (هندي، چوٽي)

اَنو: انون مهينو پيٽ.

مَنو: ڏکيو، اهنجو، نياڳو

هندن منجهه ڪنوار جو پهريون سوانجو يا ويم هميشهه پيڪا ڪرائيندا آهن. سندس کاڌ خوراڪ جو خرچ پريندا آهن. باقي ٻيو خرچ ساهرا پريندا آهن.

ٽري هندن ۾، هريجنن وٽ به ڪنوار کي پهرئين پيٽ تي مائٽ گهر وٺي ايندا آهن. جڏهن ستون مهينو هلندو آهي، تڏهن ڪنوار جو پاءُ، ساهرن ڪان موڪل وٺي، کيس گهر وٺي ايندو آهي. انين (۽ ڪن جاين تي ڇهين) ۾ ڪونه ڪوٺين. ڇو ته انون (۽ ڇهون) مهينو نياڳو سمجهن ۽ چون: "انو، منو" يا چون: "انو ۽ ڇنو، آهن منو." پوءِ وري نائين مهيني ۾ وٺي ويندا آهن. جيڪڏهن گهٽو وقت ٺڪائٽو هوندو اٿن ته پنجين مهيني تي به وٺي ويندا آهن.

(ڏسو: بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: رسمون رواج ۽ سوڻ ساٺ، ص ٩، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، سال ٢٠٠٣ ڇاپو ٻيو.)

3. ان، ايمان (چوٽي، سنڌ)

ان يا ماني کائڻ سان قرار جي ننڊ اچي ٿي. نشو به اٿس ته طاقت به. دماغ به صحيح ڪم ڪري ٿو ته ماٺهو ماٺيپي ۾ به رهي ٿو. سڪون ۾ رهڻ ئي ايمان ۾ رهڻ جي علامت آهي.

- انّ، ايمانڻ
- ان ته ايمان، بک ته بي ايمان.

4. انب، ڏنب (لاڙي، چوٽي)

5. انڌو، انوماني. (سرو، چوٽي)

اکين جو انڌو هجي يا اندر جو انڌو هجي. ان جو مثال، انومانيءَ /گمانيءَ جهڙو آهي. سندس دل ۾ جيڪو به انومان وينو، ان تي گنڍ ٻڌي ويهي رهندو، پوءِ نتيجو، پلي ڇا به نڪري.

6. انڌو، اونڌو (سرو، چوٽي)

انڌ جي گهوڙي تي سوار ماڻهوءَ جا ڪم، سدائين اندا هوندا آهن. جيڪو به ڪم ڪندو، اونڌو ڪندو. يا سندس ڪيل ڪم مان نتيجا ابتا/ اونڌا پيا نڪرندا آهن. اکين جي انڌائپ ته هڪ معذوري آهي پر اندر جي انڌائپ کي، علم جي روشنائيءَ سان دور ڪرڻ چڱي ڳالهه آهي.

7. انسان، نسيان (چوٽي، پنجابي)

نسيان، پل ڪندڙ. نسيءَ عربيءَ ۾ وساري ڇڏڻ کي، پنجابيءَ ۾ گم ٿي وڃڻ کي چئبو آهي. انسان خاڪ جو پتلو آهي، ڪائنس پل چُڪ ۽ خطا اوس ٿيڻي آهي.

- انسان تہ نسيان.
- انسان، اونڌي کوپڙي.
- انسان خاڪ، پاڻي پاڪ.
- انسان، ڪاري مٽي جو مالڪ آهي.

8. انُ، نور (چوڻي، سنڌ)

ان يا روزيءَ کي بہ اڄ ڏينهن تائين، نور ٻٽاري جي حيثيت آهي. اڄ بہ ٻهراڙيءَ جا جاهل ماڻهو، ماني ڪائيندي ڪنهن ڳالھ جي سچائي لاءِ قسم کڻندا آهن تہ مانيءَ تي هٿ رکي ورِي اکين تي رکندا آهن ۽ چوندا آهن، "هيءَ روزي آهي ۽ نور ٻٽارو آهي، ان جو قسم تہ ........"

- ان سان ايمان جي روشني نصيب ٿئي ٿي.

9. بسياري، خواري (چوڻي، فارسي)

گهڻو کائڻ يا هبچ ڪرڻ، بدناميءَ جو سبب بڻجن ٿا. گهڻي ڪائڻ سان بي برڪتائي ٿئي ٿي. هوش و حواس گم ٿين ٿا ۽ ماڻهو وقلڻ لڳي ٿو. صحت بہ خراب ٿيندي آهي، جنهن ڪري ڊاڪٽرن وٽ گهڻو ڌن لٽائڻو پوندو آهي ۽ ماڻهو ڏينهون ڏينهن ڪنگلو ٿيندو ويندو آهي.

- گهڻي هبچ، گهڻو فساد.

10. بکيو، ڏکيو. (لاڙي، پهاڪو/ چوڻي)

11. بندرو شيطان (عربي، چوڻي)

بندرو ماڻهو جيترو مٽي هوندو آهي، اوترو هيٺ هوندو آهي. ان جو جسم ايترو نہ هلندو آهي جيترو دماغ هلندو اٿس.

- ڪل قصير شيطان الا علي (عربي قول)

(حضرت علي رضہ کان علاوه هڙ بندرا شيطان آهن) (عربي چوڻي)

انگريزي ۾ پڻ چوڻي آهي

- بندرو ٻڌي سندرو تہ ڪير بہ نہ پڄيس.
- بندرو ٻڌي سندرو تہ شيطان بہ نہ پڄيس.

12. بندو، گندو (سرو، چوڻي)

انسان، مٽيءَ مان پيدا ٿيو آهي. مٽي بہ ڪڙڪنڊڙ ۽ ڪني ٿيل. ان ڪري سندس هرعمل ۾ رياءَ، ڪوتاهيءَ ۽ سستيءَ جي آميزش رهڻ، فطري مجبوري آهي. چڱو ڀلو وڳو پائڻ ڪان پوءِ، لاهڻ وقت بہ بدبودار ٿيو وڃي، سنو سڦرو، خوشبودار کاڌو ڪائڻ ڪان پوءِ، پيٽ ۾ غلاظت جي شڪل اختيار ڪري وڃي ٿو. چڱو فعل ڪرڻ ڪان پوءِ، ان ۾ بہ رياڪاري رهجيو وڃي. انسان کي رياءَ/ تڪبر/ وڏائيءَ جهڙن عملن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

13. ٻاجهر: ساجهر. (سنڌ، چوڻي)

14. ٻار، بادشاهه (سنڌ، چوڻي)

بادشاهه پنهنجي هر حڪم جي تعميل چاهيندو آهي. ٻار به پنهنجي هر حڪم جي تعميل چاهيندو آهي. بادشاهه هر حڪم ڏيڻ کان پوءِ، نتيجن تي نظر نه ڪندو آهي. ٻار به پيءُ جي ڪمائيءَ وغيره ڪي خاطر ۾ نه آڻيندي وڏيون فرمائشون ڪندو آهي. ٻئي ضد تي چڙهڻ کان پوءِ لهندا ناهن، پوءِ پلي چا به ٿي پوي.

15. ٻج: نج. (سنڌ، چوڻي)

16. ٻسر، ٻست. (سنڌ، چوڻي)

ٻِسَر: اهو ٻار جنهن جو پيءُ هڪ نسل مان ۽ ماءُ ٻئي نسل مان هجن.

ٻِسَٽ: ٻئي پاسا پڄندڙ، ڏوپار، اڌ تر. ڪنهنجي چئي ۾ نه. جنهجو پير مرشد نه هجي.

17. ياڙي، ياڙيو (سرو، چوڻي)

ياڙي: بزدل، ڏڄڻو. ياڙيو: ياڙيت، ياڙِ يا ياڙي تي پلجندڙ.

18. ياڙي، پڄڻو (سرو، چوڻي)

ياڙي: ڏڄڻو/ ياڙ کائڻ وارو. ڏڄڻي ۽ ياڙ کائڻ واري وٽ ڪوبه مستقل دليل نه هوندو آهي. جنهن ڪري حالتن جو مقابلو نه ڪري سگهندا آهن. ڪنهن به معاملي کي سلجهائڻ لاءِ اڪيون اکين ۾ ڪپائي مضبوطيءَ سان هٿ وجهي ٻيهي پير ڪوڙي نه سگهندا آهن. پڄڻ ۾ ئي عافيت سمجهندا آهن.

19. ٺاري، ڪائجي. (سرو، چوڻي)

20. پڇڙي، ٻڄڙي (چوڻي، سنڌ)

هر شيءِ جي پڇاڙي خراب ٿيندي آهي، چاهي اها ميلي جي هجي، دوستيءَ جي هجي يا واٽر ڪورس جي پڇڙي هجي. پڇڙيءَ ۾ هر شيءِ گهٽ پهچندي آهي، جنهن سبب ويڙهاند ۽ گونهاندي ٿي پوندي آهي.

- نانوائيءَ جي اڳياڙي، ڪاسائيءَ جي پڇاڙي پلي.

21. پلو، تپلو. (ٿري، چوڻي)

22. پنهنجي، سهنجي. (چوڻي، سنڌ)

ڏکئي وقت، پنهنجي شيءِ سولائيءَ سان هٿ اچي ۽ سکون سان وقتائتي استعمال ڪري سگهجي. پرائي ۽ ڌاري شيءِ، ڏکي ۽ نخرن سان هٿ اچي. اڌو گابري استعمال ڪري سگهجي. پنهنجائپ جي مٿيءَ جو معاملو حل ڪرڻ سنهنجو هوندو آهي. ڌاريائپ جي مٿي نيائڻ ڏکي هوندي آهي.

- پنهنجا پنهنجا آهن، يا پنهنجا وري بہ پنهنجا آهن.
- پنهنجا، سهنجا.
- پنهنجائپ ۾ ليکا نہ ڪبا آهن.
- پنهنجو، پنهنجو آهي. پنهنجو وري بہ پنهنجو آهي.
- پنهنجو ماري ڇانوَ ۾ اڇلي، پرائو ماري اس ۾ اڇلي.
- پنهنجي ٿئي سنهنجي، ڌاري وجهي گهاري.
- پنهنجيءَ ۾ هٿ، پرائيءَ ۾ اکيون.

## 23. جڃها، جونجهار. (سنڌي چوڻي)

جڃها: گهڻا

جونجهار: وڏي طاقت وارا، بهادر.

رڳو گهڻن ماڻهن جي هڪ هنڌ مڙڻ يا ڪٺي ٿيڻ ۾ طاقت ناهي. بلڪ ڪنهن ڪم يا مهم ڪي سر ڪرڻ لاءِ، گهڻن ماڻهن جو يڪ راءِ ٿيڻ طاقت وارو آهي.
ڪاتي ڪٽڻي هجي، ڍلها ڊوڻا هجن، بار ڍوهڻو هجي، اليڪشن ڪٽڻي هجي يا ڪو وڏو پراجيڪٽ تيار ڪرڻو هجي، سمورا ڪم هڪڙي ڄڻي جي ڪرڻ ڪان وڏا آهن. هڪڙو ڄڻو، اڪيلي سر، منجهانئن ڪو هڪ ڪم نہ شروع ڪري سگهندو ۽ نہ ئي پورو ڪري سگهندو. بلڪ ٻين ڪي يڪ راءِ ڪرڻ ۽ ڪانئڻ مدد وٺڻ سان ممڪن ٿي سگهي ٿو. گهڻن جي ڪٺي ٿيڻ يا ٽيم(Team) جوڙڻ سان، ايڏا وڏا ڪم نبري سگهندا آهن. جن ڪي پوءِ بہ منظم ادارو سنڀالي، تڏهن صحيح نمونے سان لاڀائتا ٿيندا آهن.

- گهڻن ڪنئي، ڇپر ڪڇي.
- گهڻا ڄڻ ديون جا پٽ.
- ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي.

## 24. جواني، ديواني (اردو، چوڻي)

جوانيءَ جي جولان ڪي ديوانگي ۽ عشق جي تانگهہ ٿيندي آهي. جوانيءَ ۾ طاقت گهڻي ٿيندي آهي. گهڻي طاقت سبب ماڻهو انڌ جي گهوڙي تي سوار هوندو آهي ۽ مست اٺ وانگر بي نام منزل جو راهي هوندو آهي.

- جواني ۽ مايا، پور ۾ پور.

## 25. جواني، مستاني (اردو، چوڻي)

`

جوانيءَ ۾ هرڪو مست ٿيو گهمندو آهي. ننڍي وڏي جي ڪاڻ نہ ڪيندو آهي.

26. جوهي، ڍوهي (سنڌ، چوڻي)

27. جيئندا، ميلا (سنڌ، چوڻي)

ماڻهو جيئرو آهي تہ ملاقات پئي ٿيندي. مري ويو تہ رب کي پرتو. قيامت ڏيهاڙي ملاقات يانصيب. مطلب تہ زندگي آهي تہ ميل ملاقات پئي ٿيندي. مئي پڄاڻان ملاقات ٿئي الائي نہ.

- جيئرن جو جهان.
- جيئندا، ملندا. يا جيئندا هڪ ڏينهن ملندا.
- حيات باقي، يار اوطاقي.
- يار سلامت، ملاقات باقي.

28. چاڪر، چياڪر (اترادي، چوڻي)

مالڪ کي اهو نوڪر وڻندو، جيڪو فرمانبردار هوندو. جيڪو چيو نہ مڃيندو، سو مالڪ کي پتي تي بہ نہ پوندو. مالڪ جلد موڪل ونائيندس. چاڪاڻ تہ جيڪي پيسا پريندا آهن، سي پگهر ضرور ڪيندا آهن.

- چاڪريءَ ۾ آڪڙ چاجي؟
- نوڪر کي تي نخرا ڪي؟
- نوڪريءَ جي پاڙ زبان ۾.

29. ڇپيو، ڦپيو (سنڌ، چوڻي)

دنيا ۾ ماڻهوءَ جو نصيب اهو آهي، جيڪو ڪاڌائين ۽ ڇوڙيائين. باقي مال ٻين جو آهي. ان ڪان وڌيڪ مال جي لاءِ نہ لالچ ڪري، نہ هوس ڪري. حرام بہ نصيب ۾ هوندو تہ ملندو. باقي پاڻ کي گهٽي جي لالچ ۾ خوار خراب نہ ڪجي تہ بهتر.

- جو ڇپيو، سو ڦپيو.

30. حجامڙو، حرامڙو. (چوڻي، اترادي)

حجم جي زبان ۽ قئنچي، هڪ ئي اسپيڊ سان هلنديون آهن. گهٽي ۾ گهٽيون خبرون وٺانئس ئي ملي سگهنديون آهن. چڱن ڀلن جا متا ۽ ڌاڙهيون ڪوڙڻ بہ ڪيس ئي نصيب ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ سڪيءَ پاڪيءَ سان متو ڪوڙيو وجي.

- حجم ۽ پاڪي، ڇگ نہ بچندي باقي.

31. حجتي، لعنتي (چوڻي، عربي)

پهرين پهرين دليل بازي شيطان ڪئي. کيس حڪم مليو: “آدم کي سجدو ڪر!” ته نه ڪيائين. الٽو سوال جواب ڪرڻ لڳو. چوڻ لڳو: “انا خير منہ خلقتني من نار و خلقتہ من طين: مان باهه جي پيدائش آهيان، اهو مٽيءَ مان نهيو آهي!” (القرآن) مان کيس سجدو نه ڪندس. خدا تعالىٰ مٿس انهيءَ حجت / دليل بازيءَ سبب، سڄيءَ عمر لاءِ لعنت وجهي ڇڏي: “فاخرج ان عليک لعنتي الىٰ يوم الدين: تري وڃ! تون ڏينهن قيامت تائين لعنتي (ٽڙيل) آهين.” حجت ڪرڻ سان ماڻهو، رحمت ۽ شفقت کان محروم پري ٿي ويندو آهي.

### 32. حرکت، برکت (اترادي، پهاڪو)

ڇُرڻ پُرڻ يا گهمڻ گهتڻ/ گهمڻ ڦرڻ سان روزي رزق ۽ اولاد ۾ برکت پوندي آهي. ڇُرڻ پُرڻ واري شيءِ جيڪڏهن تعداد ۽ وزن ۾ نه وڌندي ته ڪم از ڪم، سلامت ضروري رهندي آهي.

- استعمال (حرکت) ۾ رهندڙ دروازي جي انجيسن کي ڪڏهن به اڏوهي نه ٿي کائي. (چيني چوڻي)
- حرکت ۾ برکت ۾ آهي.
- گهر ۾ امن کي اڏوهي لڳي سگهي ٿي، پر دروازي جي هٽئي کي هرگز نه. (چوڻي، جپاني)

### 33. دادو، جادو (سرو، چوڻي)

### 34. دونهون، سونهون (سرو، چوڻي)

دونهون: باهه منجهان نڪرندڙ ڪارو دونهون.

سونهون: رهبر، راهنما، پيشوا، اڳواڻ

- دونهان، سونهان آهن.

### 35. ڌرتي، سرتي (سرو، چوڻي)

سرتي: سڪ ڏک جي ساٿياڻي. ڌرتيءَ جو مثال به ان ساٿياڻيءَ/ سنگتياڻيءَ جهڙو آهي، جيڪا ڏک سک ۾ ساٿ ڏئي، غم غلط ڪري ٿي. انسان کي پيدا به مٽيءَ مان ڪيو ويو آهي ته سندس جياپو به ڌرتيءَ جي شين تي رکيو ويو آهي. کيس ماري وري به ان ۾ موٽايو ويندو. قيامت ڏينهن، اتان ئي کيس جيئرو ڪيو ويندو. انسان جو ان سان ناتو ازل کان آهي ۽ ابد تائين رهندو. ان ڪري کيس ڌرتيءَ وانگر وچايل، قرباني ڏيندڙ ۽ ساٿ نڀائيندڙ ٿي رهڻ گهرجي.

### 36. ڌرتي، ماتا (هندي، چوڻي)

هندن جي عقيدي مطابق، انسان جون سموريون ضرورتون ڌرتيءَ مان پوريون ٿين ٿيون، جنهن سبب ڌرتي به ماءُ جو درجو رکي ٿي. انسان ان جي ڇاتيءَ تي ائين پلجي ٿو، جيئن ماءُ جي ڇاتيءَ تي.

### .37 ڏنو، ڀنو (اترادي، پهاڪو)

ڏنو: الله جي راهه ۾ ڏنل خير. ڀنو: جهلو، بچاءُ، وهندڙ شيءِ لاءِ بند، جهنگ يا ٻنيءَ مان هلڻ لاءِ متاهين پيچري وانگر آهي.

جيڪو الله جي راهه ۾ خير خيراتون ڪري ٿو، تنهن لاءِ اهي خير خيراتون، ايندڙ مصيبت کان جهل ۽ روڪ ثابت ٿين ٿيون.

- ڏنو ڀنو آهي.
- ڏنو، ٿئي نه ڪنو.

### .38 ڏوريندڙ ڏسندڙ (اترادي، چوڻي)

- ڏورين، سي ڏسن.

### .39 ڏئي، پڇتاءِ (اترادي، چوڻي)

ڏيڻ: نيڪي ڪرڻ. اڄڪلهه ٻين سان نيڪي ڪري پنهنجي دل ۾ روڳ پالڻو آهي. ڇو جو چڱائي ڪري انتظار ڪرڻو ٿو پوي ته اها چڱائي ڪڏهن ٿي ڳچيءَ پوي.

- چڱائيءَ ڪي چار، ڳٽي هٽجن پادر.
- چڱائي ڪرڻ، آهي چڳهائي ڪرڻ.

### .40 ڏي، ڏر (پهاڪو،لاڙ)

الله جي نالي تي ڏي، پر ڏيڻ وقت، دل جي رياءَ کان ڊڄ. ڇو جو رياءُ ڪرڻ  واري جي ڪابه عبادت، چڱائي يا نيڪي قبول نه ٿي پوي.

- ڏي به ڏر به.
- ڪٽ به ڪنب به، اڳيان توريندڙ تڪا،
  اڳهئي ته پاءُ، نه ته مٽن ڪي موت ٿئي.

### .41 ڏيرپو، ويرپو (چوڻي، سنڌ)

مڙس جي ڀاءُ کي ڏير ۽ ان جي زال کي ڏيرياڻي چئبو آهي. ٻن ڏيرياڻين جي وچ واري رشتي کي ڏيرپو چئبو آهي. ڏيرپي ۾ هڪ ٻئي سان وير، ساڙ ۽ هڪ ٻئي کي ويڻ ڏنا ويندا آهن. اهو هڪ فطري عمل آهي. انهيءَ ڪان ڪوبه گهر وانجهو ناهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته شايد اڄ سڄي انسانيت هڪ ئي آدم جي اولاد هئڻ سبب، هڪ ئي ڇت هيٺ رهي ها ۽ ڪس ڪٿر ڪائي وقت گذاري ها ۽ موجوده ترقيءَ جو تصور نه هجي ها. تڏهن ته ڀِتائيءَ به چيو آهي.

- ڏيرن ڪونهي ڏوهه، امر ائين لکيو (شاهه)

42. ڏيرياڻي، ويرياڻي (چوڻي سرائڪي)

ڏيرياڻين جي وچ ۾ وير هڪ فطري عمل آهي، جيڪو هن دنيا جي آبادڪاريءَ ۽ ترقيءَ لاءِ رکيو ويو آهي. انهن جي جهيڙن سبب ئي پائر هڪ گهر مان نڪري گهڻا گهر ناهن ٿا.

- ڏيرياڻيون، توڙ جون ويرياڻيون.
- پيڻ نہ ڪجي ڏيرياڻي، متان ٿي پوي ويرياڻي.
- ڪهه پيو ڏيرپو، جنهن وڄايو پيٽپو.

43. ڏيند، لهند (چوڻي، لاڙ)

قرض موٽائي ڏيڻ سان قرض جو بار سر تان لهندو آهي. جيڪڏهن نہ ڏبو تہ بار نہ لهندو. ان ڪري قرض موٽائڻ ۾ دير نہ ڪجي.

- ڏيند، لهند، ڪرند پسند.

44. ڏينهن شينهن (چوڻي، اتر)

ڏينهن جي مشابهت شينهن سان آهي. شينهن جهنگ جو بادشاهہ ۽ ڦاڙيندڙ جانور آهي، تيئن ڏينهن جي روشني، هر ڊڪيل شيءِ کي ڦاڙي، متانئس راڄ ڪري ٿي. ڏينهن جي وقت، هر ڪو ماڻهو بيپرواهہ آهي.

- ڏينهن، رات جو ڊپ ڪڍيو ڇڏي.

45. ڊگهو، بيوقوف (چوڻي، انگريزي)

ڊگها ماڻهو تہ ڇا پر جانور بہ بيوقوف هوندا آهن. جيئن اٺ ڊگهو آهي ۽ بيوقوف هئڻ جي علامت آهي. بيوقوف ماڻهوءَ کي اوڳو اٺ ڪوٺيندا آهن.

- ڪل طويل احمق الا عمر (عربي قول)
- سمورا قدآور ۽ ڊگها، سواءِ حضرت عمرؓ جي، بيوقوف آهن. (عربي چوڻي)
- انگريزيءَ ۾ پڻ ائين چوڻي آهي: (Longest is foolest)

46. راهيندڙ، لٽندڙ (چوڻي، سنڌ)

- راهيندين، لٽندين.

47. رتائي، ٽِپتائي (چوڻي، سرو)

- رتوديرو، رت جو ديرو.

48. زال، سنپال (چوڻي، سنڌ)

هن چوٽيءَ جا ٻه مطلب ٿي سگهن ٿا.

1. زال سان گهر جي سنيال آهي. جنهن کي زال ناهي، تنهن جو گهر ئي کلواڙو آهي. چوجو چڙهن جو ڪوئي جهان ڪونهي. مرد ٻاهر جي ڪمائيءَ لاءِ هوندو آهي. گهرواري، گهر ٻار جي سنيال لاءِ هوندي آهي.
2. زال، سنيال سان آهي. سنيال نه ڪبس ته راهئون رد ٿي ويندي. مرد رلندو ته ڪلندو، زال رلندي ته پلندي. پنهنجا ته ٻئي جهان وڃائيندي پر مڙس ۽ اولاد جا به رڃ رلائيندي.
   - زال ته سنيال.
   - زال چڱي چال، پلي ياڙئي مڙس ڪان.
   - زال هجي ته اڪيون هجن.

49. زنا، فنا (سنڌ، چوٽي)

زنا، هڪ برو فعل آهي. مرد جو عورت سان، عورت جو مرد سان ميلاپ هڪ فطري عمل آهي. جيڪڏهن شرعي حدن اندر آهي ته تمام پلو ڪم آهي. ان سان حالات سڌرن ٿا. اولاد ۽ ڪمائيءَ ۾ برڪت پوي ٿي. زندگي سڪون واري گذري ٿي. جيڪڏهن اهو فعل، غير شرعي حدن ۾ ڪبو ۽ حد کان ٻاهر نڪري وڃبو ته پئسي/ جان/ اخلاق وغيره، مڙني جو زيان/ نقصان ٿيندو. چو جو زنا آسانيءَ سان نه ٿي سگهندي آهي. ان لاءِ الائي ڪيترا پاپڙ ويلڻا پوندا آهن. الائي ڪيترا خرچ ڪرڻا پوندا آهن. تڏهن وڃي ڪو چاڙهو ٿيندو آهي. تنهن ۾ به سڪون ٽڪي جو نه هوندو آهي.

50. ساڪرو، آڪرو (چوٽي، لاڙ)

ساڪرو يا ساڪرائي، اٺ جو هڪ ٻڻ آهي، جيڪو ميرپور ساڪري جي طرف ٿئي. انگ ڪارو ٿيندو اٿس ۽ لسڻ اڇو ٿيندو اٿس. قد جو چوٿو، هلڻ جو چوهو آهي. هلڻ جي چوهائيءَ ۾ آڪرو ايندو آهي.

51. سنجهو، ڏنجهو (چوٽي، سنڌ)

ڪم ڪار شروع ڪرڻ لاءِ صبح جو وقت پلو ٿئي ٿو. چو جو صبح جو شروع ڪيل ڪم، شام تائين اڪلائجي وڃي ٿو. جڏهن ته سانجهيءَ جي وقت شروع ڪيل ڪم، نه نبيرو ڪائي، نه ئي جلد يا هڪ وهڪ ۾ اڪلائي سگهجي.

   - سنجهي جي مئي کي ڪيترو روئبو (پهاڪو، ميرپور ماٿيلو)

52. سول، ڪول (چوٽي، سنڌ)

53. سهتا، مهتا (چوٽي، سنڌ)

### .54 سيٽپو، ويٽپو (چوڻي، سنڌ)

زال جو پيءُ ماءُ، مڙس جي پيءُ ماءُ جا سيڻ ٿين. ٻنهي جي وچ ۾، سندن جي اولاد جي جهِڻ ٻڻ سبب ڏوراپا وغيره جاڳن. جن جي ڪري هڪ ٻئي کي ويڻ ڏين.

- سيٽپو، ويٽپو، ويرپو.

### .55 شادي، تعدي (چوڻي، سنڌ)

شاديءَ وقت ٿيندڙ سنگهٽ، جهنجهٽ، تڪليف ده هوندا آهن. ڪي ته وري شاديءَ کان پوءِ به پيا پاڻ کي قيد بند ۾ سمجهندا آهن. انهيءَ ڪري اهڙي قسم جا ماڻهو هر وقت هيئن چوندا رهندا آهن:

- زال زحمت، ٻار ٻرو، وس پڇئي ته گهم چڙو.
- شادي آ تعدي.
- شادي ڪر ته به آزار، نه ڪر ته به آزار، تنهن کان ڪجي چو نه؟

### .56 شامي، حرامي (چوڻي، اتر)

شام ملڪ جي رهندڙ کي شامي چئبو آهي. ان جي نالي سان گول ڪباب به ٺهندا آهن، جيڪي هرڪو کائيندو آهي پر ڪين چڱو نه چوندو آهي.

### .57 ضامنگيري، تاوٽگيري (سرو، چوڻي)

- ڪشيي نه ڪمان، پڙيئي نه ضمان، ٿيپئي نه کوها، رهيئي نه جوا.

### .58 عرض، مرض (سرو، چوڻي)

### .59 عزت، ڏجي (سرو، چوڻي)

ڪنڊيارو ۾ چمن هندوءَ جي نالي سان بازار آهي. وڏو سيٺيو هيو. هڪ دفعي ڪنهن معاملي ۾ صوبيدار ٿاڻي تي گهرايس. جڏهن پهتو ته بيٺي پير، صوبيدار ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس. جڏهن صوبيدار جو پارو لٿو ته ڪيس ويهڻ لاءِ اشارو ڪيائين. جڏهن سيٺ ڪرسيءَ تي نه وينو ته صوبيدار پاڻ اٿيو. ڏسي ته، ديوان جي ڌوتيءَ مان تيڪ وهي اچي ڪڙيءَ وٽ، چاڪڙيءَ ۾ جمع ٿي آهي. اهو ڏسي پڇيائينس: "ديوان! هي چاهي؟!"

"سائين! اِجت ڏجي!" چمن هٿ ٻڌي عرض ڪيس: "عزت، ڏجي!"

- عزت وارو ماڻهو، ڏجڻ سبب ئي غلط ڪم نه ڪندو آهي. بي عزتي ماڻهوءَ وٽ نه عزت، نه ننگ ۽ نه ئي ان جي وڃڻ جو ڊپ. تنهن ڪري ننگ ڏڙنگ نچندو ۽ ڪڌا ڪم ڪندو آهي.
- عزت پئي لڪي، نانگو پيو نچي.

60. عشق، انڌو (چوڻي، سنڌ)

عاشق کي دنيا جا عيش ۽ عشرتون نظر نہ اينديون آهن. محبوب کان سواءِ دنيا ۾ ڪيس ڪا شيءِ نظر نہ ايندي آهي. تڏهن پٽائيءَ سڳوري فرمايو آهي:

- عشق نانگ اپر، خبر ڪاڏن کي پوي. (شاهہ يمن ڪلياڻ)
- عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن کي پوي. (شاهہ)
- عشق نہ آهي راند، جيئن کيلين ڳيرو. (شاهہ)

61. قِريا، قُريا. (چوڻي، سنڌ)

جيڪي حق جي راهہ تان قري ويا، تن جڻ بئي جهان قُرايا. مستقل مزاجي، ارادي سان استقامت، ماڻهوءَ کي ڪامياب ڪري، منزل تي رسائي ٿي. محنت ۽ اورچائيءَ کان گهبرائڻ نہ گهرجي.

- جي قِريا، سي قُريا.

62. قرض، مرض (چوڻي، سنڌ)

جيئن مرض يا بيماريءَ ۾ ماڻهوءَ جو جسم ۽ پئسا ڳرندا آهن، تيئن قرض ۾ بہ ننڍ حرام هوندي آهي ۽ وياج مٿان وياج چڙهندو ويندو آهي ۽ سندس معيشت، پاڻيءَ جي قوتي وانگر ختم ٿي ويندي آهي. ماڻهو هڪ ڏينهن ڪنگلو ٿي ويندو آهي. اهي بئي، ماڻهوءَ کي اندران ۽ ٻاهران، ڳاريندا ۽ ڪائيندا رهن ٿا.

- قرض اهڙو ڪڻ، جو وري ڏئي سگهجي.
- قرض ڏاران لوڻ ۽ پاڻي بہ چڱا آهن.
- قرض آهي، ڪوڙهہ جو ٽڪو.
- قرض وڏو مرض آهي.

63. ڪامورو: ماڪوڙو. (سرو، چوڻي)

- ڪامورو، ڪچي پنڊي.

64. ڪيچي، ڦاڙجي (سرو، چوڻي)

- سوڙ آهر، پير ڊگهاڙجن.
- وت آهر، ڪم ڪجي.

65. ڪرند، پسند (چوڻي، لاڙ)

جيڪو ماڻهو، ڏوهہ جا ڪم ڪندو، سو اوس انهن جو ڪيتو لوڙيندو. جيڪو چڱائي ڪندو، سو چڱائيءَ جو مزو پسندو. جيڪو برائي ڪندو، سو برائيءَ جي سزا پوڳيندو.

- ڪندو، پريندو.
- ڪندو، پوڄيندو.
- ڪندو، لوڙيندو.
- جو ڪري، سو پري.
- جو ڪمائي، سو کائي.
- جو کيڙي، سو کائي.
- ڪرند، پسند. ڏيند، لهند.

66. ڪرندڙ، ڪاريندڙ (چوٽي، سرائڪي)

- جو آپ ڪري، سو ڏوجهان نون نہ ڪاري.

67. کير، پير (چوٽي، سنڌ)

هر ماڻهوءَ کي جمڻ شرط پهرين خوراڪ کير جي ملي ٿي. کير مڪمل خوراڪ آهي، جيڪو هڪ ئي وقت اڃ بہ لاهي تہ بک بہ ماري ٿو. نبي اڪرم ﷺ جن، جڏهن کير پيئڻ فرمائيندا هئا، تڏهن ان ۾ برڪت لاءِ پڻ دعا فرمائيندا هئا.
سنڌ ۾ انهيءَ سبب ڪري، کير جي عزت پير جيتري ڪئي ويندي آهي. جاهل ماڻهو پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ کير جو بہ قسم کڻندا آهن. جيئن: "هيءُ کير آهي. انهيءَ جو قسم .......... وغيره!"

68. گاسو، خاصو (پهاڪو، سنڌ)

گاسو: گسڻ يا سنگت ۾ کس کائڻ. کس کائڻ هوڻئن بہ چڱو خاصو جگر گردي جو ڪم آهي. اهو فقط صاحبِ دل ماڻهو ئي ڪائي سگهندا آهن. سنگت ۾ گسڻ يا کس کائڻ وارو ئي خاص ٿيندو آهي.

69. ڳئو، ماتا (چوٽي، هندي)

هندو ڌرم ۾ ڳئونءَ کي ماءُ جهڙي حيثيت آهي. ماءُ جو کير جنهن کي پانءِ نہ پوي، تنهن کي ڳئون جو کير ڏيندا آهن. ڇو جو اهو جلد هضم ٿيندڙ ۽ هلڪو ٿيندو آهي. خدا تعالىٰ ڳئونءَ جي کير ۾ بہ ماءُ جي ٿڃ جهڙو اثر رکيو آهي. ڳائو گوشت گهڻو طاقت وارو آهي. جڏهن تہ مکڻ ۽ لسي بہ فائديمند ۽ پرتي نہ ڪندڙ آهن. اهو ئي سبب آهي جو هندو ڳانءِ جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ان کي کهڻ کان پرهيز ڪندا آهن. ماءُ ڪري پوڄيندا آهن.

- ڳانءِ، ماتا.
- ڳئون ماتا.

70. ڳولهيندڙ، لهندڙ. (پهاڪو، فارسي)

جيڪو ماڻهو ڪنهن منزل/ شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جستجو يا محنت ڪري ٿو، سو نيٺ ڪامياب ٿئي ٿو. خدا جي رحمت مان نااميد نه ٿجي ۽ مسلسل محنت ڪجي. خدا تعالىٰ محنت ڪندڙ لاءِ رستو آسان ڪري ٿو ۽ مٿس بند دروازا به کولي ٿو.

- جوينده، يابنده (چوڻي، فارسي)
- من جد وجد (عربي)
- جستجو، لا تقنطوا (قول، عربي)
- جو ڳولهيندو، سو لهندو (پهاڪو، سنڌي)

71. ڳهر، ڳهرانءِ. (پهاڪو، سنڌي)

اهو هڪ فطري عمل آهي ته هڪڙو ماڻهو، ٻئي کي چڱيءَ دل سان ياد ڪندو ته اڳلو به ڪيس چڱيءَ دل سان ياد ڪندو. ڪير ڪنهن سان نفرت ڪندو ته اڳلو به ساڻس نفرت ئي ڪندو. محبت جي بدلي محبت ۽ نفرت جي بدلي نفرت ئي ملندي آهي. ڳهرڻ پائڻ يا عقيدت ۽ احترام وغيره سان، اڳلو به ڳهرندو پائيندو آهي.

- تون ڳهر منهنجي جائي کي، مان ڳهران تنهنجي ڪٺ جي پائي کي.
- فاذڪروني اذڪرڪم (القرآن) پوءِ مون کي ياد ڪر ته مان توکي ياد ڪريان.
- ڳهر ته ڳهرانءِ.

72. ڳهڙيا، اڪريا (پهاڪو سنڌي)

ڪنهن به ڪم ڪرڻ جي لاءِ، سندرو ٻڌڻ ماڻهوءَ جو ڪم آهي، ڪيس پار اڪارڻ خدا جو ڪم آهي. جيڪي ماڻهو سندرو ٻڌي، ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهندا آهن، ڪاميابي تن جا قدم چمندي آهي.

- ڳهڙيا، چڙهيا
- ڳهڙيو، اڪريو
- ڳهڙيا سي چڙهيا، ائين اٿئي. (شاهه، سسئي)

73. لاڙ، ساڙ (چوڻي، لاڙ)

لاڙ ۾، پاڻيءَ جي لاٽ سبب، ڪڏن، ڪوٻن ۾ پاڻي رندبجي بيهي رهي، جنهن تي مڇر جام ٿين. ماڻهو مال کي مڇرن کان بچائڻ لاءِ دونهيون ڪن. جنهن ڪري ماحول تي دونهين جي ڳهُٽ ۽ اثر ٿئي. پاڻي به، ماڻهن سان گڏ مال پئي ۽ گندو ڪري. هوائن تي ڪک ڪاجر به اڏامي اچي بيٺل پاڻيءَ ۾ پون. مڇرن سبب، پاڻي پيئڻ جي ڪري، پيٽ جون بيماريون ٿين. سرءَ جي هوا منهن ساڙ، مٿان مڇرن جي مار، دونهون ۽ ساهه ڪٽڻ ۾ تڪليف. انهن جملي تڪليفن سبب لاڙ کي ساڙ سڏيو ويندو آهي.

- لاڙ آهي ساڙ، ٻيو مڇرن جو آزار.  
  اندر منگهڻ ڪارڙا، ٽيون ٻاهر ماڪ ماري.
- لاڙ آهي ساڙ، تنهنجو ڪيان ڪهڙو وستار،

`

پاٽيءَ ۾ آھن پونئرا، جو پيئي سو بيمار،
بديڻو آھي بچڙو، رکي رب ستار،
ٻيئڙ ٽيئڙ جو ڦھڪو ڏاڍو، ھيانچي جو آزار،
ٽندو ٻاگو بچڙو، آھي بديٽي جو يار،
ڪن ڪي سور لڱن ۾، ڪن جو ڪڙھي ڪاپار.

(پيرومل مھرچند آڏواڻي، سنڌ جو سيلاني، ص 114 تان ڪنيل)

74. لالچي، لانتي (چوٽي، سنڌ)

75. لچارو، بڪارو (چوٽي، سنڌ)

76. لچائي، بادشاھي (پھاڪو، سنڌي)

بي شرم ۽ لچ ماڻھو، ھرھڪ ڪان ڏاڍو ھوندو آھي. بادشاھ بہ ھرھڪ کان ڏاڍو ھوندو آھي. انھيءَ ڪري، بي حياءَ کي بادشاھ سڏيو ويندو آھي. جڏھن بي حيا ماڻھو ڪنھن کي تنگ ڪندو آھي تہ ساڻس ڪير بہ ڪُجي نہ سگھندو آھي. جنھن کي تنگ ڪندو آھي، سو نہ ڪجھ جو عذر اھو پيش ڪندو آھي: “فلاڻو تہ ادا بادشاھ آھي، ان سان ڪير ڪڇي!”

- بي حيائي، بادشاھي.
- بي لڄو، ڪتو بہ چڱو نہ.

77. لوچيندڙ. لھندڙ. (چوٽي، سنڌ)

دنيا ۾ ھٿ پير ھڻڻ ڪانسواءِ، ڪا بہ مراد حاصل نہ ٿي ٿئي.

- لوچين سي لھن لعل ڪي، لطيف چئي.

78. ليکو، چوکو( چوٽي ،سنڌ)

ھي ٻٽولفظ پڻ آھي. جيڪو ورجيس جي طورتي ڪتب بہ ايندو آھي، ھتي پھاڪي طور ڏنووجي ٿو. دوستيءَ۾حساب سڌو رکجي، سنگت سات ۾ حساب ڪتاب چوکو رکڻ سان قوت نہ پوندي آھي.

- ليکو آچوکو، چوکي آ پريت

79. ماچي، ناچي (چوٽي، لاڙ)

ٽرڙو ۽ ھلڪڙو ماڻھو، جڏھن ڪائي پي ماچ ڪندو آھي، تڏھن دڙيون ٽپندو آھي ۽ ناچ ڪندو آھي.
ڪم عقل ماڻھوءَ کي دولت يا طاقت ھٿ اچي تہ پوءِ غريب-مارڪندو آھي.

`

- مينهن ڪائي هوريان هلي، رڍ ڪائي نينگ ڏئي.
- ڪاچي ته ماچي، ماچي ته ناچي

.80 مار، سنوار(چوٽي، انگريزي)

استاد جيڪڏهن شاگرد کي اک نه ڏيکاريندو ته شاگرد اُڌرندو ويندو ۽ پڙهندو ڪونه. استاد جي مار شاگرد کي سنواري سگهي ٿي.

- استاد جي مار سنوار آهي.
- سبر سوٽي هجي ساڻ، ته گڏهه گوهي نه ڪري.
- لڪڙيءَ جو صرفو ڪبو ته ٻار ڪريو.
- Spare the rod, Spoil the child

.81 مالڪ، مالڪي. (چوٽي، سنڌ)

هر شيءِ جي سنڀال جيتري مالڪ ڪندو آهي، اوتري نوڪر نه ڪري سگهندا آهن. نوڪر کي فقط پنهنجي پگهار سان سروڪار آهي. جڏهن ته مالڪ کي مال جي سمورين گهٽ وڌاين جو اونو آهي. جيئن اڪثر ماستر شاگردن کي، دڙڪا ڏيندا آهن: ”چورا پڙهو نه پڙهو، آڱوٺي تي چڙهو. اسان جو آهي پهرينءَ تي پگهار ڪڙو!“، مطلب ته سندن دل پگهار ۾ ۽ اک گهڙيال ۾ رهندي آهي. ڪڏهن ٽو ٽائيم پورو ٿئي ۽ ڪڏهن ٽا پئسا ملن.

- مالڪ ته مالڪي.
- ڏڻ ته ڏٽي نه ته وڪڻ ڪٽي.

.82 مال، لال (چوٽي، ٿر)

.83 مايا، ڏوتي. (چوٽي، هندي)

.84 مايا، ڏائڻ. (چوٽي، سنڌ)

.85 محبتي، محنتي. (چوٽي، سنڌ)

- محنتي، محبتي.

.86 مُڙيا، جُڙيا. (چوٽي، سنڌ)

ڪنهن به اٽائي معاملي ۾، جنهن ۾ جان ڪي خطرو هجي، هٿ نه وجهجي. جيڪڏهن ڪو ضد تي چڙهي، ڪُڏي پوندو ته ڇيهو رسندس. اهڙي طرح جيڪو ضد تان لهي، مڙي ويندو سو ئي فائدي ۾ ويندو، بخشڻ ۽ صبر ڪرڻ وارو ئي دنيا ۾ سرهو ٿو رهي.

- جو مڙيو، سو جڙيو.
- جن ڇڏي دعوىٰ، سي ٿيا سدا ساوا.

87. ميڙيندڙ، منا. (چوٽي، سنڌ)

88. نوڪري، ٿوڪري. (چوٽي، سنڌ)

نوڪري ڪرڻ سان عزت وڌي نه ٿي. ان ۾ هر حڪم مڃڻو ٿو پوي. پنهنجي دل جي مرضي نه ٿي هلي. جيئن گند جي ٿوڪري مٿي تي رکڻ سان ڪنڌ ازخود هيٺ ٿي ويندو آهي، تيئن نوڪريءَ ۾ به ڪنڌ هميشه جهڪيل ئي هوندو آهي .

- نوڪري، ڪن جي ٿوڪري.
- نوڪري، گند جي ٿوڪري.
- نوڪري، گونهن جي ٿوڪري.
- اتم کيتي، وڌنت واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار

89. نوندين، لهندين. (چوٽي، سنڌ)

نوڻ: جهڪڻ، هينانهين ڪرڻ يا محنت ڪرڻ. جيڪو محنت ڪندو ۽ ٻين سان نوڙت وارو رستو هلندو، سو نيٺ ڪامياب ٿيندو. نوڙت سان دشمن کي به پنهنجو ڪري سگهجي ٿو. آڏ وڏائي ڪرڻ واري کي پنهنجا به ڇڏي ويندا آهن.

- نوڙت سان مرتبو وڌي ٿو. تڪبر سان گهٽجي ٿو.
- نمُ، ٿيئي ڪم.

90. نياٽي، نماٽي. (چوٽي، سنڌ)

جيڪو ڪيچي نه سگهي، تنهن کي نماڻو چئبو آهي. نياٽي، ڪيچي نه سگهڻ جي علامت آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪن معاملن کي نبيرڻ لاءِ ڪي ماڻهو نياٽي ميڙ ڪري ايندا آهن. جنهن جو مطلب هوندو آهي ته اسان جي ڪچڻ جي وات ناهي. سندن نياٽي ميڙ ڪرڻ ڪانپوءِ، معاملو هڪ دم رفع دفع ڪيو ويندو آهي. چو جو ازي مڃي، جهڳڙو ٽٽو.

- نياٽي، آهي نماٽي.
- نياٽي، ست قرآن.

91. وارا، ڄمارا. (چوٽي، سنڌ)

جهڙو ورتاءُ ڪبو، اڳلو بہ اهڙو ئي ڪندو. چڱائي ڪبي تہ پاڻ سان بہ چڱائي ٿيندي، برائي ڪبي تہ پاڻ سان بہ برائي ٿيندي.

- جتيءَ ڪي بہ وارو آهي.

92. وار، ڏارا. (سرو، چوٽي)

وارو يا موقعو: ڏاري يا ڪُٽي وانگر آهي. پُکي/ ڪُٽي ۾ آيل شيءِ وانگر وارا بہ هوندا آهن. ڪين هٿان نہ وڃائجي.

93. وارا، ڦيرا. (سرو، چوٽي)

وارو يا موقعو، ڦير يا تبديلي جي نشاني بہ آهي. جڏهن قسمت ڦيرو کائي تہ منجهانئس پرپور فائدو ونجي.

94. وارا، نيارا. (سرو، چوٽي)

وارو يا موقعو نئين شيءِ وانگر آهي. نئين هٿ آيل شيءِ مان پرپور فائدو وٺڻ گهرجي.

95. وڏو، جڏو. (چوٽي، سنڌ)

جڏو ماڻهو، زور بار وارو ڪم ٻين کان ڪرائيندو آهي. گهر جو وڏو، پيءُ يا ياءُ بہ زور وارو ڪم ننڍن کان ڪرائيندو آهي. پاڻ ڪٽ تي وينو هوندو آهي. انهيءَ سبب ڪري وڏي کي بہ جڏهن ڪوٺيو ويندو آهي.

96. ويجهي، ڪوجهي. (پهاڪو، سنڌ)

هر شيءِ پري کان ئي خوبصورت لڳندي آهي، ويجهو اچڻ کان پوءِ، سندس سوين عيب ظاهر ٿي پوندا آهن.

- دور ڪي ڍول سهاني بجتي هين.
- گهر جو پير، چلهہ جو مارنگ.
- گهر جي مرغي، دال برابر.
- گهر جو ياڻيڻ ٻئل برابر.
- مکي، گهر جو ڏُکي.
- ويجها، ڪوجها.
- ويجهو، ڪوجهو.

97. ويڙها، جهيڙا. (چوٽي، سنڌ)

جيڪي ماڻهو ويڙهن جي صورت ۾ گهر اڏي ويهن ٿا، تن ۾ ثوري گهٽي ويجهڙائپ تہ رهي ٿي، پر منجهن جهيڙا جام ٿين ٿا. جيڪي ماڻهو پنهنجي گهر جو بنيو الڳ ناهي ويهن ٿا، تن ڪي

ٿوري گهٽي اڪيلائپ تہ محسوس ٿئي ٿي پر ڀين سان سندن جهيڙا گهٽ ٿا ٿين.

- ويڙهو، جهيڙو.

98. هاٿي، ساٿي. (پهاڪو، اردو)

وقت تي هٿ واري ملڪيت ئي ڪم ايندي آهي. دوست يار، مٽ عزيز، سڀ جتي جان ڇڏائي ڀڄي ويندا، اتي پنهنجي هٿ وس واري ملڪيت ئي ڪم ايندي آهي.

- جيڪا هٿ ۾ آهي، سا ئي ساٿ نڀائيندي.
- پنهنجيءَ ۾ هٿ، پرائي ۾ اکيون.
- جو هاٿي، سو ساٿي.

99. هجتي، لعنتي (چوڻي، سنڌ)

هجائتو ماڻهو، وقت مصلحت بہ نہ ڏسندو آهي. ڳالهائيندو تہ اڻ سوچيو (Blunt) ڳالهائيندو. سوچي سمجهي (Sharp) نہ ڳالهائيندو آهي. انهيءَ سبب ڪري ڪانئس نفرت ۽ ڌڪار پيدا ٿيندي آهي ۽ پري ٿيندو ويندو آهي.

- هجائتي ڪتي، حُجري ۾ هنگي.

100. هَريو، پَريو. (چوڻي، زرعي)

101. هِريو، ڦِريو. (چوڻي، سنڌ)

102. هنر، نر (چوڻي، سنڌ)

هنر بمشابہ ڪمائيندڙ جي آهي ۽ نر بہ ڪمائڻ جي علامت ۽ نقصان نفعي جو ذميوار آهي. اهو ئي سبب آهي جو هنر واري کي نر چيو ويو آهي.

- بي هنر، بيڪار.
- هنر وارو ڪتي بہ ڌاريو ناهي.
- هنر وارو نر آهي، بي هنر ڪر آهي.
- هنر واري جو هنر، بي هنر جي جند.

# هاڪاري ناڪاري لفظن جي جوڙي تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون

سنڌي زبان جي حيثيت، بين الاقوامي ٻولين جهڙي آهي. منجهس علم ادب وارين سمورين خوبين/ خصوصيتن سان گڏوگڏ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي لفظن/ محاورن کي هضم ڪرڻ ۽ سندن نعم البدل ڄڻڻ جي به وڏي سگهه موجود آهي. ان ڪان علاوه ٻين ڪيترن علمن کي سمائڻ ۽ سميٽڻ جو به ڏانءُ اٿس. انهيءَ سان گڏوگڏ، وٽس پنهنجو به وسيع لوڪ ادب سرجيل آهي ۽ ان جي ڄڻڻ/ سنڀالڻ جون به گوناگون خوبيون اٿس.

لوڪ ادب جي شاخن منجهان هڪ شاخ "پهاڪا ۽ چوڻيون" آهي، جيڪا وڏي اهميت جي حامل هوندي آهي، وڏي ۽ ويڪري تاڃي پيٽي سان اُڻيل آهي. منجهس بي انتها وسعت به آهي ۽ ڪيترن ئي رنگن/ گلن جي جڙاوت به مٿس ٿيل آهي.

رنگن جي اهڙي ئي هڪ ٽڪسالي، پهاڪن/ چوڻين جو انتهائي ننڍڙو روپ آهي. سنڌي زبان ۾ ايترا ته ننڍڙي روپ وارا پهاڪا آهن، جن جو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي.

مثال طور:

- آساني، مسلماني.
- گهڙيا، چڙهيا.
- ڳوليندڙ، لهندڙ.
- ڏي، ڏر . وغيره

مٿي پيش ڪيل مثال وارين چوڻين/ پهاڪن بابت، اڳيئي ڄاڻ ڏئي چڪا آهيون. هتي فقط اهڙن پهاڪن/ چوڻين بابت ڄاڻ ڏجي ٿي، جيڪي پڻ انتهائي ننڍڙو روپ رکندي، هاڪاري ۽ ناڪاري لفظن جي جوڙي تي مشتمل آهن.

هاڪاري ناڪاري لفظن جي جوڙي تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون، بظاهر ته ناڪاري ٻڻن لفظن تي مشتمل ورجيس وانگر نظر ايندا آهن. دراصل ائين هوندا ناهن. ٻنهي ۾ فرق آهي. پهاڪو پنهنجي اندروني معنىٰ ۾ سبق آموز نقطو رکندي هڪ مڪمل جملو هوندو آهي. جڏهن ته ورجيس به پنهنجي ظاهري معنىٰ کان سواءِ اندرين معنىٰ رکندي آهي پر مڪمل جملو نه هوندي آهي.

ظاهري طرح، هاڪاري ناڪاري لفظن جي جوڙي تي مشتمل پهاڪن/ چوڻين جهڙي نظر ايندڙ ورجيس کي، پهاڪي کان الڳ ڪرڻ جي فقط اها ئي هڪ ڪسوٽي آهي.

ناڪاري ٻڻن لفظن تي مشتمل ورجيس جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

- نه ٻن ۾، نه ٽن ۾
- نه رن، نه روڳڙي
- نه ڏهڻ جو، نه ڪهڻ جو
- نه گهر جو، نه گهاٽ جو

- نہ اٿو، نہ لٿو
- نہ امڻا، نہ گمڻا
- نہ امان، نہ گمان ، وغيره .

مٿي ڏنل ورجيسون (Phrases) مڪمل جملو ناهن. جملي جو جُز آهن. جملي جو جز هوندي بہ منجهن نقطو سمايل آهي ۽ ٻيءَ معنىٰ ۾ استعمال هيٺ اچن ٿيون. ان ڪري ڪين ورجيس سڏجي ٿو. ڪين پهاڪو نہ تہ سڏجي.

هاڻي اچون ٿا، انهن پهاڪن ۽ چوڻين تي، جيڪي هاڪاري ۽ ناڪاري لفظن جي جوڙي تي مشتمل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي وسيع ميدان مان، نموني طور هڪ مُٺ ڀري، پڙهندڙ آڏو پيش ڪجي ٿي.

### 1. اشتداقي، نہ خالي. (فارسي، چوڻي)

اشتداقي/ صبح سان سوير ننڊ مان اٿندڙ، ڪڏهن بہ جسماني/ مالي طور تي خالي/ خلاص نہ ٿيندو.

سوير اٿڻ، صحت لاءِ تہ سٺو آهي تہ پر بخت لاءِ بہ ڀلو آهي. جيڪو صبح سان سوير سمهي پوي ٿو، ان جو بخت بہ سوير ئي سمهي پوي ٿو. هر ڏنڌي وارو، جيڪڏهن صبح مردان جو اٿي، ڏٽيءَ کي ٻاڏائي ڏنڌي تي نہ چڙهندو تہ بخت بہ نہ ورندس. ان لاءِ ضروري آهي تہ پهرين ڏنڌي ۾ نر ڀڃي ڪري، ان ڪانپوءِ ڀلي آرام ڪري .

مطلب :

1-1 اشتداقي، نہ خالي. زاني، نہ مالي. (فارسي)
1-2 صبح جا سائين، ٻيڙا ٻني لائين.
1-3 صبح جي ناري، نہ ڏينڊءِ ڏک نہ بيماري،
ڏيار ڪي هزاري، چڙهي ڪيون هسواري.
1-4 صبح جو نر ڀڃي، وڃي رن روئڻي.

### 2. انڌو، بي ايمان (ساهتي، چوڻي)

انڌو: اکين کان وڌو/ نابين هئڻ سبب، هر معاملي ۾ ڏکيائي محسوس ڪندو آهي. اکين ۽ هٿن جا اشارا ڏسي نہ سگهندو آهي. ان ڪري شڪي مزاج هوندو آهي. هر ڳالهہ ۾ شڪ ڪرڻ وارو، نہ ڪنهن تي اعتبار/ پت ڪندو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن کي سچڻ سمجهندو آهي. هر ڪنهن کي دشمن سمجهي، نہ مٿس ويساه رکندو آهي ۽ نہ ئي ايمان رکندو آهي. ڪيڏو بہ مٺ مائٽ سچو ۽ سڄڻ هجيس، پر پنهنجي شڪي مزاج سبب، ڪيس دشمن پيو ڄاڻندو آهي ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ تي اعتبار گهٽ ايندو اٿس.

انڌو، چاهي ظاهري اک جي لحاظ کان انڌو هجي يا باطني اک جي لحاظ کان، ٻنهي طرح سان شڪي مزاج، بدگمان ۽ بي ايمان هوندو آهي. ٻين ۾ شڪ ڪرڻ سبب، ساڻن ڪيل ورتاءَ/ معاملي/ واسطيداريءَ ۾ بدگمانيءَ/ بي ايمانيءَ ۾ وڌي وڃڻ تي ويندو آهي ۽ هرڪو ڪيس بي ايمان

`

پيو سڏيندو آهي.

مطلب:

2-1 انڌو، اونڌو.

2-2 انڌو، انوماني

2-3 انڌو، بدگمان

### 3. انڌو اڻ سهو (ساهتي، چوٽي)

انڌو، ظاهري/ باطني اک کان وڌو هئڻ سبب، شڪي مزاج/ بي ايمان هوندو آهي. جنهن ڪري ڪنهن جو ڪک پيو به ڪين سهندو آهي. ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي رسندو ۽ الجهندو، چڙندو ۽ جهيڙو پيو ڪندو آهي.

خار مان بدلو به اهڙو ته بري نموني پاڙيندو آهي جو الامان والحفيظ. اهڙو ته اوٺائتو ڏک هٽندو، جو اڳلي جو سر ئي چٽ. هونئن به انڌي جو ڏک، چئي بس ڪر. ماري يا ڪاري. انڌي جو بک به خراب. پرائيءَ شيءِ تي جلد قبضو ڪري ويندو. اکين سان نه ڏسڻ ڪري، نه شرم اينديس ۽ نه حياءُ. پورو بي حياءُ ٿي بيهي رهندو ۽ سندس انهيءَ روش ڪري، هرڪو ساڻس نفرت ڪندو آهي.

مطلب:

وقت تي بي حيا ٿي پوڻ/ انڌو ٿي پوڻ، نه سهائپ جي نشاني آهي.

پيٽيو: سپهو، نه وسهو.

### 4. انڌو اڻ سونهون (سنڌ، پهاڪو/ چوٽي)

پرديسي/ مسافر، ڪيڏو به چالاڪ، هوشيار ۽ هٿيارن سان ليس هجي، تيستائين منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندو، جيستائين سونهون نه هوندو يا سونهون ساڻ نه ڪٽندو. ان جي برعڪس پيادو مسافر، سونهون هئڻ سبب، جلد منزل تي پهچي ٿو. جڏهن ته اڻ سونهون، سواريءَ هوندي پٽڪي وجي ٿو ۽ منزل تي ئي نه ٿو رسي .

انڌو/ اڻ ڄاڻ/ بيوقوف به پنهنجي اندر ۾ اڻ سونهين وانگر آهي. يا ائين ڪٽي چئجي ته ڪيس ڪوبه سونهون ناهي.

جيئن ڪوبه اڻ واقف، سونهي/ رهبر/ گائيڊ ڪانسواءِ، منزل تي رسڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندو، تيئن انڌو به اڻ سونهين/ بنا رهبر وانگر، منزل رسيد نه ٿيندو. انهيءَ ڪري انڌي جي حيثيت، بنا رهبر/ بنا اڳواڻ/ بنا پيشوا/ بنا مرشد واري مسافر/ پانڌيئڙي جهڙي آهي.

مطلب:

4-1 جي گهر ڏياٽي انڌي هوندي ته گهر جا ٿانءَ ٿپا سپ پيچي چڏيندي.

4-2 انڌن ملتان لڌو آهي . (ابتو)

### 5. بکيو، بي ايمان (ساهتي، چوٽي)

بک/ غربت/ اڻ هوند، ماڻهوءَ کي پريشان ڪري ٿي. جنهن سبب انسان آپي کان ٻاهر نڪريو وڃي. بک سبب ٻچڙا ڪم ڪندي بہ دير نہ ٿو ڪري. جڏهن تہ ايمان واري ماڻهوءَ کي اهي ڪم نہ ڪرڻ گهرجن.

ايمان وارو ماڻهو، جن ڪمن کي برو/ ٻچڙو پيو سمجهندو، بکيو ماڻهو تن کي، پيٽ/ غرض خاطر، چڱو سمجهي پيو ڪندو. جيڪي برايون/ بدڪاريون دنيا ۾ موجود آهن، سي سموريون بک/ سڃائيءَ سبب آهن. جيڪڏهن مڙني جو پيٽ پريل هجي، تہ نہ ئي ڪا برائي ٿئي ۽ نہ ئي ڪا ترقي ٿئي. سيني جا غرض بک جي ربط سان سلهاڙيل آهن ۽ ائين ئي حل ٿين ٿا.

انهيءَ نندڙي آزمائش مان دل وارا پار پئجيو وڃن. جڏهن تہ بکيا/ سڃا ماڻهو بي ايماني ڪندي دير بہ نہ ٿا ڪن.

مطلب:

5-1 بکيو، ڏکيو
5-2 هڪڙا بکيا، ٻيو نالا ڏکيا
5-3 بندو، گندو
5-4 غريبيءَ کي سؤ عيب
5-5 سڃا پني پيهن، روئي رنڍين، خارن مان ڪائين
5-6 بک ٻچڙو ٽول، دانا ديوانا ڪري
5-7 رڍ ٻچڙي ٿئي بک کان
5-8 رڍ کان پڇيائون : "ٻچڙي ڇو ٿي آهين"؟ چي: "بک کان!"
5-9 غريب برو فعل ڪرائي، سيڪو چوندو:"بک ٻي حال ڪيو اٿس!" امير ڪرائي تہ ڪير بہ نہ ٽوڪيندس. هٿائين هرڪو چوندو: "امير ماڻهو آهي، عيش ٿو ڪري!"
5-10 ان، ايمان (ابتو)

**6- بي حيائي، بادشاهي (سنڌ، پهاڪو)**

بي حياءُ/ بي حجاب ماڻهو، پنهنجي مڙني حرڪتن ۾، بادشاهه وانگر آهي. نہ ڪيس ڪير ٽوڪي سگهندو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن جي روڪ ٽوڪ ۾ ايندو آهي. هر ڪم پنهنجي مرضيءَ سان ڪندو آهي ۽ ٻين کي زوريءَ مڃرائيندو آهي. بادشاهن جا بہ اهي ئي يڪم آهن. جيڪو جيءَ ۾ اچين، سو مڃرائين. ان تي عمل پيرا نہ ٿيڻ واري کي سزا بہ ڏيارين. حڪم جي تعميل ۾ ٿوري بہ ڪوتاهي برداشت نہ ڪن.

مطلب:

6-1 شينهن شير خدا جو، وٽيس تہ ٻچو ڏئي، وٽيس تہ بيدو ڏئي.
6-2 ٻار، بادشاهه آهي.

**7- بيمار، بي ميار (سنڌ، چوڻي)**

بيمار/ عذر وارو/ معذور/ لاچار ماڻهو، جيڪڏهن ڪن ڪمن ۾ ڪمي/ ڪوتاهي ڪري تہ

مٿس ڪابہ ميار/ ڏوراپو نہ ايندو. ڇو جو ميار ان تي ايندي آهي، جنهن جي نيت ۾ خلل هوندو آهي. بيمار ماڻهوءَ جي ڪوتاهي، سندس نيت جي خرابيءَ سبب ناهي، بلڪ جسماني بيماريءَ/ خرابيءَ سبب آهي. هو انهيءَ تي وس وارو ناهي. بي وس ماڻهوءَ وٽ جائز عذر آهي. اهو ٻڌڻ جوڳو ۽ معاف ڪرڻ جوڳو آهي.

ان جي برعڪس، تندرست ماڻهو، ڪنهن ڪم ۾ ڪوتاهي ڪري تہ وٽس ڪوبہ جسماني عذر ناهي. سندس عذر ان ڪري نہ ٻڌبو جو سندس نيت ۾ خلل تي سگهي ٿو. ان جي برعڪس بيمار/ معذور جي نيت ۾ ڪوئي شڪ/ خلل نہ ٿو ٿي سگهي. عذر سبب مٿس ڪا ميار ناهي.

مطلب:

7-1 لاچار کي آچار ڪونهي

7-2 لاچار کي ڪهڙو آچار

7-3 لاچار کي سڀ روا آهي

7-4 لاچاري، بڇڙي بلا آهي

7-5 بي وس بار، انن بہ ڇڏيا آهن.

**8- ٻاليتو، نہ ماليتو. (هندي، چوڻي)**

ٻاليتي : ٻارن واري/ وَڏ آکهي وٽ، پويان ڪائڻ وارا گهڻا هوندا آهن. وٽس پلي ڪيتري بہ گهڻي ڪمائي/ ميڙا چوندي چونہ هجي. پر جلد ئي ڪائي کپائي ويندو ۽ بچت/ پاڇي ڪين رهندس.

ڪتاب گلشڪر ۾، ديوان ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻيءَ هڪڙو مثال ڏنو آهي، جيڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

هڪڙي اشراف ماڻهوءَ، هڪڙي سکيي ستابي کان قرض طور ڪجھ رقم گهري، جيڪا اڳلي نہ ڏنس. ٻنهي جي ڄاڻوءَ سکيي کي چيو: ”گهرڻ وارو رڄ اشراف آهي. ورتل پئسا ڪين کائيندو. جيئن ئي ٿيندس، موٽائي ڏيندو. هن وقت کيس ضرورت آهي. وقت ۾ سندس مهل ڪرڻ گهرجي!“

سکيي دليل ڏيندي کيس چيو:”ادا! اڳلو بيشڪ اشراف آهي، ٿيندي تہ بلڪل موٽائي ڏيندس. پر ٿيندس ڪيئن؟ پويان ڪائڻ واري وڏي آکھ اٿس. سا ماڪڙ وانگر سموري ڪمائي کائي چٽ ڪندي ويندس. بچت تہ ٿيندس ئي ڪانہ. سو قرض موٽائيندو ڪٿان؟“

مطلب:

8-1 هِل جي آکيري ۾ ماس ڪيڏانهن آيو؟

8-2 ماريءَ جي گهر، هڏن جو ڍير

8-3 شرابيءَ وٽ مال نہ مِڙندو

8-4 زاني، نہ مالي

- پيٽو، سوالي، نہ خالي.

**9- پچندڙ، نہ منجهندڙ. (سنڌ، پهاڪو/ چوڻي)**

ڪو بہ انسان، ماءُ جي پيٽان سکي نہ آيو آهي. هر ڪو دنيا ۾ ڏسي ڏسي ۽ پڇي پڇي هلي ٿو. جيڪو ماڻهو، پڇي پڇي پوءِ ڪم ڪري ٿو، سو ڪنهن بہ ڪم ۾ منجهي نہ ٿو.

علم ڇهن حواسن: ڇهڻ، چکڻ، سنگهڻ، ڏسڻ، ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ سان وڌي ٿو. انڻ ڏٺي ڏيهہ ۾ پهچڻ يا ان کي ڳولڻ، اکين/ ڏسڻ کان سواءِ ممکن تہ نہ آهي. تنهن هوندي بہ استاد/ رهبر جي ضرورت پوي ٿي. جيڪڏهن رهنمائي حاصل نہ ڪبي تہ انڌي وانگر ٺاڻوڙا هڻن ۾ وقت وڃائي ڇڏبو ۽ منزل مُور هٿ نہ ايندي.

زماني جون ضرورتون/ گردشون، ماڻهوءَ کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، هڪ ماحول کان ٻئي ماحول ۾ رلائيندڙيون رهن ٿيون. رلڻ گهمڻ سان دماغ کلي ٿو ۽ ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ٿو.

اُت ڪتابن جو پڙهڻ واري، جيڪڏهن گهميو ڦريو ناهي تہ وٽس ايترو يقين ناهي، جيترو گهٽ پڙهيل گهمندڙ وٽ آهي. گهمڻ سان تجربا/مشاهدا ٿين ٿا، جيڪي ڪتابي علم ۾ حاصل نہ ٿا ٿين. ڪتاب ۾ اهو علم آهي، جيڪو لکيل آهي. وڌ نہ گهٽ. سمجهہ ۾ اچي يا نہ. جڏهن تہ پڇڻ/ گهمڻ ۾ اهو علم آهي، جنهن جي ضرورت آهي/ جنهن ۾ دلچسپي آهي/ جنهن لاءِ تانگهہ آهي. گهرج واريءَ شيءِ جو علم، يقين سان گڏ حاصل ٿئي ٿو. ڪتابي علم وسريو وڃي. رلي پني حاصل ڪيل معلومات، دل تي اُڪرجيو وڃي. اهڙي معلومات حاصل ڪرڻ وارو ماڻهو، ڪٿي بہ منجهي نہ ٿو.

مطلب:

9-1 پڇڻا نہ منجهڻا، منجهڻا تہ مرڻا

9-2 پڇائيندي پڇائيندي، انڌن ملتان لڌو هو

9-3 پڇي پڇي، هرڪو وات لهي ٿو

9-4 جنهن جو استاد ناهي، تنهن جو بنياد ناهي

9-5 زمانو آهي ڌڪڻ، پيو ٿو ماڻهوءَ کي گهڙي ۽ ناهي

9-6 گهٽي پڇ پڇ، بيزار ڪندي آهي (ابتو)

9-7 جيترو پڇڻ، اوترو منجهڻ (ابتو)

9-8 جيترو پڇندين، اوترو منجهندي (ابتو)

9-9 سؤ رستا، سؤ مشڪلاتون پيش ڪن ٿا (ابتو)

**10- جستجو، لا تقنطوا (نصيحت، چوڻي)**

جستجو/محنت/ڳولا ڪرڻ، تمام اوکو ڪم آهي. خاص ڪري نئين ۽ انڻ ڏٺل ڏيهہ/ ميدان ۾ تہ اجا اوکو آهي. توڪل جو ترهو ٻڌي/ خدا ۾ آسرو ۽ اميد رکي، محنت ڪرڻ وارا ئي ڪامياب ٿين ٿا/ منزل ماڻين ٿا. محنت تہ چور جي بہ خدا تعاليٰ ڪونہ ٿو وڃائي. ان کي بہ ڀرپور موقعو ملي ٿو، جنهن ۾ هو پنهنجي خواهش/ دل تي ڪم ڪري ٿو. گند جي ڍير تان ڪاغذ ميڙيندڙ کي بہ محنت جو مُلهہ/معاوضو/ ڦل مليو وڃي ٿو.

تنهنڪري هر ماڻهوءَ تي واجب آهي تہ اڻ ٿڪ محنت ڪري. معاوضي جي لالچ ۾ منجهي نہ بيهي. محنت مان بيزار نہ ٿيڻ گهرجيس. معاوضي ۽ منزل، ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي اميد، خدا

۾ رکي. خدا ۾ اميد نہ رکڻ ناشڪري آهي. ناشڪري، ڪفر آهي. نااميدي بہ وڏو گناهہ ۽ ڪفر آهي. خدا تعالىٰ مان نااميد نہ ٿيڻ گهرجي.

هاڻي سمجهہ ۾ آيو تہ ماڻهوءَ کي بہ ڪم ڪرڻا آهن: هڪ محنت، ٻيو خدا ۾ اميد. ڪيس بہ ڪم ناهن ڪرڻا: هڪ سُستي، ٻيو نااميدي.

مطلب:

10-1 جاسين جيءُ، تاسين سڪ

10-2 تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي

11- **چٽهو، نہ وسهو (سنڌ، پهاڪو)**

چٽ: اڻ پڙهيو/ جاهل، هندو، مسلمانن کي چٽ ڪوٺيندا هيا ۽ مٿن ويسهہ ڪونہ ڪندا هيا.

چٽ/ جاهل ماڻهو، موقعي مهل جي نزاڪت نہ سمجهندو آهي. ڪيس پنهنجو مطلب عزيز هوندو آهي. مطلب خاطر، رشتا ناتا ٽوڙيندي دير ئي نہ ڪندو آهي. هر وقت ساڻس، مصلحت آميز رويو رکڻ گهرجي.

چٽهو، نہ وسهو، وسهو تہ مُسهو.

ٻيٽيو: سپهو، نہ وسهو.

12- **چرس، بي ترس (سرو، چوٽي)**

نشيدار شيون جهڙوڪ: چرس، ڀنگ، شراب، آفيم، ڏوڏي ۽ هيروئن وغيره واپرائڻ سان ماڻهو دنيا وما فيها کان غافل ٿيو وڃي. ان غفلت سبب، ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ جهڙا رشتا تہ وسريو وڃن پر منڊڙي مالڪ ۽ پنهنجي پياري جان بابت بہ سُڌ نہ ٿي رهي. سمجهہ ۾ آيو تہ نشو، انسان جو ازلي دشمن آهي.

نشو جڏهن عادت وانگر عضوو ٿي ويندو آهي تہ ان کي ڪٽي ڦٽو ڪرڻ ناممڪن ٿي پوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهوءَ جي ڇا ڪيفيت هوندي؟ جان ڇڏائڻ چاهي تہ ڇڏائي نہ سگهي. رشتا ناتا اڳ ٽٽي ويس. پنهنجو پاڻ ۽ حال تباهہ ٿي ويس. اهڙو ماڻهو، جڏهن ڏوبر لاهي، عام سامهون ايندو آهي تہ مٿس ڪنهن کي بہ ڪهل/ ترس نہ ايندو آهي. جيڪو پنهنجي حالت بدلڻ لاءِ تيار ناهي، ان جي حالت تہ مالڪ بہ نہ ٿو بدلي.

نشو، نشئيءَ کي هڏ حرام ڪريو ڇڏي. هڏ حرام ٿيڻ بعد، ماڻهو عزت ۽ غيرت کان ڪريل ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿو. غيرت/ عزت کان ڪريل ڪم، جيڪو ڪرائي، تنهن کان وڌيڪ ڪو دشمن نہ ٿو ٿي سگهي. ان کان وڌيڪ ڪو بي رحم نہ ٿو ٿي سگهي.

جنهن شيءِ جي استعمال کان پوءِ، جان جو خيال نہ رهي، ننگ ناموس جو احترام نہ رهي، خد اجو خوف نہ رهي. ان کان وڌيڪ ڪو ظالم/ بي ترس ٿي سگهي ٿو؟

12-1 ڀنگئي دي جوءِ سدا سهاڳڻ، آفيمي دي جوءِ رووي،

ڪئفي دي جوءِ ايوين آکي: ”ماريا هت نہ هووي.“

12-2 ڀنگئي جي زال لاڏ ڪري، آفيمي جي روئي،

چرسيءَ جي ائين چوي، ”ماريو هٽ نہ هووي!“

12-3 چرسي نہ مرسي، مرسي تہ ڏون ٽراءِ گهن مرسي. (ابتو)

12-4 پيئون تا چرس، گهمئون تا عرش. (ابتو)

12-5 نشو تو سُرڪي، محبوب تو مُرڪي،

ملو تو ڪُرڪي، چڻ پڙس جي تا پيئون. (ابتو)

**13- چرسي، نہ مرسي (سرائڪي، چوڻي)**

جيڪو چرندو، سو نہ مرندو.

چَرڻ/ ڪاڌ خوراڪ ملڻ سان، هر شيءِ زنده رهي ٿي. ٻيءَ صورت ۾ مريو وڃي.

- پيٽيو: چرند، نہ مرند.

غلط العام ۾، اها چوڻي، پنهنجي مطلب آهر موالي هيئن استعمال ڪندا آهن .

چرسي، نہ مرسي. (چرس پيئڻ وارو نہ مرندو)

مرسي تہ ڏون ٽراءِ گهن مرسي. (مرندو تہ ٻہ ٽي ساڻ گهلي مرندو)

اها تہ حقيقت آهي تہ چرس پيئڻ وارو، گهٽن کي گهلي مرندو. باقي رهيو سوال: چرس پيئڻ سان نہ مرندو، سو غلط آهي. چو جو جيڪي چرس نہ ٿا پيئن تہ پوءِ انهن کي تہ موالين کان اڳ مرڻ کپي. پر ائين آهي ڪو نہ.

ان جي برعڪس، چرس/ڀنگ/آفيم/هيروئن پيئڻ وارو ماڻهو، وقت کان اڳ فنا ٿيو وڃي. سندس حياتي ٿوري ٿيو وڃي. خاص ڪري شاديءَ کان پوءِ ڇهہ مهينا بہ گارنٽي نہ اٿس.

اها موالين جي اجائي هام آهي. موالين تي ميار بہ ناهي. پيا ناليءَ ۾ هوندا آهن، نعرا هڻندا آهن: پيئون ٿا چرس گهمئون ٿا عرش.

**14- چرند، نہ مرند (لاڙ، چوڻي)**

هر ساهدار جي زنده رهڻ جو دارومدار کاڌو کائڻ تي آهي جيڪو نہ ٿو کائي سو وقت کان اڳ مريو وڃي.

موت ۽ حياتي مقرر آهن. ائين بہ ناهي تہ جيڪي دنيا ۾ موت ٿيا آهن، سي کاڌي نہ ملڻ جي ڪري ٿيا آهن. البتہ گهٽو کائي، ڦاٽي مرڻ سبب بہ ٿيا هوندا. جڏهن تہ حياتي، هڪ مقرر مدت تائين لاءِ آهي.

کائڻ سان، نہ مرڻ ڳنڍيو ويو آهي، پيئڻ سان نہ. سو چو؟ ان لاءِ هيٺ بحث ڪجي ٿو .

پاڻيءَ/ پيئڻ بابت چيو ويو آهي. 1- جتي پاڻي، تتي پاڻ، 2-پاڻيءَ منجهہ پساهہ، 3-هر ساهدار کي، پاڻيءَ منجهان زنده ڪيو ويو آهي.

پوءِ چرند، نہ مرند چو؟ پيئند، جيئند يا پيئند، نہ مرند، چونہ؟

ان لاءِ بہ هڪ منطقي دليل آهي. لوڪ ادب ۾ هڪ ڳجهارت مشهور آهي، ”بري ٻڪري شاهہ جي کائي تہ جيئي، پيئي تہ مري؟ ٻڌايو ڇا آهي؟“

ان ڳجهارت جي پڄاڻي آهي: باهہ، باهہ جو کاڄ/ کاڌو/ خوراڪ آهي ڪاٺيون/ ٻارڻ. ٻارڻ

پوندس، زنده رهندي. نہ پوندس تہ مرندي. ان جي برعڪس، پاڻي ان جو دشمن آهي. اهو پيس تہ مرندي .

سمجهہ ۾ آيو تہ پيئڻ سان موت ٿي سگهي ٿو. ڪائڻ سان نہ. هر شيءِ کي زنده رکڻ لاءِ مقرر ڪاچ جو ملڻ ضروري آهي. مضمون کي زنده رکڻ لاءِ بحث ۽ لفظن جو ذخيرو ضروري آهي. جهيڙي کي زنده رکڻ لاءِ گار جو هجڻ ضروري آهي. ايمان کي زنده رکڻ لاءِ ڪلمي تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. انهن کي مات ڪرن لاءِ فقط پاڻي ڦيرڻ جي ضرورت آهي.

ان ڪان علاوه ٻيو بحث آهي: چرندڙ نہ مرندڙ چو؟ چرندڙ جيئندڙ چو نہ؟

اهو ان ڪري جو زندگي مقرر مدت لاءِ آهي. ان جو ڪائڻ سان تعلق ناهي. باقي مرڻ جو تعلق، نہ ڪائڻ سان آهي. ان ڪري ائين چيو ويو آهي.

- پيٽيو: ڦُوت، لا يموت.

<u>مطلب:</u>

14-1 جي لوچين، سي لهن

14-2 جي چرن، سي نہ مرن

**15- چُوڙو، نہ اُوڙو (سنڌ، چوڻي)**

چرڙو: ڪاڌ خوراڪ، لوپ طور وڌل داڻو

اوڙو: اڻ پورو، ڪتل

دنيا جي تختي تي، انسان پوءِ ٿو اچي، پهرين سندس ڪاڌ خوراڪ جو بندوبست ٿو ٿئي. ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ آهي تہ دن جي ذريعي ڪيس ڪاڌو ملي ٿو. جڏهن پيٽ مان ٻاهر اچي ٿو تہ سندس اهو ذريعو ختم ٿئي ٿو. ان سان گڏ، هڪدم ڪيس، سندس طبيعت، مزاج آهر، ماءُ جي سيني مان بہ ذريعي کولي ڏنا تا وڃن. ٻارنهن مهينن بعد، جڏهن ڪانئس ٿڃ ڇڏرائي ٿي وڃي تہ اهي ٻئي دروازا بہ بند ٿي تا وڃن. جڏهن ٻئي دروازا بند ٿين تا تڏهن مٿس سوين دروازا کلن تا.

بک جي وگهئي، دنيا ۾ ڪير بہ نہ مئو آهي. اعمالن جي شامت سبب، قحط جي صورت ۾ عذابِ الاهي نازل ٿئي، سا ٻي ڳالهہ آهي باقي روزي نہ ملڻ ڪري ڪير بہ نہ مئو آهي. روزيءَ جو ذمور رزاق تي آهي. هر هڪ کي ڏئي ٿو. ڪِوليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ. ڪير ڪيس رب مڃي يا نہ، پر هو پنهنجي واعدي مطابق ڏئي پيو. ڏمرجي تہ بہ ڏئي ٿو. سندس خزاني ۾ ڪائي کوٽ ناهي.

مڙني جهانن جو خالق ۽ پالڻهار، پاڻ آهي. نہ سندس ۾ ڪو عيب آهي ۽ نہ ئي سندس جوڙ ۾. مخلوق کي پيدا ڪري ۽ انهن لاءِ رزق نہ خلقي! اڻ ٽيٽي ڳالهہ آهي! ائين ممڪن ئي ناهي. انسان، بي بس آهي، پاڻ بي بس ناهي. انسان پنهنجي مهمان لاءِ هٽي ماري پورت ڪري ٿو. خدا/ مالڪ، ڪيئن نہ ڪندو؟ پنهنجي بندن کي بک وگهئي موت ڪيئن ڏيندو؟ ناممڪن آهي. پاڻ اهڙي تہ چا؟ هر نقص ڪان پاڪ آهي. بي عيب ذات آهي سندس خزانا پرپور آهن. انسانن تي ضرورت آهر کلن تا. هڪدم نہ تا کلن. ضرورت آهر، انسان جي دسترس ۾ اچن تا. جيئن گهرج/فقط ضرورت آهي، انسان منجهانئن پرپور فائدو وٺي سگهي.

مطلب:

15-1 ٻيڙي نہ تئي ٻني، جهونو نہ ٿيو سڄ،
ٻنيءَ مٿان ٻڄ، هاريندڙ هليا ويا.

15-2 ڏت نہ کُٽو، ڏوتي کٽا.

15-3 ٻيڙي تئي نہ ٻني، جهونو تئي نہ هر

15-4 جر ۾ مڇي جام، ڪانڻ وارا ٿورا

15-5 جنهن جو رزق پريشان، تنهن جي دل پريشان

15-6 جنهن ساس ڏنو آهي، سو گراس بہ ڏيندو

15-7 جنهن چهنچ ڏني آهي، سو چوڳو بہ ڏيندو.

**16- ڏجي، نہ پچارجي (نصيحت، چوڻي)**

الله جي نالي ڏيڻ، پاڻ تي ٿورو ڪرڻ، ائين ڪرڻ وارو، مالڪ حقيقيءَ/ جهانن جي پالڻهار سان واپار ٿو ڪري. ايڏي وڏي ڪارساز سان ڪيل واپار ئي اصل واپار آهي. ان ۾ ئي وڏو فائدو رکيل آهي.

جڏهن ڪارساز جي نالي تي، ڪابہ شيءِ ڪنهن گهرجائوءَ کي ڏجي، تہ پوءِ ساڻس پچار نہ ڪجي. ڇو جو سودو مالڪ الملڪ سان آهي، گهرجائوءَ سان نہ. جيڪڏهن گهرجائوءَ وٽ بدلو هجي ها تہ تنهنجو ٿورو ڇو کڻي ها! توکان خيرات ڇو وٺي ها! توکان خيرات تہ اٿهوند سبب ورتي هئائين. هاڻي ساڻس پچار ڪرڻ نهي ڪين ٿو. جنهن وٽ اڳي ئي ڪين هئي، سو هاڻي ڇا ڏيندو؟ ڪين وئي ڪين ڏي، اڳيان ڪين بہ ڏنس ڪين.

جيڪو موٽائي ڏئي نہ سگهي، تنهن سان پچار ڪرڻ، دل آزارڻ برابر آهي. ڪنهن جي دل آزارڻ کان بهتر آهي تہ خيرات ئي نہ ڪجي. ڇو جو دل آزارڻ، نہ ڏيڻ کان وڌيڪ خراب آهي. نہ ڏيڻ جو هڪڙو سور سهڻ جوڳو آهي، دل آزاريءَ وارو سور سهڻ جهڙو ئي ناهي.

16-1 ڏجي نہ، تہ ڏکوئجي بہ نہ.

**17- ڏنو، نہ ڪنو (نصيحت، چوڻي/ پهاڪو)**

الله جي نالي تي ڏنل، رائگان نہ ٿو وڃي. بشرطيڪ منجهس رياءُ/ڏيکاءُ نہ ڪيو وڃي. خدا جي راهہ ۾ ڏنل جي بدلي، ڏهہ دنيا ستر آخرت ۾ ملن ٿا.

ڪتابن ۾ آيو آهي ۽ بزرگن کان ٻڌيو ويو آهي تہ هڪ دفعي حضرت علي رضہ جن کي بي بي فاطمہ سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها جن، بازار مان ڏاڙهون آڻڻ لاءِ چيو. حضرت علي رضہ سائين جن بازار ويا. ڏاڙهون خريد ڪيائون. واپسيءَ تي هڪڙي گهرجائوءَ ڏاڙهونءَ جي صدا هنئي، ڏاڙهون کيس ڏئي ڇڏيائون.

گهر پهچڻ تي بيبي سائڻ رضہ جن ڏاڙهون آڻڻ بابت پڇيو تہ کين حقيقت ڪري ٻڌايائون. بي بي سائڻ رضہ جن، الله تعاليٰ جي نالي ڏاڙهون ڏيڻ جي ڪري خوش ٿيون ۽ صبر شڪر ڪيائون.

`

ڪجهه وقت کان پوءِ در تي آواز آيو. حضرت علي رضہ جن ٻاهر آيا. هڪ ماڻهو ڏاڙهن جو ٽوڪرو، مٿي تي جهليو بيٺو هيو ۽ چيائين: ”هيءُ ڏاڙهون توهان لاءِ آيا آهن“. حضرت علي رضہ جن ڪانئس ڏاڙهن جو ٽوڪرو ورتي ڏاڙهون ڳڻيا تہ نَوَ ٿيا.

پاڻ رضہ جن ڏاڙهون آڻيندڙ کي چيو: ”هي ڏاڙهون ڪنهن ٻئي جا هوندا، اسان لاءِ نہ هوندا. ڇو جو اسان لاءِ هجن ها تہ پورا ڏهہ هجن ها. خدا جو واعدو، ڏهہ دنيا ستر آخرت جو آهي. پراوا ڏاڙهون اسان کي نہ کپن.“

ڏاڙهون آڻيندڙ، لڪايل ڏاڙهون، ٽوڪريءَ ۾ شامل ڪندي چيو: ”اوهان لاءِ بلڪل ڏهہ مليا هيا. هڪ مون پنهنجي لاءِ لڪايو هيو.“

17-1 ڏنو، پنڌ چنو.

17-2 خدا تعالىٰ ڪنهن جو ڏنو ضايع نہ ٿو ڪري.

17-3 ڏنو پٽ چٽ ٻجو، ٻئي ذات جا فرحتي.

17-4 ڏهہ دنيا، ستر آخرت آهي.

17-5 ڏنو، ٻنو.

17-6 ڏنو، ٽئي نہ ڪنو. پوک ڪٽو، ٽئي گهٽو

17-7 ڏنو، پنڌن ۾ چنو (ابتو)

**18- ڏُهجي، نہ کهجي. (واپاري، پهاڪو)**

ڪير ڏيندڙ مينهن/ ڳانءِ مان اصل فائدو ونڃ آهي، ڪيس ڏهڻ، ڏهبو رهبو تہ ڏيهاڙي پيو فائدو پوندو. سال تي ڦر ڦروٽو ان کان علاوه پيو ملندو. ڏهاڙيءَ جو خرچ نڪرندو ۽ سال جي آخر ۾ درپيش وڏو خرچ، ڦر مان پيو ٿيندو.

ان جي برعڪس، کهبو تہ گوشت هڪ ڏينهن ۾ ڪائي ڪپائي ڇڏبو. پوءِ فقط هٿ پيا هڻبا. دڪان/ زمين بہ ائين آهن. محنت ڪري گهر جو خرچ ڪيبو تہ سدائين لاءِ. جيڪڏهن جهاتڪو کبو تہ هڪ دفعو ڪري سگهبو.

دوست يار، مٽ مائٽ جو معاملو بہ ائين آهي. سپت ڪري ساٿ ڏيتي ليتي کبي تہ سدائين پيو منجهانئن کائبو. ڪُپت يا کوٽ ڪري هڪ ئي ڏينهن، خيانت سان کين ٺڳبو تہ اهو هڪ دفعو ئي ڦري سگهبو. اڳتي لاءِ، اڳلا بہ هوشيار ٿي ويندا. آئنده لاءِ منجهن، ٽڪي جي بہ اميد نہ رکي سگهبي.

سجڻ ڏئي سجي ٻانهن تہ سجي نہ ڳهجي. منجهانئس ضرورت آهر، اهڙي نموني فائدو وججي جو کيس نقصان بہ نہ پوي ۽ پنهنجو بہ ڪم ٿي وڃي.

مطلب:

18-1 واپار ۾ نفعو ٿورو ٿورو ڪري ڪائجي.

18-2 ڪير ڏيندڙ ڳانءِ کي ڪير ذبح ڪندو؟

18-3 ڪُهڻ کان ڏهڻ چڱو

18-4 ڪُهڻ آهي هڪ دفعو، ڏهڻ آهي سدائين.

18-5 ڪڏهن هڪ دفعو، ڏهن ڏهاڙي.
18-6 ڏهن ڏهاڙي آ، ڪُهن هڪ ڏينهن آهي.
18-7 چور، هڪ ڏينهن ڪاٺيندو آهي.
18-8 سچڻ ڏٺي سچي ٻانهن، سچي نہ ڳجي.

**19- ڊگهو، بي وقوف (سنڌ، چوڻي)**

جهڙيءَ طرح طاقت جو تعلق قدبت سان ناهي، تهڙيءَ طرح عقل جو بہ تعلق، قد ڪاٺ سان ناهي. نحيف ۽ نبل، ڪمزور ۽ ڪوتاه قد، عقل ۾ اڪابر ٿي سگهن ٿا. طاقتور ۽ جاننا جوان، عقل ۾ گهٽ بہ ٿي سگهن ٿا.

اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ڏندا مشٽندا، پيٽ خاطر مزوريون پيا ڪندا آهن. ڪمزور ۽ نحيف، هڪ ٽيليفون وسيلي، زبان ۽ حرفت، چالاڪيءَ ۽ عقل سان، ڪروڙن جا ڪاروبار پيا ڪندا آهن.

جيڪڏهن عقل ۽ حسن جو تعلق قد-ڪاٺ سان هجي ها تہ دنيا ۾ بندرن جو جيئڻ محال هجي ها. قدرت واري جي پنهنجي ورچ آهي. هڪڙن جو جسماني قد وڏو ڪيائين تہ ٻين جو عقلي قد وڏو ڪيائين. هڪڙن کي مان ڏنائين تہ دولت نہ ڏنائين. هڪڙن کي دولت ڏنائين تہ دنيا ۾ خوار بہ ڪيائين.

بهرحال اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ڊگهي قد روارن کي عقل جي مار، سبيل آيل هوندي آهي. ان جي برعڪس، چوٽي قد وارا جيترا زمين تي نظر ايندا آهن، اوترا ئي اندر هوندا آهن. قد ۾ ڪوتاهہ، عقل ۾ پُر هوندا آهن.

مطلب:

19-1 ڪل طويل احمق اِلا عمر رضہ (عربي)
19-2 Tallest, Foolest
19-3 بندرو، شيطان (ابتو)
19-4 چوٽا، اتنا ڪوٽا، لمبا اتنا بيوقوف (اردو)

**20- زاني، نہ مالي (فارسي، چوڻي)**

زانيءَ وٽ، ڪنهن بہ قسم جو مال نہ ٿو بچي. جسماني طور ۽ مالي طرح خلاص ٿيو وڃي. زنا ڪرڻ آسان فعل ناهي. ان لاءِ پهرين ماحول سازگار ڪرڻو ٿو پوي. جيڪو مفت ۾ نہ ٿو ٿئي. ان لاءِ وڏا پاپڙ ويلڻا ٿا پون. غلط/اوباش قسم جي ماڻهن سان ياري رکڻي ٿي پوي. انهن پويان ملڪيت لٽائڻي ٿي پوي. خلق خواري الڳ. اڳيان جيڪا عورت، پنهنجا ڪرم ڪٽائڻ لاءِ، پيءُ ماءُ جي ڪوڙي، مڙس جي گهرَ جي چانئٺ لتاڙي نڪري ٿي، سا بہ سڀ ڪجھ لٽائڻ لاءِ نہ پر لٽڻ لاءِ نڪري ٿي .

زانيءَ کي شڙاب ۽ جوئا جي مرحلن مان بہ گذرڻو پوي ٿو. زنا جو در متس ائين نہ ٿو پٽجي. پر گهڻو ڪجھ لٽائڻ ڪان پوءِ پٽجي ٿو.

پرائي ننگ ۾ نگهہ وجهڻ واري جي ننگ ۾ بہ آخر هٿ پون ٿا. زانيءَ جو، هڪ ڏينهن

اکين آڏو گهر لٽجي ٿو. سندس نفس پتو ٻڏي وڃي ٿو. زنا تي لٽائڻ بعد، آيل سجائي کيس هڏ حرام ۽ بيغيرت ٻڻايو ڇڏي. تنهن ڪري کيس پنهنجي گهر لٽجڻ تي غيرت به نه ايندي آهي. حالات واقعات اهڙا ٿي پوندا اٿس جو مجبوراً کيس اکيون ٻوٽڻيون ئي پونديون آهن.

مطلب:

20-1 زنا، فنا

20-2 جت زنا، ات فنا

20-3 زاني مرد زاني عورت سان ۽ زاني عورت زاني مرد سان شادي ڪندي.

**21- سپهو، نه وسهو. (لاڙ، پهاڪو)**

سپ: نانگ/ بلا/ساندو/وڇون/ پيئڻ بلا وغيره، موذي جانور آهن. نه پنهنجو گهر ٺاهيندا آهن، نه ٻئي ڪي سک سان سمهڻ/ ويهڻ ڏيندا آهن. پرائي ٻر ۾ رهندا آهن. پنهنجي ٻر نه کوٽيندا آهن. رولاڪ آهن. رلندا وتندا آهن. آئي وئي ڪي ڏنگڻ ڪان ڪين رهندا آهن. ڪک/پن/پٽر، جيڪو به سامهون آيو، ان کي سُنگهندا ضرور.

مٿن ويسهه ڪرڻ بيعقلي آهي. نانگ جي ٻچي کي پلي کير پيارجي پر ڏنگيندو ضرور. جنهن مٿن ويسهه ڪيو. سو مُئو. ڇو جو وَس پڄندي سندن طبيعت ۾ اڻ سهٽائپ ڏاڍي آهي. وير ضرور رکن/پاڙن.

مطلب:

21-1 سپهو، نه وسهو، وسهو ته مسهو.

21-2 نانگ کي کير پيارڻ مان ڇا فائدو؟

21-3 گهٽائي مُنڍ مُنڍايا پر نانگڻ ڏنگڻ/وير نه ڇڏيو.

21-4 سپ نه ماري، سپ جو سراپ ماري

21-5 سنها پانءِ مَ سپ، وياءَ واسينگن جا،
اُنهن سندي جهڙپ، هاٿي هنڌان ئي نه چري. (شاهه)

**22- سڌڙيا، نه وڌڙيا (سنڌ، پهاڪو)**

سڌڙيا، عشق جون سڌون ڪندڙ، ڪڏهن به نه وڌندا/ ترقي نه ڪندا.

سڌ ڪرڻ چڱي ڳالهه آهي پر ان لاءِ جان جي قرباني ڏيڻ اشد ضروري آهي. عشق جي منزل سڌون ڪرڻ سان ڪين ماڻي سگهبي.

عشق يا محبت اهڙا جذبا آهن، جن لاءِ سِر ڏڙ جي بازي لائي ميدان ۾ ڪُڏي پوڻو آهي. ان لاءِ سولايون جاچڻيون ناهن. جڏهن عشق جي درياه ۾ ٻڏڻو ئي آهي ته پوءِ سولا گهيڙ نه پڇجن. البته جتي سمجهجي ته عشق جو عميق سمنڊ اونهو آهي، اتي ئي غوطا ڏجن. اتان ئي املهه/ماڻڪ ملندا. اتي ئي منزل ملندي. مان ملندو، نام بلند ٿيندو.

ان جي برعڪس، گيديءَ/ڊڄڻي/سڌڙيي/ڇسي ڪي، عشق جي هام/ڏاڙ هڻڻ نه گهرجي. عشق، گيدي/ڪانئرن جو ڪم ناهي. ڳڀرن/جوانن جي راند آهي. جنهن ۾ سرڏڙ جي بازي لائي، جان

وڄائي دوام حاصل ٿو ڪجي. اصل حياتي ان کي ملي، جيڪو جيئڻ کان اڳ جيئي ويو.

مطلب:

22-1 سڌڙيا، نہ وڏڙيا. عملي، اڏريا.

22-2 سڌن جون سيد چئي، وٽون سپ وڪڻ . (شاهہ)

22-3 مصيبت ۾ هجڻ، مصيبت جي ڊپ کان بهتر آهي .

22-4 جا جر جاڙون نہ ڏئي، جا ڏيئا نہ موهي،
سا سڌون ڪوہ ڪري، محب ملڻ جون. (شاهہ)

22-5 عشق ناهي راند، جيئن ڳيرو ڪيلين،
سسي نيزي پاند، اجل تہ اڏ ٿئي. (شاهہ)

**23- سوالي، نہ خالي .(سنڌ، چوٽي)**

جهانن جي پالڻهار، مڙني مخلوقاتن کي خلقڻ سان گڏوگڏ، سندن ضروريات جي شين کي بہ ضرورت آهر خلقيو آهي. هر مخلوق کي گهربل شيءِ، وقت سر هڪي حاضر مليو وڃي. البتہ ملڻ جو طريقہ ڪار، مڙني لاءِ مختلف آهي.

ڪن کي وڏيءَ محنت ڪانپوءِ، گهربل شيءِ ملي ٿي. ڪن کي دماغ لڙائڻ ڪان پوءِ هٿ حاصل ٿئي ٿي. ڪنهن کي اشاري سان مليو وڃي. ڪنهن کي سوال ڪرڻو پوي ٿو. ڪن کي ڪنگهڻ ڳُڙڪڻ ڪانپوءِ ملي.

دنيا وارن جي در تي سوال ڪرڻ واري کي ڪڏهن دان ملي تہ ڪڏهن ڇڙٻ. مالڪ مهربان جو واحد در آهي، جيڪو سدائين، هر مخلوق لاءِ بنا ڪنهن امتياز جي کليل آهي ۽ هر ڪو منجهانئس مستفيض رهيو آهي.

عاجزي ۽ نئڙت، بندي جو ڪم آهي، خدا ان کان بي نياز آهي. خدا عاجزيءَ کان پاڪ آهي. سندس خزاني ۾، عاجزيءَ کان سواءِ، ڪنهن بہ شيءِ جي ڪمي/ کوٽ ناهي. نہ ڏيندي ٿڪو آهي ۽ نہ خزاني ۾ ڪمي آئي اٿس. ازل کان بي حساب/ بي انداز ڏيندو اچي ٿو ۽ ابد تائين ڏيندو رهندو. سندس در تان ڪوبہ هٿين خالي نہ موٽيو آهي. ڏمربو آهي تہ بہ ڏيندو آهي.

حاتم طائيءَ جي سخاوت مشهور آهي، اڄ سندس سخاوت مان ڪير بہ مستفيض نہ ٿو ٿئي. خدا جي واحد هستي آهي، جيڪو ازل کان ابد تائين آهي ۽ هر گهڙي، هر ساعت، هر مخلوق کي رزق پهچائي رهيو آهي. ڪانئس ئي سوال ڪرڻ گهرجي .

مطلب:

23-1 پوريل در نہ پن متان پنئي ئي پوري نہ پوئي،
سو ئي در پن، جِت پينارا پُر ٿين. (شاهہ)

23-2 پوريل در نہ پن، متان پنئي پوري نہ پوئي،
سو ئي نالو ڳنهہ، جيڪو ڏئي نہ پڇاري.

23-3 رب ڏئي تہ ڇپر ڦاڙي ڏئي .

23-4 ڏئي رب، دلو راءِ ڇا ڏيندو؟

23-5 ڏئي مٽئون، ڪنهن جي هٿئون
23-6 نہ هڙئون نہ هنجئون، رب جي گنجئون
23-7 پرچي تہ پل پري، ڏمرجي تہ بہ ڏئي. (شاهہ)
پيٽيو ؛ اشتداقي، نہ خالي.

**24- صوفي، لا ڪوفي (عربي، چوڻي/ پهاڪو)**

صوفي: صوف يا اصحاب الصفه مان نڪتل آهي. اهي اصحابي سڀَورا جن پيغمبر عليه السلام جي وقت ۾، پنهنجا مٽ عزيز، دين خاطر ڇڏي اسلام قبوليو، سي هڪ صفي ۾ رهندا هئا ۽ دين جي تعليم حاصل ڪندا هيا. تمام سادي زندگي گذاريندي، اسلام جا اصول سکي، مٿن عملن ڪندا هيا ۽ ڪين جياريندا هيا. انهن دين کي دنيا تي ترجيح ڏني.

جڏهن ڪوفين / ڪوفي جا رهاڪن، خط لکي حضرت امام حسين رضہ کي مدد ڪرڻ لاءِ آچون ڏيندا رهيا. وقت اچڻ تي پاڻ ڪيائي ويا. اڄ بہ جيڪو منافقانہ رويو رکي يا دنيا کي دين تي ترجيح ڏئي، ان جو مثال ڪوفين سان ڏيندا آهن .

پيٽيو ؛ ڪوفي، لايوفي.

**25- طامع، نہ قانع (سنڌ، چوڻي)**

دنيا جي طمع ۽ لالچ، حرص ۽ هوس، سَڌَ ۽ تانگهہ رکڻ وارو طامع آهي. طامع جي من ۾، دنيا جي محبت جو ڀوت سوار هوندو آهي. لالچ ۽ لوڀ، حاصل ڪرڻ لاءِ هر ڪتو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. بڇڙائيءَ جو رستو اختيار ڪندي بہ دير نہ ڪندو آهي .

بڇڙائيءَ جي رستي سان آيل مال، وڏي پڪائي ڪرڻ جي باوجود، بري رستي تي بريءَ طرح/ بي تحاشا خرچ ٿي ويندو آهي ۽ وجي ڪاريءَ وارا ڪک رهندا آهن. وڏيءَ ڪوشش/جدوجهد جي باوجود انهيءَ ڪمائيءَ تي قناعت نہ ڪري سگهبي آهي.

قناعت، محنت سان ڪمايل ڪمائيءَ تي، شڪر ۽ صبر ڪرڻ سان ڪري سگهبي آهي. لالچ ۽ حرس سان آندل شيءِ يا ملڪيت، بي برڪتي رهي ٿي. بي صبريءَ يا ناشريءَ سان جلد ڪپيو وڃي ٿي.

مطلب:

25-1 طمع، آٽي انسان لاءِ برائي ۽ بدي.
25-2 طمع، بڇڙائي ڪري.
25-3 طمع، بڇڙو ٽول .
25-4 طمع، بري بلا .
25-5 طمع پريوتس، پريو پرجي ڪين ڪي.
25-6 طمع کي تاٽي، جنين ڪديو جان مان،
تنين کي آٽي، حورون ڏيندا هنج ۾.
25-7 طمع، آبرو وڃائي ٿي.
25-8 طمع ۾ حرف ٽي، ٽئي خالي
25-9 طمع ۽ تڪڙ، ڇا لڳي؟
25-10 لالچ، ڪتن سان گڏ ڪارائي.

**25-  قرض، بي غرض (سرو، چوڻي)**

هڪ مريد، پنهنجي مرشد کي چيو: "مون کي ماڻهو، ايترو ته وڪوڙي ٿا وڃن، جو اصل عبادت لاءِ وقت ڪين ٿو بچي. انهن کان جان لاءِ ڪو رستو ٻڌايو؟!"

"تمام سولو آهي." مرشد مريد کي ٻڌايو: "پاڻ وٽ آيل شاهوڪارن کان قرض طور رقم گهرو ۽ گهرجائو/ غريبن کي قرض طور رقم ڏيو".

مريد ائين ڪيو. وٽس ماڻهن اچڻ ئي ڇڏي ڏنو. شاهوڪارن قرض گهرڻ جي ڀَوَ کان ۽ گهرجائن قرض موٽائڻ جي ڀَوَ کان.

قرض، هرهڪ کي آدم بيزار بنايو ڇڏي. جڏهن ماڻهو، ماڻهن مان بيزار ٿي وڃي ته پوءِ ڪيس رشتن ناتن، مٽن مائٽن، ننڍن وڏن جو ڪوبه خيال نه ٿو رهي. انهيءَ سبب ڪري ٻين جي غرض/ ڪاڻ نه ٿو ڪيي. نتيجي طور ٻيا به سندس ڪاڻ/ غرض نه ٿا ڪڍن ۽ بي غرض ٿيو وڃن.

مطلب:

26-1 قرض ڪڻندڙ جي، زمانو غرض نه ٿو ڪيي.

26-2 دولت مند اهو آهي، جنهن کي ڪوبه قرض ڏيڻو ناهي. (اٽالين)

26-3 قرض جا ڪوٽ ڪني، چوٽ چاڙهيائين چلها،
جاجي ماجي ڪائي هليا، اتس آئي گلا.

26-4 قرض ڪٽي ڪنگڻ نه پائجن.

26-5 قرض ڏاران، لوڻ ۽ پاٽي به چڱا آهن.

26-6 قرض، مرض.

26-7 قرض، قرب جي قئنچي.

26-8 قرض، ڪوڙهه جو ٽڪو.

**27-  قوت، لا يمُوت . (عربي، چوڻي/ پهاڪو)**

قُوت: گهربل خوراڪ/ کاڌو، جنهن کي به ملندو، تنهن تي موت نه ايندو. جڏهن گهربل کاڌو کٽندس، تڏهن ڏينهن به کٽندس.

پيٽيو : چرسي، نه مرسي.

**28-  ڪري، نه پري! (لاڙ، چوڻي/ پهاڪو)**

جهڙو ورتاءُ ٻين سان ڪبو، تهڙو پاڻ سان ٿيندو. ٻين سان چڱائي ڪبي، پاڻ سان ٿيندي. ٻين کي ٺڳبو، پاڻ سان ٺڳي ٿيندي. ٻين سان جٺ ڪبي، پاڻ سان جُٺ ٿيندي.

دنيا جو ڪُليو قانون آهي: هر ڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي. پُٽ جي قبر ۾ پيءُ نه پوندو. پيءُ جي قبر ۾ پٽ نه پوندو. هر ڪو پنهنجي قبر پاڻ پريندو. پيءُ ڪندو، پيءُ پريندو، پُٽ ڪندو، پٽ پريندو .

پرائي باهه ۾ ڪير نه پوندو آهي، هرڪو پنهنجيءَ ۾ پوندو آهي. جيڪو ڏوهه ڪندو، ڏنڊ به سوئي پريندو. ائين به قطعي ناهي ته ڏوهه ڪري ۽ ڏنڊ نه پري! ظلم ڪري ۽ ڪيتو نه لوڙي! اهو

`

ماءُ جو لال ئي ناهي، جيڪو ظلم/ زيادتي ڪري ۽ سزا نہ پري/ لوڙي .

مطلب:

28-1 ڪرند، پسند. ڏيند، لهند .

28-2 جيڪو ڪري، سو پري .

28-3 جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي .

28-4 جوَ پوکي، جوئر ڪين لڻبي .

28-5 ڪانديرا پوکي، ڪڻڪ ڪين لڻبي .

28-6 اتيئي ڪر، اتيئي لوڙ.

**29- ڪوفي، لا يوفي . (عربي، چوڻي)**

ڪوفين لاءِ مشهور آهي تہ لکيت ۾ واعدو ڪري، قري ويا. جيڪو واعدو وفا نہ ڪري، تنهن مان بي کهڙي وفا ٿيندي .

مطلب: آزمائي کي آزمائي، ڏوڙ منهن ۾ پائي .

پيٽيو ؛ صوفي، لا ڪوفي.

**30- گمان، بي ايمان (لاڙ، چوڻي)**

ڪڏهن ڪڏهن اصل حقيقت، ظاهر اک سان ڏسڻ کان پوءِ بہ نہ کُلندي آهي. ان جي برعڪس، شڪ/گمان/وهم سان تہ نتيجا الائي ڪيترا اگرا نڪرندا آهن. ان ڪري شڪ/گمان کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

گمان/شڪ ڪرڻ وارو، ٻين تي اعتماد نہ ڪندو آهي ۽ نتيجي طور ٻين سان ڦٿائيندو وتندو آهي. موٽ ۾ هرڪو کيس بي ايمان پيو سمجهندو آهي.

مطلب:

30-1 اک ڏٺيءَ ڳالهہ تي بہ ويچارجي .

30-2 کي گمان، وڏا گناهہ آهن . (قرآن)

پيٽيو ؛ انڌو، بي ايمان.

**31- گهوٽ، اڻ موٽ . (سنڌ، چوڻي)**

گهوٽ اهو آهي، جيڪو منزل جي وني ماڻي. منزل کان اڳي موٽندڙ گهوٽ نہ ٿيندو آهي. سوريءَ کي بہ سيج سمجهي مٿي چڙهندو آهي. سوريءَ/سيج تان موٽڻ، ان لاءِ مهڻو/ طعنو/تذليل هوندا آهن. ماڻَ لاءِ مرندا آهن. گيدين وانگر ناڻَ لاءِ نہ وڙهندا آهن .

مطلب: گهوڙن ۾ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،

ڪڏهن قابو منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

**32- مورو، نہ ٿورو . (سنڌ، چوڻي)**

`

مورو: ضلعي نوشهرو فيروز جو مسهور تاريخي شهر، راوڙ واري قديم شاهراه تي، درياءَ سنڌ جي ڪابي ڪپ تي، دادو شهر جي سامهون واقع آهي ۽ ڪيس تاريخي حيثيت حاصل آهي .

مورو، هڪ لوڪ گيت آهي. جنهن جا ٻول آهن: ”مورو ناهي ٿورو، سڄڻ مورو ويٺي ڏيان“.

# ٽن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوٽيون

پهاڪو ڇاکي ٿو چئجي؟ ان کي ڪيئن پرکجي؟ هر ماڻهو اهو ڄاڻڻ ضرور چاهيندو آهي. ان لاءِ محققن هينيون ڪسوٽيون مقرر ڪيون آهن. جيڪڏهن پهاڪو سڏائيندڙ جملو، انهن ڪسوٽين تي پورو نهڪي اچي ٿو ته ان کي پهاڪو مڃبو. ٻيءَ صورت ۾ ان کي رد ڪري ڇڏبو.

1- منجهس ڪونه ڪو نقطو سمايل هجي .

2- مڪمل جملو هجي . (جنهن ۾ فاعل، فعل ۽ مفعول سمورا موجود هجن).

3- عوام ۾ مقبول/معروف/مشهور هجي. (عام ماڻهو ان جو مفهوم سمجهي).

4- روپ تمام نندڙو هجيس. (جهٽ ياد رکڻ جهڙو هجي)

نندڙي روپ واري شيءِ، سمجهڻ/سمجهائڻ/ياد رکڻ سولي آهي. ان جي حيثيت گوليءَ واري آهي. جيڪا ڏسڻ ۾ نندڙي آهي پر ڪُلم وڏا ڪندي آهي.

سدريل ٻوليءَ جي هڪ خوبي اها به آهي ته منجهس بي انتها پهاڪا/چوٽيون جام هجن. دنيا جي سدريل ٻولين منجهان سنڌي ٻولي به هڪ آهي. منجهس ڪيترائي نندڙي روپ وارا پهاڪا/ چوٽيون آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڪيترائي نندڙي روپ وارا، جامع مطلب ۽ وڏي اهميت جا حامل پهاڪا/ چوٽيون آهن. جيئن ٻن لفظن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوٽيون. هاڪاري، ناڪاري لفظن جي جوڙي تي مشتمل پهاڪا ۽ چوٽيون. انهن بابت، اڳي ڄاڻ ڏئي چڪا آهيون. هتي فقط انهن پهاڪن/چوٽين بابت آگاهي ڏجي ٿي، جيڪي مڪمل جملو هوندي، پاڻ ۾ نقطو سمائيندي، عوام ۾ مشهور رهڻ جي باوجود، ٽن لفظن تي مشمل آهن.

**1- آپگهات، مها پاپ (هندي، چوٽي)**

آپگهات يا خود-ڪشي ڪرڻ، هر مذهب ۾ وڏو گناهه آهي. خود-ڪشي ڪندڙ، پنهنجي سر جو به سڄڻ ناهي. جيڪو پاڻ تي رحم نه ٿو ڪائي. سو ٻين تي ڪهڙو رحم ڪندو؟ جڏهن پاڻ کي ماري وڃائين ته پوءِ ڪيس، انهيءَ گناهه کان توبهه ڪرڻ جو به موقعو نه ٿو ملي. ان ڪري هر مذهب، انهيءَ فعل کي ننديو آهي.

- آپگهاتي، مها پاپي .

- آتم گهاتي، مها پاپي.

**2- آمون، ڏهه گامون (لاڙ، زرعي، چوٽي)**

آمو/ انب جو وڻ، تڏهن گهٽو ڦر ڏيندو آهي، جڏهن هر وڻ هڪٻئي کان ڏهه قدم پري هوندو آهي. ويجها وڻ گهٽ ڦر ڏيندا آهن. پري وارا وڻ تعداد ۾ گهٽ هئڻ سبب، مجموعي طور تي، اپت گهٽ ڏيندا آهن. ڏهن قدمن تي رکيل وڻ، طاقتور/ ڦلائتا ۽ ڪاگر رهن ٿا. ڪم خرچ، بالانشين وانگر Economical رهن ٿا.

2-1 ڇدي پوک، ٿلها سنگ. گهاٽي پوک، سنها سنگ.

2-2 مفاصلو ٿورو، معاوضو گهڻو.
2-3 وقت ٿورو، ڪم گهڻو .
2-4 ڏينهن ننڍو، پنڌ ڊگهو .
2-5 پونءِ ٿوري، پاڙو گهڻو .
2-6 چمار ٿوري، ڏنڌو وڏو .

**3- آنڌي ۾ ٽانڊو (هندي، پهاڪو)**

پيٽ ڄڻيي اولاد لاءِ ماءُ جا آنڊا بيقرار هوندا آهن. پٽ پلي نافرمان هجي پر ماءُ پيءُ متس ڪوسو واءُ نه سهندا. هر وقت پيا ان لاءِ ڪُڙهندا ۽ پاڻ پتوڙيندا ته جيئن ڪيس ڪجهه نه ٿئي .

**4- اُنا، مڙيئي پلا. (ٽر، چوٽي)**

اُنو: وسيو. مينهن جو وسڻ، ٽر وارن لاءِ مڙيئي رحمت وارو آهي. منداٺتو مينهن ته ڪارائتو آهي پر اڻ منداٺتو به اڪارت ناهي. اڻ منداٺتي مينهن مان فصل خراب ٿيو ته ٻيءَ مند وارو فصل طاقتور ٿيندو. ان ڪان علاوه ٽر جي واريءَ ڪي سانڍڻ لاءِ پاڻ ته ڪپي ئي. چو جو پاڻيءَ ڪان سواءِ جياپو ڪهڙو آهي؟!

**5- اُني، ٻُهه چُني. (هندي، پهاڪو)**

هڪ دفعي هڪ واپاريءَ جو ٻهه، گدام جي ٻاهران پيل هيو، پاڻ ڪم سانگي ٻاهر ويل هيو. اتان موٽڻ وارو هيو جو برسات پئجي وئي، پوءِ ٻُهه جي ڳڻتيءَ اچي ورايس، دل ۾ هورا ڪورا هيس: ٻُهه پڇي ويو هوندو. نوڪرن گدام ۾ اندر ڪيو هوندو الائي نه! گاري جو راڳو به ڪونه ڏياريومانس!

انهن ڳڻتين ۽ مونجهارن ۾ ڳرندو، برسات ۾ پسندو، گدام وٽ پهتو. ڏٺائين ته ٻُهُ اجا ٻاهر پيو آهي. پر متس مينهن جو پاڻي نظر نه آيس. حيرت منجهان نوڪر کان پڇيائين: ”برسات اُني ته ٻُهه تي نه پئي ڇا؟“

”برسات ته ٻُهَ تي به پئي هئي پر ....“ نوڪرن ٻڌايس، ”اُني، ٻُهَ چني“

مطلب:

5-1 برسات پيئي، ٻُهه ڇهي ويو.
5-2 ٽر ۾ جيتري برسات پوي، واري ڇُهيو وڃي.

**6- اسي، مت کسي (ساهتي، چوٽي)**

جڏهن ماڻهوءَ جي عمر چاليهه ٿيندي آهي ته سندس عقل مڪمل ٿيندو آهي. جڏهن سٺر ڪان ٽپي هلندو آهي ته عقل ۾ ڪٽر پوندي اٿس. اهڙيءَ طرح جڏهن عمر اسي سال ٿيندس ته عقل پوريءَ طرح کسجي ويندو اٿس.

- عمر چاليهه، عقل پوي ٽالهيءَ .
- عمر ٻاهتر، پوي عقل ۾ ڪٽر.

**7- اصفهان، نصف جهان (فارسي، چوٽي)**

اصفهان، ايران جو مشهور شهر، جيڪو پنهنجي صوبي جي گاديءَ جو هنڌ مقرر ٿيڻ بعد ترقي ڪرن لڳو. انهيءَ ترقي ڏاران، دنيا ۾ مشهور بڻجي ويو. انڳيءَ جي حيثيت، گهمڻ وارن/ سياحن جي نظر ۾ اڌ جهان گهمڻ جيتري آهي.

**8- اڳي، سو تڳي (سرو، چوٽي/ پهاڪو)**

جيڪي، جنهن معاملي ۾ اڳي پهتا، تن ان مان پرپور فائدو ورتو. نام به ڪمايائون، دام به ڪمايائون، جيڪي پوءِ ۾ پهتا، تن ڪي اوترو فائدو نه پهتو.

- اڳي پاٽي، پوين چڪ .

**9- انڌي، ملتان لڌو (سنڌ پهاڪو)**

پڇي پڇي، انڌو به واٽ لهي ٿو. ايستائين جو پڇائيندي پڇائيندي، هڪڙي انڌي ته وڃي ملتان به لڌو.

دنيا جي تختي تي، ڪوبه ماڻ جي پيٽان سکي نه آيو آهي. سيڪو ٻين کي ڏسي يا ڪائنن پڇي/ سمجهي، پنهنجي عقل جي گهوڙي کي ڊوڙائيندو، اڳتي ترقي ڪري ٿو. جيڪو جستوجو ڪري ٿو، سو منزل کي پهچي ٿو. پوءِ ڀلي انڌي وانگر معذور ڇو نه هجي .

- ٻڌي ٻڌي، انڌو به وا ونءِ ٿو .
- پڇڻا، نه منجهڻا.

**10- انسان، اکر بس (ساهتي، چوٽي/ پهاڪو)**

انسان اهو آهي، جيڪو اکر وارو هجي. واعدو ڪري ته نڀائي. ڳالهه ڪري ته تکي توري ۽ پٿر تي ليڪ. زبان تان ڦري نه. جيڪڏهن ٿورو به ٿڙي ته هڪ اکر سان راهه راست تي اچي وڃي. ان جي برعکس، جو اشارو ئي نه سمجهي، سو انسان ئي ناهي.

- انسان لاءِ اکر/اشارو ڪافي آهي.
- ٽٽونءَ کي ٽارو، تازيءَ کي اشارو.

**11- انسان، اونڌي کوپري (ساهتي، چوٽي)**

انسان، مٽيءَ مان ٺهيل آهي. ٿورو مال ملڪيت هٿ ايندس ته پيو ڦڙڪيون هڻندو. ٻئي تي مُڇَ ئي نه ڇنڊبيندو. پنهنجي اوقات وسري ويندس. حالانڪ وٽس نه دولت پنهنجي ذاتي آهي ۽نه عقل. نه عمر پنهنجي ذاتي اٿس، نه سرير. سڀ ڪيس عطا ٿيل آهي. پوءِ ڇا تي ٿو ٻانور ڪري؟ ڪائنس اهي سموريون نعمتون، هڪ ڏينهن کسيون وينديون.

- انسان، نسيان.
- بندو، ڀلو پيو اهي.
- بندو، بي ايمان.
- انسان ڀُلن جو آستان .

**12- ايمان، آهي مهمان (سنڌ، چوٽي)**

ايمان ۽ مهمان، ٻئي هڪجهڙا آهن. ٻئي وڏ ڀاڳين وٽ ايندا/ ٽڪندا آهن. جيڪو خاطر تواضع نه ڪندن، تنهن کان رُسي ويندا آهن. هڪ دفعو جنهن کان رُسي ويا، تنهن جي در تي ٻيهر

نہ ايندا آهن .

پاڻ کي تڪليف ۾ وجهي بہ، ٻنهي کي خوش رکجي. ايمان ڪانسواءِ ماڻهو ڪنهن ڪم جو ڪونهي. جنهن جي در تي ڪوبہ مهمان لڙي نہ اچي، اهو انسان ئي ناهي.

- ايمان ڪانسواءِ انسان، پاڻيءَ ڪانسواءِ سلو.

**13- بدو، اڪين ڪيو (هندي، چوڻي)**

هندي ڇهون مهينو، جيڪو آگسٽ ڌاري ايندو آهي. منجهس گرمي ۽ گهٽ ٿئي ٿي، جنهن سبب اڪين تي بہ اثر پون ٿا.

- بدو آهي روپ وارو مهينو.
- بدو، بدڪاريءَ جي سٽڻ.
- بدو، بد بلاءِ، تنهن کان ساوڻ پلو.
- بدو پنو، ٻانيڻ چاڙهيو ڪنو.
- بدو پنو، ڪانون رنو.

**14- بدو، بڪن ڪيو (هوندي، چوڻي)**

بدي جي مهيني ۾ ڪي گاه وغيره بہ نہ ٿين. جنهن ڪري مال متاع بک مري ٿو ۽ کير بہ سڪائي وجي ٿو. مثان وري ٻانيڻ، ڪانون وغيره لاءِ شيراڏن ڪيائين، جنهن سببان گهر ڏٽين جو خرچ بہ وڌيو وجي. نتيجي طور پڪائي/ڪنجو سائپ ڪرڻي تي پوي.

**15- بدو، ڏيڻين ڍڍو (هندي، ٿر، چوڻي)**

بدي جي مهيني ۾ هڪ تہ گاه نہ ٿين ٻيو چوماسي جي هوائن سبب تراي/ٿوين جو پاڻي بہ سُڪي وجي، جنهن سبب مارو ماڻهو، مال متاع سميت اج ۽ بک مرن. ٿرين جو گذران ٿڻ تي آهي. کير گيهہ نہ ٿئي تہ پوءِ ان ڪتان وني ڪائين؟! جنهن ڪري ڪين ڍوڍي ڳيو بہ نہ ملندو آهي.

**16- بيٺل پاڻي، ٻوڙي (سرو، پهاڪو)**

وهندڙ پاڻي، هر شيءِ کي ڦيرائي، ڪناري تي سٽيندو آهي. جڏهن تہ بيٺل پاڻيءَ جو داٻ Static Pressure گهٽ هئڻ سبب، منجهس پيل شئ جي ترڻ جي سگهہ Buoyancy گهٽجي ويندي آهي. نتيجي طور، ٿوري وزن واري شيءِ بہ منجهس ٻڏي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح گهٽ ڳالهائو ماڻهوءَ کان بہ خيال ڪجي. منجهانئس ڪافي نقصان رسي سگهي ٿو.

- گونگو پاڻي، ٻوڙي (ساهتي)

**17- بيڪ کي ٽيڪ (ساهتي، پهاڪو)**

بيڪ: مڪر ڪرڻ واري جي پاسخاطري ٿئي ٿي. جنهن جي پاسخاطري ٿيندي آهي، سو ئي بيڪ ڪندو آهي. جنهن کي ٽيڪ هوندي، سو ئي بيڪ ڪندو آهي. يا جنهن کي بيڪ ڏانءُ ايندا آهن، تنهن کي ئي پاسخاطريءَ جي ٽيڪ نصيب ٿيندي آهي. بيڪر ماڻهوءَ کان پۇ ڪجي.

عورت، بيڪ/مڪر کي هٿيار طور استعمال ڪندي آهي. سندس مڪر کي عظيم مڪر سڏيو ويو آهي. نہ ڄاڻي تہ بہ اٺ مڪرن جو ڄاڻي. اهو ئي سبب آهي جو هر معاملي ۾، مرد سندس ئي طرف ڪٽندو آهي.

**18- ٻي وڙو، لوڪ تڙيو (سرو، چوڻي)**

جيڪو ٻين سان سني وڙ/ اخلاق سان پيش نہ ٿو اچي، تنهن کي ٻيا بہ ٺوڪاري ڦٽو ٽا ڪن. وڙ/ چڱائي ڪرڻ، اهل دل ماڻهن جو ڪم آهي. اهل دل، دل تي جبر ڪري، برائي ڪرڻ وارن سان چڱائي ڪن ٿا ۽ دشمنن جي دلين ۾ بہ جاءِ بنائي وٺن ٿا. ان جي برعڪس بي دل/بزدل/ڪانئر/مطلب پرست ماڻهو، پنهنجي لالچ/ هوس سبب، دوستن کي بہ دشمن بنايو ڇڏين ۽ آخر ڪتي وارو موت مريو وڃي .

**19- ٻار، ٻاڪرو ڦر (ساهتي، چوڻي)**

ٻار ۽ ٻاڪرو ڦر، حرڪتن ۾ هڪجهڙا آهن. نينگ ٽپا ڏيڻ، وٽن/ پٿين تي نرا ڏئي چڙهڻ، هر شيءِ ۾ هٿ/ وات وجهي ٽٽولڻ، ٻنهي جي عادت آهي. انگريزيءَ ۾ ٻنهي کي Kid سڏيو ويندو آهي. ٻنهي کي ڇڏي ڏجي تہ چرندا وتن. تڏهن سياڻيندا. متن نظر رکڻ سان، کين وڏندا، پوءِ پلي ڪيڏو بہ چارجين.

- ٻاڪرو ڦر ۽ ٻار، ٻئي هڪ آچار.
- ٻار ۽ ٻاڪرو ڦر، ڪنهن جي بہ جهل پل ۾ نہ ايندا آهن.

**20- ٻہ تہ ٻارنهن (سنڌ، پهاڪو)**

اڪيلو ماڻهو، بي بس/ ڪنهن نہ ڪم جو نہ ڪار جو. بهشت ۾ بہ بيزار. ٻہ ڄڻا ملن تہ ڪم جو اڪلاءُ ٿئي/ ترقي ٿئي/ واڌ ويجهہ ٿئي/ زندگيءَ ۾ رواني اچي. ٻنهي گڏ ٿيلن جي حيثيت، ٻارنهن ڄڻن واري آهي.

- گهڻن ڪنئي، ڇپر ڪچي.
- گهڻا، ڄڻ پٽ الڪ جا. (هندي)
- گهڻن سان خدا اجي مدد بہ شامل هوندي آهي.

**21- ٻڍاپو، ٻيو ٻالپو (هندي، چوڻي)**

نندڙو ٻار ڄمڻ وقت، معذور، ڪمزور، بي بس ۽ ٻين جو محتاج هوندو آهي. خاص طور تي ماءُ جو. اهڙيءَ طرح ڪراڙو ماڻهو بہ ضعف. ڪمزوريءَ ۽ بي بسيءَ سبب ٻين جو محتاج هوندو آهي. خاص طور تي زال جو شيڪسپيئر بہ زندگيءَ کي ستن طبقن ۾ ورهائيندي ٻڍاپي کي ٻيو ٻالپو سڏيو آهي.

- ٻڍو ۽ ٻار، ٻئي هڪ آچار .
- نندڙي نہ مري مايڙي، ٻڍي نہ مري جوءِ .

**22- ٻاڻ، سدا جواڻ (زرعي، چوڻي)**

فصل ڪٽڻ کان پوءِ، زمين ساٽي ٿيو پوي. ان کي سگهارو ۽ استعداد لائق بنائڻ لاءِ، سندس سيوا ضروري آهي. جنهن لاءِ هر ڏيڻ/ سانهر گهمائڻ/ ريج ڪرڻ ۽ ٻاڻ ڏيڻ ضروري آهي. ماهيي/ وٿاڻ جي ٻاڻ تي زمين جي ڄڻ جواني ٻيهر نکري اچي ٿي. جيئن جوانيءَ جو اولاد طاقت وارو/ مضبوط هڏن سان ڄمندو آهي، تيئن ٻاڻ ٻيل زمين جو فصل بہ طاقت وارو ۽ سڦلائتو رهندو آهي.

**23- ٻائرن ٻاڱا لهٽا (ساهتي، چوڻي)**

ٻاءُ، هونئن تہ سر قربان ڪرڻ لاءِ بہ تيار هوندو آهي، پر پنهنجي ٻائيواريءَ جي حصي تان

دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي. ماءُ پيءُ جي طرفان ڇڏيل ملڪيت جو جوڳو حصو وٺڻ لاءِ هر وقت ڏنڊو کنيو پيو ڦرندو آهي. ننڍ وڏائيءَ جو بہ خيال نہ ڪندو آهي.

سمجهہ ۾ آيو تہ حق، ياءُ بہ ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي. ٻيا ڪيئن ڇڏيندا؟ پائيواري ڪرڻ سولي، نباهڻ اولي. پائيواريءَ جا معاملا وڏي احتياط سان نبيندا آهن. جاني بہ جدا فدا ٿي ويندا آهن.

- اشتراڪيت جي ديڳ ڏٽي تپائي .
- پائيواري، ياءُ/ زال سان بہ چڱي ناهي.
- پائيوارن پاڳا لهٽا، توڙ پهجن اڏ جا ڪانا.
- بہ پائر، ٽيون ليکو .
- پيٽيو : پيءُ پٽ، ليکو .

**24- پڳين، کهڙا سيڻ؟ (سنڌ، چوڻي/ پهاڪو)**

جيڪا عورت، مٽن مائٽن جي مرضيءَ خلاف، ڪنهنس ان پڃي نڪتي، ان جو ڪنهن سان بہ رشتو قائم نہ ٿو رهي. جنهن رت جو رشتو ٽوڙيو، ان لاءِ دنيا ۾ باقي رشتا نہ ٿا جڙيا رهن. انهيءَ سبب جي ڪري، پاڻ تہ سڄي زندگي عذاب ۾ گذاري ٿي، پر سندس اولاد بہ سڪ سان نہ ٿو رهي. انهن سان بہ ڪير رشتو نہ ٿو ڳنڍي. جنهن عورت جي گهر ۾ ننهن/ نياڻو نہ آيا، تنهن وٽ ڪهڙا سيڻ ايندا؟ پڳل عورت جا سيڻ نہ هوندا آهن. جيڪڏهن هوندا تہ پوءِ اهي بہ اهڙا ئي هوندا.

- پڳل پانهن جا، نہ ساهرا نہ پيڪا.
- پڳيءَ تي پئي نہ هوندي آهي.
- ميهار مينهن مان نڪتو، وڃن کهڙي پارت .

**25- تڪبر، ڪنڌ پر (نصيحت، چوڻي)**

تڪبر، آڪڙ/ غرور/ هٺ/ وڏائي انسان کي نہ ٿي سونهي. وڏائي، خدا جي چادر آهي، ان کان علاوه ٻيو ڪير اها چادر اوڍيندو تہ ڄڻ ساڻس همسري ڪرڻ ٿو چاهي. خدا تعاليٰ وڏائي/ همسري ڪرڻ واري کي پسند نہ ٿو فرمائي. جيڪڏهن ڪنهن وڏائي ڪئي تہ ڪيس هن دنيا جي تہ ندامت ڪرمن ۾ آهي پر آخرت جي خواري بہ ڪٽني پوندس.

- هٺ جو گهر، هيٺ .
- نمي نهار جي، ڪمي ڪائجي .

**26- تندرستي، هزار نعمت (فارسي، پهاڪو)**

ٿورو/ احسان ذري پرزي جو بہ سڃاڻڻ گهرجي. پرائو ٿورڙو/ ننڍڙو احسان ياد بہ رکڻ گهرجي ۽ لاهڻ جي بہ ڪوشش ڪجي تہ بهتر آهي. جنهن وڻ جي ڇانءَ ۾ آساس ونجي، ان جو بہ خير گهرجي. ان سان بہ چڱائي ڪجي. ان کي پاڻ نہ ڏجي تہ ڪيس پاڙان بہ نہ وڍجي.

**27- ٿورو سڃاڻڻ گهرجي (ساهتي، چوڻي)**

ٿورو/ احسان ذري پرزي جو بہ سڃاڻڻ گهرجي. پرائو ٿورڙو/ ننڍڙو احسان ياد بہ رکڻ گهرجي ۽ لاهڻ جي ڪوشش ڪجي تہ بهتر آهي. جنهن وڻ جي ڇانءَ ۾ آساس ونجي، ان جو بہ خير گهرجي. ان سان بہ چڱائي ڪجي. ان کي پاڻ نہ ڏجي تہ ڪيس پاڙان بہ نہ وڍجي.

**28- پچن، سي پسن (سرو، چوڻي)**

منزل تي رسڻ لاءِ رستن بابت پڇائون ڪرڻ وارو ئي، ڪاميابي ماڻي ٿو. جيڪو هَٿُ هَٿَ تي رکي ويهي رهي ٿو ۽ پڇا ڪرڻ واري تڪليف به نه ٿو ڪري، سو ڪڏهن به منزل کي اکين سان نه ٿو پسي. عشق جي منزل به ان کي راس اچي ٿي، جيڪو توڪل جو طرهو ٻڌي، بنا حجاب جي منزل بابت پڇائون ڪري ٿو .

**29- پچن، سي وير (سرو، چوڻي)**

محبوب جي حال بابت، اهو پڇندو، جيڪو دلير/ بهادر هوندو. سر ترِيءَ تي رکي، عشق جي منزل لاءِ پنڌ ڪندڙ دلير ئي منزل رسيد ٿيندا آهن. محبوب جو جلوو، اهي ئي پسندا آهن. محبوب جي ناموس کي برقرار رکڻ وارا، اهي ئي پڇائو ڪندڙ وير/ عاشق هوندا آهن.

**30- پدرم، سلطان بود (فارسي، پهاڪو)**

جيڪو وڏن جي ڪئي ڪمائيءَ تي ٽڏي ۽ پاڻ ڪجهه به نه ڪري، اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

**31-پنجن ۾ پرميشور (هندي، پهاڪو)**

پنج: پنج/ پئنچ گڏجي ڪنهن معاملي تي صلاح مشورو ڪن ته ان ۾ ئي خير برڪت هوندي آهي. خدا تعالىٰ وڏن جي صلاح مشوري ۾ ئي، مصلحت رکي آهي. ننڍا ڀلي ڪيڏا نه پڙهيل ۽ هوشيار چونه هجن، وڏڙا ڀلي ڪيڏا اياڻا/اڻ پڙهيا ۽ ابوجهه چونه هجن پر وري به ننڍن کي وڏن جو ادب ڪرڻ لاءِ حڪم آيل آهي. انهيءَ ۾ ئي حڪمت آهي، مصلحت آهي. برڪت آهي، پنهنجي پر ڪرڻ ۾ ڪا مصلحت/ چڱائي ڪانهي .

- پئنچن ۾ پرميشور .

**32- پوهه، ڪلن ڪوهه (هندي، چوڻي)**

هندي ڏهون مهينو، ڊسمبر ۽ جنوريءَ ڏاران اچي. منجهس سيءَ/پارا جام پون. ڪم ڪار واري ماڻهوءَ جا هٿ، پاري ۾ ڪلن سميت ڪوهجي پون. ڪوهه مان مراد، ڪوهجڻ آهن. مطلب گهٽي سرديءَ/ پاري سبب چمڙي ڪوهجي/ ٽرڙ تي وڃي ٿي .

**33- پوهه، لاٽا لوهه (ٽر، چوڻي)**

پوهه جي مهيني ۾ اڌي ته ٽڌ ۽ پارا پوندا آهن جو گاهه به سڪي سڙي ويندا آهن. هر شيءِ لوهه/ سُڪَ ٿيو وڃي. اٽ جي ڪاٺڻ جو گاهه آهي لاٽو، جيڪو لوهه وانگر سخت/ بيڪار ٿيو وڃي. مطلب ته پوهه مهيني ۾ سخت سيءَ/ پارا پوندا آهن .

- پوه نه ڳڌئي ٻڪري، مانگهه ڳڌئي نه ڏاند.
- پڇي وت ڪريندو ٻڪري تي وت ڪريندو ڏاند.
- پوهن رڌي، مانگهن کاڌي .
- پوه، هڪ ڪاءُ ٻي جهوءِ .

**34- پهريون ملهه، ڪستوري (واپاري، چوڻي/پهاڪو)**

واپاري دنيا ۾ هر شيءِ جو ملهه اهو آهي، جيڪو پهرينءَ سٽ ڪٽيو وڃي. اٽندي ئي جيڪو اگهه پوي ٿو، ان کان گهٽ ڪڏهن به نه ٿو ٿئي. سنو اگهه آهي ته آخر تائين برقرار رهندو.

خراب اڳهه ڪيائين ته آخر تائين ڪونه چڙهندو. مارڪيٽ ۾ شيءِ آڻڻ يا Introduce ڪرڻ کان اڳي، ان تي تحقيق ڪجي. بعد ۾ مارڪيٽ ۾ آڻجي.

- پهرين ڏيءُ، پٽ برابر .
- پاڇاتي پٽ کان، آڳاتي ڌيءُ ڀلي .
- ور ته پهريون ور، ٻيو آهي ڪارنهن جو ٽِڪر .

**35- پئسو، پرين آهي (ساهتي، چوڻي)**

پئسي ۽ پرينءَ کي ڪير به پري ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. نه ئي وري مٿن ٻئي جي نگهه برداشت ڪرن لاءِ تيار هوندو آهي. هرڪو ڪين سانڍڻ لاءِ وس ڪندو آهي. پئسي کي ته وڌائڻ لاءِ رات ڏينهن ڪوشش به ڪندو آهي .

**36- پيءُ پٽ، ليکو (ساهتي، چوڻي)**

دوستي/ياري/ مٽي تڏهن برقرار رهنديون، جڏهن آداب مِلحوظ رکندي، ڪس ڪسر ڪائيندي، ليکو/حساب ڪتاب سڌو رکبو. جيڪڏهن ليکي ۾ تورو به رولو/ ڦير ڦار هوندو ته سنگت/ مٽي مائٽيءَ ۾ ڦوٽ/ڏار پئجي ويندي. حساب ڪتاب سڌو هوندو ته پراوا به پنهنجا ٿي پوندا. حساب ڪتاب ٽيڙو هوندو ته پائر به ڪنا ڪيڙا ٿي ويندا. ايستائين جو پيءُ ماءُ کي به پتي تي نه پئبو. پيءُ ماءُ کي به اهو پٽ وڻندو، جيڪو ڀلي ڪاٽو هجي پر ڪاتو هجي .

- ڀه پائر، ٽيون ليکو .
- ليکو آ چوکو، چوکو آ پريت .

**37- جاڳ، لڳئي ڀاڳ (سرو، چوڻي)**

ڀاڳ جو تعلق نه حسن سان، نه محنت سان، نه قد ڪاٺ سان، نه ذات پات سان آهي. ان جو تعلق قسمت سان آهي. قسمت ان جي ڀلي ٿيندي، جيڪو محنت ڪندو. هٿُ هٿَ تي رکي ويهڻ واري جو ڀاڳ به سمهي پوي ٿو. خدا تعالىٰ به ڪنهن قوم جي حالت تيستائين نه ٿو بدلائي، جيستائين اها قوم پنهنجي حالت نه ٿي بدلي. تبديلي چاهڻ واري کي، سجاڳي اچڻ کان پوءِ ئي ڀاڳ لڳندو آهي .

- ڏن/ ڀاڳ آهي چِتو ڪتو، جنهن کي ڪائي .
- جاڳندن وچون، ستن ڪوهان .
- اشتداقي، نه خالي .
- صبح جي ناري، نه ڏينڊءِ ڏک نه بيماري .
- آڻ هزاري، چڙهي ڪيون هسواري .

**38- جان ته جهان (طبي، چوڻي)**

هن جهان جو هجڻ، ڪنهن جي به جان هجڻ سان منسلڪ ناهي. هرهڪ جان جو تعلق، هن دنيا سان ضرور آهي. جهان جي هجڻ سان، جان جي حيثيت آهي. ٻيءَ صورت ۾ جڏهن ماڻهو جيئرو آهي ته جهان به آهي. مئي پڇاڻا، مري وئي سڄي دنيا.

- مئي پڇاڻان، سڄ اڀري نه اڀري .
- مئي پڇاڻان سڄ اڀري نه ته ٻي جهاني .

**39- جان تہ جوان (طبي، چوٽي)**

جان/سرير/ جسم هجي تہ سگهو/ جوان هجي. ڪراڙي/ ٻڍي سرير مان ڪهڙو فائدو؟ نہ پنهنجي ڪم اچي سگهي، نہ ٻين جي. هتائين ٻين جو محتاج رهي ٿو. ٻين جو محتاج رهڻ بہ آهي ٻين کي بت مان بيزار ڪرڻ. جنهن سرير مان سپڪو بيزار هجي. ان مان ڪهڙو فائدو ؟

**40- جاڙ تہ جواڻ (طبي، چوٽي)**

طب جي دنيا ۾ جاڙ جي لاءِ چيو ويو آهي تہ طاقت/ گرمي بخشي ٿي. جنهن سان جوانيءَ وارا مزا ماڻي سگهجن ٿا. جاڙ سرديءَ ۾ واپرائي ويندي آهي. جواني ۽ تازگي واپس اچيو وڃي.

- سرير سگهو، سنسار سگهو .

**41- جڙيءَ کي جس (سنڌي، پهاڪو)**

دنيا جي تختي تي، هر انسان آيو تہ اڪيلو ۽ هتين خالي آهي پر ڪيس رهڻو ٻين سان گڏجي ۽ پريل هتن سان آهي. هر ڏکئي وقت ۾ صبر ڪري، ٻين سان نهي هلڻ، چڱو ڪم تہ آهي پر ڏکيو بہ ڏاڍو آهي. اهڙو ڏکيو ڪم ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي جس/ شاباس هئڻ گهرجي .

**42- جگر، نيٺ جگر (سرو، چوٽي)**

جگر : مٽ/ عزيز/ رت جو رشتيدار، ڪڏهن بہ بي وفا نہ ٿيندو. وقتي ناراض ٿيندو پر پاسو نہ ڇڏيندو. ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ چنبڙيو ضرور ايندو. ڏارئي وانگر ڏک هنيو، دور نہ هليو ويندو. ڪٿي بہ هوندو، هر وقت پيو ياد ڪندو/ رهندو. ماريندو تہ بہ ڇانءَ ۾ رکندو، اس ۾ نہ اڇليندو.

- پنهنجو ماري تہ بہ ڇانءَ ۾ اڇلي .
- پنهنجو آخر وري بہ پنهنجو آهي .

پيٽيو : ڏاري، وجهي گهاري .

**43- جماعت ۾ ڪرامت (لاڙ، چوٽي)**

اڪيلو ماڻهو، شيطان جو گهر آهي. پنهنجي اڪيلي/ نويڪلي جهنم ۾ ٿو رهي. جنت ڪان دور، ذهني طرح بي سڪون رهي ٿو. ان جي برعڪس گڏجي رهڻ واري کي آٿت ملي ٿو. ذهني سڪون رهيس ٿو. غم ورهائجي وڃنس ٿا. ڪم سؤلا ٿي پونس ٿا. ٻين کي ڪم اچڻ جي ڪري، مالڪ مٿس مهربان ٿيو پوي. جيئري جنت مليس ٿي. اڻ ٿيٽا ڪم ٿي پونس ٿا. ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڪرامت ؟

- اڪيلو ڇٽو، ڪهڙا ٻٽ پريندو .
- اڪيلو ماڻهو، جنت ۾ بيزار .
- جيڪڏهن چاهين تہ ڪامياب ٿيان تہ جماعت سان همرنگ ٿي .

**44- جواريءَ، ميٺي هار (سرو، پهاڪو)**

جواريءَ کي جوئا تي اڪسائڻ ۾، وڏي ۾ وڏو هٿ گٺ جو آهي. ڪٿي نہ تہ ڪيڏي چو؟ ڪتندو تڏهن، جڏهن اڳلو هارائيندو! اڳلو بہ ڪنهن اميد تي هارائيندو آهي. اميد اها تہ: مور بہ موٽائيندس ۽ ٻيٽا ڪري ڪتندس بہ ٻيٽا ڪري ڪتڻ جي خوشيءَ/ جواز تحت، هارائڻ ڪيس منو لڳندو آهي. جيئن شڪاري پکي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪيءَ ۾ داڻو ڇٽيندو آهي، تيئن هارائيندڙ

جواري ۾ هار کي چُوٽي طور سمجهندو آهي .

- جواري کٽيندو پلو .
- هارڻ وار يجو اڌ منهن ڪارو، کٽڻ واري جو سڄو .

**45- جواهر پرکي جوهري (سنڌ، پهاڪو)**

شيءِ جو قدر، قدران ئي ڄاڻندو آهي، يا اهو ڄاڻي سگهندو، جنهن منجهانئس جوڳو فائدو ورتو هوندو. جنهن فائدو/ مزو ورتو ئي ناهي، ان کي ڪهڙو قدر/ ڪهڪاءُ. ڪسوٽي رکندڙ ئي ڪسوٽي هني سون/ روپي/ چانديءَ/ موتيءَ جو مُلهه ڪٿي سگهندو آهي .

- شيشہ گر ڇا ڄاڻي قدر جواهر جو .
- عالم جو قدر عالم يا طالب العلم ڄاڻي .
- جواهر پرکي جوهري، هيو پرکي پاتشاه (هندي)
- جواهر پرکي جوهري، ٻئي جي ڇا مجال؟ (ساهتي)

**46- جوڳي رمتا ڀلا (هندي، پهاڪو)**

صاف شفاف پاڻي، جيڪو گهڻين ئي شين جي گندگيءَ کي ڌوئي صاف ڪرڻ جي صلاحيت رکندو آهي، سو ٻہ بيٺي ڌپ ڪري ويندو آهي. جوڳي/ ساڌو/ فقير/ درويش ٻہ تڏهن ڀلو/ فائديمند لڳندو آهي، جڏهن هلندو رهي. هڪ هنڌ ٽڪي نہ بيهي. جيڪڏهن هڪ هنڌ اٽڪي بيهي رهيو تہ بيٺل پاڻيءَ وانگر ڌپ ڪري ويندو. منجهانئس درويشيءَ واري خوشبوءِ/ صفت ويندي رهندي.

- پاني بهتا ڀلا، ساڌو رمتا ڀلا .

**47- جيسوءِ کي تيسو (هندي، چوڻي/ پهاڪو)**

دنيا ۾ ماڻهو، جيئن ٻين سان ورتاءُ ڪري ٿو، موٽ ۾ ٻيا ٻہ ساڻس تيئن ورتاءُ ڪن ٿا. چڱي هلڻ واري سان، دنيا چڱو هلي ٿي. بري هلڻ واري سان هرڪو برو هلي ٿو. ٻين سان ڀلائي ڪبي تہ هرڪو ڀلائي ڪندو. منجهيل ڪم ٻہ سلجهندا هلندا.

- جيسي ڪو تيسا ملا، سنت ڪو ڀيل ،
  لوها ڪا گيا گهن، چوري ڪو ليگئي چيل.
- جيسي ڪو تيسا ملا، ڏوم ڪو ملا نائي،
  اس ني ڍولڪي بجائي، اس ني آرسي بتائي.

**48- جيءَ تہ جهان (طبي، چوڻي)**

جهان جون خوشيون ان کي محسوس ٿين ٿيون، جنهن کي اندر جي خوشي حاصل آهي. جنهن کي اندر جي خوشي ميسر ناهي، تنهن کي ٻاهر جي خوشيءَ جو سواد حاصل ناهي. جيءُ/جان/صحت هجڻ سان، جهان جي موجودگيءَ جو احساس بيدار ٿئي ٿو. پنهنجي جان وڃڻ کان پوءِ، ٻيءَ جهانيءَ جو احساس مريو وڃي .

- جيءُ خوش، جهان خوش.
- مئي پڄاڻا، مري ويئي دنيا.
- مئي پڄاڻان، سڄ ئي نہ ٿو اڀري .

  پيٽيو ؛ جان تہ جوان .

**49- جاتا، ابتا ڏاتا (سنڌ، چوڻي)**

جاتو/ نياڻو، جيڪڏهن سجو آهي ته ابتي ڏاتي وانگر پيو وڏيندو. پاڻ سنڌو نه چوندو ته زال جي معرفت پيو مال چڪيندو ۽ هڪيون پٽيندو. ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پيو ساهرن کي تنگ ڪندو. مال نه مليس ته زال کي پيو ماريندو. جنهن سان وري به نياڻيءَ جا پيءُ ماءُ پيا ڏکاربا.

**50- جاٽو، ڏونئرو منو (سنڌ، چوڻي)**

جاٽو : چاول/ نياڻو. جيڪڏهن ڏونئرو جمي پوي ته به منو، جيڪڏهن ڏکر جي دور ۾ چڱو نياڻو ملي پوي ته به پلو. جيڪڏهن نياڻو ڏونئري وانگر اڦرڪيل/ ڪنو/ڦوڪيل آهي ته به منو پيو لڳندو آهي. سهرو ۽ سس، نياڻيءَ جي ڪري، ڪيس اکين ۾ پيا جايون ڏيندا. ڪهڙو به اينترو جاٽو/ نياڻو هوندو، ته به ڪين پيو وڻندو ۽ ٻيا طرفداري ڪندس.

- پٽ پيٽئون، ناني نيٽئون .

**51- جايا، ڪلڻ آيا (سرو، پهاڪو)**

پيٽان جاول يا هٿان نڪتل عمل کي جايو سڏبو آهي. جيڪڏهن ڄڻيو اولاد/ عمل، بد هوندو ته راڄ ڪلائيندو. جيڪڏهن ڄڻيو اولاد/عمل نيڪ هوندو ته راڄن ۾ عزت/ ناموس وڌائيندو. انسان ڪيڏو به محتاط رهي، پر سندس جسم مان نڪتل هر شيءِ/ عمل ۾ غلاظت رهجي ئي ويندي آهي، جنهن سبب مٿس ڪل/ ننول به ٿيندي آهي .

**52- جيٺ، اکين ميٺ (هندي، چوڻي)**

جيٺ: هندي ٽيون مهينو. جون جي پڇڙيءَ کان شروع ٿئي. هن مهيني جي آخر ۽ جولاءِ جي شروع کان چوماسي جون هوائون شروع ٿينديون آهن. اهي هوائون موسمي برساتون آڻينديون آهن. جن جي اثر ڪري، لڪون ٽڏڙي هير ۾ بدلجي وينديون آهن. جنهن جي ڪري اکيون ڳهر ڳهيل هونديون آهن. ننڊ تمام گهڻي ايندي آهي. انهيءَ مهيني ۾ انب تمام زور منا ٿيندا آهن. اکين ۽ لڱن کي هوائون ٺاري وجهنديون آهن .

- جيٺ، انبن ميٺ .
- جيٺ، لڱن ميٺ .

**53- جهنگ، آهي ننگ (هندي، چوڻي)**

اڪيلي رهڻ کان، ماڻهن جي جهنگ ۾ رهڻ بهتر آهي، مڙيئي وقت گذري ويندو. هڪڙن کان ڏک ملندا ته ٻين کان مرهم ملي ويندو. هڪڙا پوتي/پلو/پٽڪو لاهيندا ته ٻيا ننگ رکندا/ ڍڪيندا. جيڪڏهن لڄن جا لٽيرا آيا ته ننگ پال به اچي ميدان ماريندا. بهرحال انهيءَ جهنگ ۾ رشتن ناتن جو اهڙو ته ربط ۽ تاڃي پيٽو اڄيل آهي جو ڪير به ڪنهن سان بي واجبي/ ڪينس ڪري، سک سان ويهي نه سگهندو. اهڙي جرئت ڪرڻ واري کي سر تان هٿ ڪڍڻو پوندو .

**54- جهنگ، پنهنجا رنگ (هندي، پهاڪو)**

جانورن جي جهنگ جا ته پنهنجا رنگ آهن پر ماڻهن واري جهنگ جا به عجيب رنگ/ ڍنگ آهن. منجهس اهڙي ته رنگيني رکيل آهي جو ڪير به اتان پڃڻ نه چاهيندو. مجبور ڪبس ته به اها رنگين دنيا ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيندو. دنيا کي دورنگي سڏيو ويو آهي. لڳي ٿو ته ڪسر نفسيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي. اصل ۾ دنيا جا الائي ڪيترا رنگ آهن، الائي ڪيترا روپ اٿس.

**55- چٽ، ڪڍي ٽِٽ (ساهتي، چوڻي)**

چٽ، اونهاري جي آخر ۾، سيپٽمبر آڪٽوبر ڌاران ٿيندي آهي منجهس رات ٿڌي، ڏينهن تکو ٿيندو آهي. ڏينهن ۽ رات جي تکڙي ڦرندڙ گرمي پد سبب، بيماريون منهن ڪڍنديون آهن. ماڻهو حڪمين/ طبيبن/ڊاڪٽر جي ور چڙهي ويندو آهي. رات جو ٻاهر سمهن سان مچر پٽيندا آهن ته اندر گرمي ٿيندي آهي. رات جي پوئين پهر ۾، ٻاهر سمهڻ واري تڏ سبب ليس يا زڪام ٿيو وڃي. اندر پکو هلائي سمهه ته به مچر نه مڙن. ڏينهن تي تک، رات جو ٿڌ، ڏينهون پگهارا، راتون پارا. چڱو ڀلو به بيمار ٿيو پوي.

- چٽ، نه ڪنهن جي مِٽ .

**56- چيٽ، لڱن ميٽ (هندي، ٿر، چوڻي)**

چيٽ : هندي پهريون مهينو، مئي ڌاران ايندو آهي. بهار جي پڇڙي هوندي آهي. انبن پچڻ جي مند هوندي آهي. پوربي هوائن جي ڪري، صبح جو ٿڌڙي هير گهلندي آهي. لڱ ل نري پوندو آهي. هر مچي پيٽ سان هوندي آهي. انگريزيءَ جا اهي مهينا، جن ۾ (آر) اکر نه اچي، تن ۾ مچي آنا/ ٻچا ڏيندي آهي ۽ کائڻ ۾ لذت نه هوندي اٿس .

- چيٽ، نندي وڏي پيٽ .

- چيٽ آهي پيٽ، ڪتي نر فصل .

**57- چورو، پاڻ زورو (ساهتي، چوڻي)**

اهو ٻار جنهن جو پيءُ يا ماءُ يا ٻئي مري ويا آهن، تنهن کي چورو سڏبو آهي. يتيم/ چورا ٻار، احساس محروميءَ جو شڪار هوندا آهن. ڪنهن جي به غرض/ ڪاڻ نه ڪندا آهن. پنهنجي مرضيءَ سان اٿندا ويهندا آهن. نه نندو هوندو اٿن نه وڏو. پنهنجي وِت/ وس/ طاقت کان ٻاهر پيا ڪم ڪندا آهن. نه ڪنهن جي جهل ۾ هوندا آهن، نه ڪنهن جي پل ۾، دنيا جا گهڻا ٽڻا انقلاب، يتيم ٻارن جي هٿارئون آيا آهن. يتيم، جسماني/ دماغي/زباني/نفسياتي طور تي سيني کان ڏاڍو/ زور هوندو آهي. سندس آهه عرش ڏڪائي وجهندي آهي.

**58- حال، پريان نال (سنڌ، چوڻي)**

دوستن/ پرين/ دل گهرين کان اصلي/ حقيقي حال نه لڪائجي. سندن سامهون، دل جو حال کولي رکجي. پنهنجي عيبن تي ڪوڙ/ نڱيءَ/ دوڪي/ دولاب جا پردا نه چاڙهجن. حال محرم/پرينءَ جي نظرن ۾، پردا ڪيرائي وجهندا آهن. دل گهرين آڏو، دل جي گهراين سان پيش ڪيل، عيب صواب/ ڪمي ڪوتاهي لڪيو به وڃي، اصلاح به ٿيو وڃي ۽ ڪانئن آٿت به مليو وڃي.

- پرين سان حال، دشمن سان شان .

- منهنجي ٻلي، مون سان ڪري مياڻون (ابتو)

**59- حرڪت ۾ برڪت (سنڌ، پهاڪو)**

دنيا ۾ جيڪا به ترقي/واڌ/ برڪت پئي آهي، سا حرڪت جي مهربانيءَ سان ٿي آهي. ڪابه تحريڪ/ انقلاب بنا حرڪت/ تحريڪ جي وجود ۾ نه آيو آهي. انسان بذات خود به، حرڪت کان پوءِ معرض وجود ۾ آيو آهي. حرڪت جا ٻه قسم آهن. هڪ ڪارائتي ۽ ٻي بي ڪار/ نقصانڪار. ٻنهي ۾ برڪت پوندي آهي. ان لاءِ بهتر آهي ته بي ڪار جي ڀيٽ ۾ ڪارائتي حرڪت اختيار ڪرڻ

گهرجي. ڇو جو حرڪتي ماڻهو، ٻين جي نظر ۾ چڙهي ويندو آهي .

**60- حڪومت، فيل مست (سنڌ، چوڻي)**

فيل/ هاٿي وزنائتو ۽ طاقت وارو جانور آهي. وزن ۾ ڇهه ڪٽي سگهندو آهي. جنگين ۾ ڪم ايندو هيو. دشمنن جي لشڪر کي تهس نهس ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو هيو. جڏهن هاٿي مست ٿيندو هيو ته پوءِ وٺ جو ته هوندو ئي نه هيو. حڪومت جو مثال به ان فيل مست هاٿيءَ جهڙو آهي. ساڻس مهاڏو اٽڪائڻ، سر وڃائڻ برابر آهي .

**61- خفي سان نفعو (سرو، چوڻي)**

خفو/تڪليف/محنت ڪرڻ سان ئي ماڻُ ملي ٿو. قدر ٿئي ٿو. ڪمائي ٿئي ٿي. نفعا/منافعا ملن ٿا. خفو نه ڪرڻ وارو، آخر ۾ خفي ٿئي ٿو. ڪير به سندس مددگار نه ٿو ٿئي. آخر وڏي جهول جي زندگي گذار ٿو.

- خفي ۾ نفعو .

**62- خوشخطي، اڌ علم (فارسي، چوڻي)**

وڏيڪ علم، اهو حاصل ڪري سگهندو، جيڪو اکرن جو علم ڄاڻي ٿو. مطلب ته لکي پڙهي ڄاڻي ٿو. جيڪو لکڻ/ پڙهڻ کان عاري آهي، سو علم ڪين حاصل ڪري سگهندو. هڪ ڳالهه واضح ٿي وئي ته علم حاصل ڪرڻ جو دروازو، اکرن جو علم آهي. اکر، پڙهي ڄاڻڻ وارو، لکي به ڄاڻندو آهي. جنهن جا هٿ اکر جيترا سهنا هوندا، اوترو ئي اهو شوق سان لکڻ پڙهڻ سان وڃڙندو. سنن اکرن جي شوق ۾ ڪيترائي علوم لکي، انهن بابت ڄاڻ حاصل ڪري ويندو. پڙهڻ جي پيٽ ۾، لکڻ سان وڏيڪ علم حاصل ٿئي ٿو ۽ پڪو ٿئي ٿو. سنن اکرن وارو، اڌ علم حاصل ڪرڻ وارو آهي.

- اکر، اڌ علم آهن .

**63- دال، پڇڙي پال (سنڌ، پهاڪو)**

دال، عرف عام ۾ سستي ڀاڄي آهي. جڏهن درياه مٿان بند نه ٻڌا ويا هيا، تڏهن ڪڇي جو علائقو جام ٻڏندو هيو. ٻوڏ سبب ڇٽا ۽ مٽر جام ٿيندا هيا. وافر مقدار ۾ هئڻ سبب ڇٽو/ مٽر سستو هوندو هيو. غريب غربو، سال لاءِ گهر ۾ دال لپ هٿيڪي ڪري رکندو هيو. مال متاع سميت پيو پيٽ گذر ڪندو هيو. دال ڪائڻ سبب، مال سگهارو هوندو هيو ۽ منجهس ڪير مکڻ جام ٿيندو هيو. مارو ماڻهو دال تي پليل جانورن جي ڪير مکڻ تي، پلجي مهوڙ تي پوندا هيا.

**64- دام، ڪري ڪام (هندي، پهاڪو)**

دام : اگهه، ڪوڙڪي، هندو واپارين جي چوڻي آهي. سندن خيال آهي ته سمورا ڪم، اگهه يا پئسو ٿو ڪري جيڪڏهن قوت خريد نه هوندي ته ڪابه شيءِ خريد ڪري نه سگهبي. ان شيءِ مان ملندڙ فائدي مان بهره ور تڏهن ٿي سگهبو، جڏهن اها شيءِ خريد ڪرڻ لاءِ، دام هوندو/ دمڙي هوندو.

پيٽيو : ڌن بسيار، واپار .

**65- دستيءَ کي مستي (سرو، پهاڪو)**

دستي، نون نوڻن جي گڏيءَ کي دستي سڏبو آهي. اها جنهن جي به ڪيسي ۾ پوي، تنهن ۾

نئين رَتُ/ نئين جواني/ نئين رُتِ/ نئون روح پئجي ويندو آهي. ان آيل نواڻ سبب، مست ٿي پوندو آهي ۽ ڪنهن جي جهل پل ۾ نہ هوندو آهي جيڪو جيءُ ۾ ايندو اٿس، سو ڪري گذرندو آهي.

**66- ڏاري، وجهي گهاري (سنڌ، چوڻي)**

ڏارين سان مٽي ڪري، ڏاري عورت گهر ۾ آڻبي تہ پنهنجن ڪان پري وجي پئبو. ڇو جو ڏاري عورت جي خواهش هوندي تہ مڙس کي پنهنجو ڪيان ۽ پنهنجو راڄ هجي. جتي سندس پيڪا آسانيءَ سان اچي وڃي سگهن. سهوليتون وني سگهن. اها ڳالهہ مرد ۽ ان جي مائٽن کي نہ وڻندي ۽ نہ ئي سهي سگهندا. نتيجي ۾ فتنو ۽ ڦوٽ پوندي. ان جي برعڪس پنهنجن مان شادي ڪبي تہ اها عورت هرحال ۾ پئي گذاريندي. ڏک ۾ توڙ ي خوشيءَ ۾ ويني هوندي. ڏاريءَ وانگر، ڇني ڏار ڪرڻ وارا ترڪتال نہ ڪندي .

- پنهنجي، سهنجي .
- ڳوٺ جي ڪتي، موٽي اچي ڏر ڪٽندي .
- ڏاريءَ جو پير ڪاريءَ تي .

**67- ڏرمي، ٿيا پرمي (هندي، پهاڪو)**

وهمن ۾ گهڻو ڪري اهي وچڙندا آهن، جيڪي پاڻ کي ڏرمي سمجهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن برائيءَ ۾ اهو ڦاسندو آهي، جيڪو ان برائيءَ جي خلاف جهاد ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح مذهبي غلط رسمن خلاف مهم هلائڻ وارا، پنهنجي منزل تي رسڻ کان اڳي، ٻين غلط رسمن ۾ اڙجي ويندا آهن. وهم/ گمان ۾ ڦاسجي ويندا آهن. اڪثر وهم/ گمان، گناهہ هوندا آهن ۽ گمراهين ۾ گهلي ويندا آهن.

**68- ڌن بسيار، واپار (هندي، واپاري، چوڻي)**

جڏهن ڌن گهڻو هجي تہ واپار ڪجي. ٿوري ڌن سان واپار نہ ڪجي. ٿوري ڌن واري کي محنت مزوري ڪرڻ گهرجي. ان سان ئي سندس سنو گذران ٿيندو. ٿورو پئسو پاڇي ڪري رکڻ گهرجيس. پاڇي ڪرڻ بجاءِ سيڙائندو ويندو تہ ڏاڍي تنگي/ تڪليف ٿينس. ڇو جو پئسو پئسي کي ڪمائيندو آهي. گهڻو پئسو محنت سان نہ پر پئسن ۽ حرفت سان ڪمائبو آهي. گهڻا پئسا ٿورن کي ڪمائيندا آهن. ٿورا گهڻن کي نہ .

- زر بسيار، واپار .

**69- ڏيئون، آهن ڍيوريون (ساهتي، چوڻي)**

ڍيءِ ۽ ڏيئر جلد وڌندا آهن. جلدي اسرندا، نسرندا ۽ ڦرندا آهن. جلد پُٺا بہ ٿي ويندا آهن. تنهنڪري ضروري آهي تہ نياڻي جلدي اتارجي. ويهارڻ سان جلد فنا ٿي ويندي. نہ پاڻ ۾ جوت رهندس، نہ وقت سر اولاد ڄڻي سگهندي. نہ مڙس جي دل وني سگهندي، نہ گهر ڪري سگهندي. نہ آخري وقت چڱو گذرندس.

**70- ڏاڍو، سو ڳابو (سنڌ، پهاڪو)**

ڏاڍي/زور آور/طاقتور/مڙس ماڻهوءَ جي پيٽ ڳابي ان ڏني ويندي آهي. هندو مذهب ۾ ڳابي جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. انهن جي تصوير ۾ ڳابو، هر ڪاهڻ، زمين سنوارڻ، ڳاهہ ڳاهڻ وغيره

جي ڪم اچي ٿو. جنهن ڪري ڪاٺ لاءِ ڪجھ ملي ٿو .

اهڙيءَ طرح ڏاڍو مڙس به ڪن جي لاءِ روزي/ رزق ۽ دفاع وغيره جي ڪم اچي ٿو. ان ڪري ان جي حيثيت به ڳابي جهڙي آهي .

- پلي ڄايو ڳانءِ جو ڄايو، جنهن سارو جڳ نپايو (هندي)

**71- ڏٺا، منهن مٺا (ساهتي، چوڻي)**

جن ماڻهن کي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو ڏسبو آهي تن کي ٻيهر ڏسڻ لاءِ دل گهرندي آهي. انهن سان اُنسيت پيدا ٿي پوندي آهي. جڏهن ٻيهر سامهون ايندا آهن ته ساڻن ڳالهائڻ لاءِ به دل گهرندي آهي. تجسس سان ٻيهي ڪين ڏسبو آهي. دل ۾ هنداڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. نيت اهو به سوچي ونبو آهي ته ساڻن ڪاتي ملاقات ٿيل آهي .

- ڏٺا، مٺا ٿيندا آهن .

- ڏٺا، مٺا آهن .

**72- ڏنو، ٻنو آهي (سنڌي، چوڻي)**

الله جي نالي تي ڏنل خير خيراتون، ايندڙ مصيبت لاءِ بند/روڪ/ٻنو آهن. انهيءَ ڪري هر ڪنهن کي جڳائي ته ان مالڪ جي نالي تي هر وقت خير خيراتون/صدقات/چڱايون ڪندو رهي .

**73- ڏنو، پنڌ چنو (ساهتي، چوڻي)**

قرض موٽائي ڏيڻ، ائين آهي جيئن اڳلي جو وري اچڻ، چني ڇڏڻ. ٻين لفطن ۾هيئن به آهي ته اڳلي کي قرض ڏيڻ معنىٰ ڇڻ وجن جو رستو چنڻ. ان ڪان علاوه هيئن به چيو ويندو آهي : ڏنو، پنڌن چنو. جنهن قرض ڏنو، سو موٽائي ونڻ جي ڪري، پنڌن ۾ ڇجي مئو .

**74- ڊڄي، سو مري (سرو، چوڻي)**

منزل جا مزا اهي ماڻيندا آهن، جيڪي سر ترڻيءَ تي رکي دليريءَ سان ڌوڪيندا ايندا آهن ۽ آڏو آيل هر رڪاوٽ کي ڪيرائيندا آهن. جيڪي ڊڄي ويهي رهندا آهن، سي منزل تي هرگز ڪين پهچندا آهن. رستي ۾ ئي مري/ فوت ٿي ويندا آهن .

- جو ڊر گيا وه مر گيا.

**75- ڏينهن، آهي شينهن (سنڌ، چوڻي)**

ڏينهن جو ڪيل ڪم، جهٽ نبريو/ مڪمل ٿيو وڃي. هرڪو دليريءَ سان منجهس هٿ وجهي، وقت اندر ڪالائي ڇڏي ٿو. ان جي برعڪس رات جو، نه ڪم نبري ۽ نه ئي پورو ٿئي ٿو.جيڪڏهن ٿئي به تو ته وڏين تڪليفون رسڻ ۽ وڏن خرچن ڪرڻ ڪان پوءِ ٿئي ٿو.

**76- ڏڳو، آرڙو پلو (لاڙ، چوڻي)**

ڏڳو اهو پلو آهي، جيڪو ساريال زمين ۾ هر ڪاهي سگهي. ساريال زمين آلي هوندي آهي. آلي زمين، نرم هئڻ سبب هر ڪاهڻ ۾ ڏکي هوندي آهي. نرم زمين تي، گهوٻن واري هر سميت، چڪي هلڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. جهڙي تهڙي ڏڳي جو ڪم ناهي. آرڙو ڏڳو ئي، اهڙو هر ڪاهي سگهي ٿو .

**77- رات، پنهنجي تات (سنڌ، چوڻي)**

گهٽا ٽٽا ڪم ڏينهن جو ٿيندا آهن. رات جي وقت آرام ئي ڪبو آهي. ان هوندي به رات جي

اونداهيءَ ۾، ڪي اهڙا ڪم به ڪري سگهبا آهن، جيڪي ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ مشڪل هوندا آهن. رات به ڏکين معاملن کي پالي تاتي، پروان چاڙهائي ٿي .

- رات، آهي تات .
- رات کي پنهنجي تات .

**78- رت، راڻو آ (سنڌ، چوڻي)**

رت : مٿ مائٽ وقت تي ڪم اچي. راڻو/ حاڪم به وقت تي ئي ڪم ايندا آهن. ٻنهي جي حيثيت هڪ جهڙي آهي.

ٿر ۾ مارو ماڻهو، مال تي گذران ڪن. ان ڪري اهي مال کي رت سان تشبيهه ڏيندا آهن. پنهنجي مال کي راڻو سمجهن. ان جي سات کي اصل سات سمجهن.

- رت جي رتي، اَن جو پهاڙ (ٿر).
- رت، رت آ .

**79- رڏي پڪي، يا نصيب (سنڌ، پهاڪو)**

دني اجي تختي تي هر انسان، ڏيهاڙي الائي ڪهڙيون سٽون سٽي ٿو. انهن کي عملي جامو به پهرائي ٿو. اهي ڪيس رات تڏهن اچن ٿيون، جڏهن نصيب ناهي ته چپن تان ڪير ڪڇيو وڃي. لڪيل آهي ته الائي ڪٿان اڏامي وڃي به ٻه ڪٽا ڪائي ٿو .

- سڀ ڪجهه، نصيب جي بازي آهي .

**80- رڙهندي، روان باشد (سرو، چوڻي)**

رڙهندي/ هلندي زندگي گذارڻ، حياتيءَ جي نشاني آهي. جنهن شيءِ ۾ رواني ناهي، اها مرده جي برابر آهي. هڪ هنڌ ٽڪ هٽي بيهڻ بيهڻ سان خواهشون فوت ٿيو وڃن. زندگي بي مزي ٿيو وڃي. پاڻ ته پنهنجي جان مان بيزار ٿئي پر ٻيا به منجهانئس بيزار ٿي وڃن.

**81- رڪڻ، آهي رک (واپاري، چوڻي)**

دڪاندار کي دڪان جو مال/ وکر/ سيٽو، رڪڻ نه گهرجي. رڪڻ سان رک/ڪيري/ڏوڙ ٿيو وڃ. ٿوري نفعي تي جلدي جلدي مال نيڪال ڪرڻ سان ساک وڌي ٿي ۽ برڪت پوي ٿي. گهڻي نفعي جي لالچ ۾ مال رڪجيو وڃي، ساک/ پت خراب ٿيو وڃي. دڪان ۾ نه برڪت پوي نه نفعو حاصل ٿئي ٿو. رکئي مال جي ماهيت ڳريو وڃي، قيمت مريو وڃي.

**82- زن، جهيڙي جوڙ (سنڌ، چوڻي)**

زن/ عورت، مرد لاءِ ڪشش رکندڙ ٿئي ٿي. ان جو مُکڙو پسڻ لاءِ الائي ڪيتريون جنگيون لڳيون آهن. خونريزيون ٿيون آهن. دنيا جو رنگ ۽ بوءِ، عورت جي رعنائيءَ ۽ حسن جي ڪري آهي. جيڪڏهن تباهي ۽ فتنو به آيو آهي ته اهو به سندس حسن ۽ رعنائيءَ جي ڪري آيو آهي.

- زن ۽ زمين، هڪجهڙا آهن .
- زن، زمين ۽ زر، تينون قضيي کي گهر .

**83- زندگي بي بندگي، شرمندگي (فارسي، چوڻي)**

انسان کي هيءَ زندگي، ان لاءِ ڏني وئي آهي ته جيئن خدا جي بندگي ڪري. جنهن هن حياتيءَ کي ٻين اجاين ڪمن ۾ وڃائي ڇڏيو، تنهن جڻ وڏو نقصان ڪيو. ڪيس آخرت ۾ وڏا هٿ هٽڻا پوندا. آخرت ته ڇا پر هن حياتيءَ ۾ ئي ڪيس شرمندگي/ندامت اڳيان ايندي ۽ سواءِ افسوس جا هٿ مهڻڻ جي، ڪيس ڪي به ڪين ورندو. بهتر انسان اهو آهي، جيڪو خد اجي بندگي ڪندي،

حياتي چڱي نموني گذاري ۽ ندامت کان بچي.

**84- زور آڏو زاري (ساهتي، چوٽي)**

زور آور سان سينو ساهڻ، آهي جبل سان مٿو ٽڪرائڻ. جبل سان مٿو ٽڪرائيبو ته مٿو ئي ڏرندو، جبل کي ڪجهه نه ٿيندو. بهتر ائين آهي ته زور آڏو زري ڪري پڇي وڃجي. ساڻس ٽڪر نه ڪائجي .

- زور آور جو ستين ويهين سؤ، ڏهين ويهين هزار .

**85- سار، پاڻيءَ تار (لاڙ، زرعي، چوٽي)**

ساريءَ جو فصل، تڏهن سنو ٿيندو، جڏهن زمين ۾ پاڻي ايترو اچي جو ساريءَ جو سلو ٻڏي وڃي. تار پاڻيءَ ۾ سارين جو فصل ٿيندو آهي. گهٽ پاڻيءَ تي ساري نه ٿيندي .

**86- ساري، ست مڙسي (زرعي، چوٽي)**

ساريءَ جي ٻيجاري پوکڻ/ رونبي ڪرڻ/ زمين ناهڻ/لابري ڪرڻ وغيره لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوي ٿي. ان لاءِ ڪم از ڪم، ستن مڙسن جي محنت درڪار آهي. جنهن ڪان پوءِ ئي ساريءَ جو فصل پچي تيار ٿيندو آهي.

**87- سڄڻ، ٽُردي پلي (سرو، چوٽي)**

هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪرڻ ۾ عزت ناهي (اڳلا بيزار تي وڃن ٿا. ان جي برعڪس هلندڙ/ روان رهندڙ جو هرڪو قدر ڪري ٿو. هڪ هنڌ بيهڻ وارو پاڻي به ڌپ ڪري ويندو آهي. ساڳين دوستن کي ڦٽڻ/ پٽڻ وارو به دوستن کي بيزار ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سندس نظرن ۾ ڪري پوندو آهي.

- جوڳي رمتا ڀلا .
- پاني بهتا ڀلا .

**88- سِر سِر ڪلا (هندي، پهاڪو)**

هر ماڻهو دنيا جي تختي تي زندگي گذارڻ لاءِ ڪانه ڪا ڪلا/هنر/ڌندو اپنائي/اختيار ڪري ٿو. جيڪو هنر جنهن جي طبيعت تي نهڪي اچي ٿو، اهو انهيءَ هنر ذريعي پنهنجي ماحول مان معيشت ڪمائي ٿو. هر ماڻهوءَ لاءِ طبيعت، ماحول، جاگرافيءَ جي حساب سان ڪونه ڪو مقرر هنر/ڌنڌو آهي. اهو سڃاتو ئي انهيءَ ڌنڌي سببان ويندو آهي .

**89- سرڪار، اونڌي ڪوپري (سرو، چوٽي)**

پئسي جي بل بوتي تي، سرڪار تمام وڏيون رٿائون شروع ڪندي آهي، جيڪي ٻيو ڪير ڪري نه سگهندو آهي. جيڪڏهن عام حياتيءَ ۾ ڪو ايڏيون وڏيون رٿائون رٿي ته هرڪو سندس عقل تي ويهي کلي. ان جي برعڪس اهڙا اجايا سجايا ڪم سرڪار کي سونهن ٿا. ڀلي منجهائنئن ڪوبه ڪڙ تيل نه نڪري. اهو ئي سبب آهي جو سرڪار کي اونڌي ڪوپريءَ سان تشبيهه ڏني وئي آهي .

**90- سفر، آهي سقر (سرو، چوٽي)**

سقر : دوزخ/ جهنم کي دوزخ سان به تشبيهه ڏيندا آهن. اهو ماڻهوءَ جي مزاج تي منحصر آهي ته اهو سفر منجهه ڪهڙي ڪيفيت اختيار ڪري ٿو. ڪي ماڻهو سفر مان مزو وٺندا آهن. ڪن لاءِ جان جوکم ۾ وجهڻ جهڙو ڪم هوندو آهي. البته سفر، تڪليف وارو، هر حال ۾ آهي ئي. گهر

جهڙو سڪون ناهيس. اهو ئي سبب آهي جو سفر ڪرڻ واري کي، گهر ۾ وينل جي پيٽ ۾ چڱو خاصو مليو وڃي. جنهن تان چوندا آهن: سفر، وسيلہ ظفر.

**91- سفر، وسيلہ ظفر (فارسي، چوڻي)**

ظفر/نصيب/ڀاڳ/روزي/روزگار بہ سفر ڪرڻ جي مابدولت ميسر ٿئي ٿو. جيڪي ماڻهو جتي ڄاوا ۽ اتي مري ويا، تن ڪين جهڙي ترقي ڪئي. ان جي برعڪس، جن گهر ٻار ڇڏيو، تن جو ڀاڳ کليو. ڪين روزگار مليو. روزي ڪشادي ٿين. ڪشاده حال رهيا.

- يا اجل ڊوڙائي ٿو يا رزق .

**92- سنتوکي، براهمڻو سڪي (هندي، چوڻي)**

هندن ۾ چار قومي تصور آهي. چار ئي قومون، چئن طبقن ۾ ورهايل آهن. 1. برهمڻ، 2.کتري، 3. وئش ۽ 4. شودر. مڙني مان متانهون درجو برهمڻ کي مليل آهي. جڏهن تہ نيچ ۽ ڪريل درجو شودر کي مليل آهي. وڏي درجي ملڻ سبب برهمڻ اوچي ذات آهي. ايستائين جو سنتو کي/ سنت ٿيڻ/بزرگ ٿيڻ/مهراج ٿيڻ بہ ڪين ئي ڄڃائي. هندن جي عقيدي مطابق، مهراج ٿيڻ/بزرگي حاصل ڪرڻ، برهمڻ کانسواءِ ڪنهن قوم واري کي نہ ڄڃائي.

**93- سنپت، آهي برکت (هندي، ٽر، چوڻي)**

جيڪڏهن ڪنهن گهر جا ڀاتي ڀاڻ ۾ سنپت/ مٺ محبت سان رهندا تہ ان گهر ۾ تمام گهڻي برڪت پوندي. مٺ محبت وري گهر ۾ ڪٿان بہ ڪات نہ لڳندو آهي. جنهن ڪري ٿوري ڪٿئي، گهڻي برڪت هوندي آهي.

**94- سنڌيءَ سنڌو آهي (ساهتي، چوڻي)**

سؤٽ/ماسات/ڦپات/ ماروٽ وغيره، رت جا رشتيدار آهن. عزيز ۽ هڏ ڏوکي بہ ٿي سگهن ٿا. پر ڪڏهن بہ ملڪيت جا وارث نہ ٿا ٿي سگهن. ملڪيت/ترڪو جڏهن ورهائبو تہ شرعي حدن ۾ اندر رهندي، ڪين ڪجهہ بہ نہ ملندو. مال، وارثن کي ملندو. شرعي حدون/ سنڌا مقرر ٿيل آهن. ڪنهن کي بہ حد اورانگهڻ جي اجازت ناهي.

- بہ ڀائر، ٽيون ليکو .

**95- سنسار، مها چار (هندي، چوڻي)**

سنسار، هڪ وڏي ڄار مثل آهي، جنهن اندر ننڍي وڏي مڇي، پنهنجي حال سارو ڦاٿل آهي. اهڙيءَ طرح، هن سنسار جي تاڃي پيٽي اندر، انسان بہ زمان ۽ مڪان جي حساب سان قيد آهي. منجهن هڪ ٻئي سان خاص قسم جو ربط/تعلق اُجيل آهي. جنهن تحت زندگي گهارين ٿا. هڪ ٻئي مان فائدا حاصل ڪن ٿا. هڪٻئي جي ڪم اچن ٿا. هڪٻئي وٽ ڪم ڪار جي حساب سان ڦاسن ٿا. هڪ ٻئي کي ڦاسائي، پنهنجا مطلب ماڻين ٿا.

- سماج، مايا ڄار

**96- سنگ جو پرسنگ (هندي، چوڻي)**

ماڻهو، ماحول مان متاثر ٿئي ٿو. متاثر ٿي، اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ کائڻ پيئڻ سکي ٿو. سٺي ماحول ۽ سٺي سنگت ۾ رهڻ وارو سٺا اخلاق/آداب سکي. ماڻهن ۾ مجتا/ مان ماڻي ٿو. برن جي سنگت/صحبت ۾ رهڻ وارو، برا اخلاق، بريون عادتون ڌاري ٿو ۽ جڳ جهان ۾

بدناموسي ڪمائي ٿو.
- ڪارو ڀڄي ڪمري سان، رنگ نه مٽي عادت/اوساڻ ضرور مٽائي.
- جهڙي صحبت، تهڙو اثر .
- تخم تاثير، صحبت اثر .

**97- سوال ويچارو آهي (سنڌ، چوڻي)**

دل ۾ يا زبان سان ڪيل سوال، تمام برو آهي. ان سان چهري جي رونق مريو وڃي. ويچاري صورت بنائڻ ڪان سواءِ سوال نه ڪري سگهبو آهي. ان ڪان پوءِ به اڳلي جي مرض ياآهي ته ڪم ڪري يا نه. ڪمُ ڪمَ جي ماڻ، ڇڙبون متان ڏئي. هينانهين ي اويچاري صورت بنائي، ڪيل سوال سان، اندر جو انسان ۽ مانُ مريادا مريو وڃن ٿا .

**98- سوپون، سر گهرن (سنڌ، پهاڪو)**

سوپ/ فتح، پاڻمرادو حاصل نه ٿيندي آهي، ان لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوندي آهي. جنگين سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. مورچن ۾ ويهي، جان جوکم ۾ وجهڻي پوندي آهي. تمام گهڻين جانين جي قرباني به ڏيڻي پوندي آهي. تنهن ڪانپوءِ ئي وڃي سوپ/ فتح ماڻبي آهي. گيدي/ ڪانئر/ سر جو سانگ رکڻ وارا ماڻهو، ڪڏهن به سوپارا نه ٿيندا آهن .

**99- سوئا پالڪ، چوڪا (لاڙ چوڻي)**

هڪ دفعي، وکري وکڻ وارو گهورڙيون، سبزي کپائڻ جو هوڪو ڏيندو پئي ويو : ”سوئا پالڪ چوڪا“، هڪڙي بزرگ سندس هوڪو ٻڌو ته اُٺي وينو ۽ مريدن کان پڇيائين، ”اوهان سمجهو ته اهو گهورڙيو، ڪهڙو پيغام ڏئي رهيو هيو“.

”سائين!“ مريدن مرشد کي ٻڌايو:”اهو ته پالڪ، سوئا ۽ چوڪن کپائڻ جو هوڪو ڏئي رهيو هيو“.

”توهان صحيح ٿا چئو!“ مرشد کين سمجهائيندي چيو:”دراصل اهو چئي رهيو هيو، گهڙي پلڪ جيڪو ستو، سو غلطيءَ تي آهي.“

مطلب: تتيءَ تڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.
متان ٿئي اونداهه، پير نه پهين پرينءَ جو.

**100- سيڻ، آهن نيڻ (سرو، چوڻي)**

جنهن سان مٽي ڪئي وڃي، سو سيڻ آهي. ڌيءُ يا پٽ جو سس سهرو، سيڻ ٿين. اهي رشتي ۾، انهيءَ مِٽيءَ بعد اچن ٿا. ضروري ناهي ته رت جا رشتيدار به هجن. نه ئي وري پيٽ ڄڻيو اولاد آهن. بلڪ اکين سان ڏسي، پسند ڪري، ساڻن مٽي ڪجي ٿي. ان ڪري سندن حيثيت اکين جهڙي آهي. اکين اکين ۾ جاءِ ڏبي ته مٽي هلندي. ورنه جا جتي، سا تِتي .
- پٽ پيٽئون، ناني نيٽئون .

**101- سيٽپو، ويٽپو، ويرپو (سنڌ، چوڻي)**

سيڻ ٿيڻ سان ويڻ ملن ٿا. ويڻ ڏيڻ/ ونڻ ڪانپوءِ، وير پيدا ٿئي ٿو. جنهن سان واقفيت ئي ناهي، تنهن سان نه دوستي آهي ۽ نه دشمني آهي. دشمني، پيدا ئي دوستيءَ/واقفيت/مٽيءَ/ لڳ لاڳاپي کان پوءِ ٿيندي آهي. جڏهن مٽيءَ مائٽيءَ جو تعلق پيدا ٿيندو آهي، تڏهن ئي وير/دشمنيون

پيدا ٿيندا آهن.

- ساهرا، آئرا، ٻاہرا ڪندا، هر هر چُپ چُپ ڪندا .

102- **شادي، خانہ آبادي (فارسي، چوڻي)**

مرد/ عورت جو گهر، شادي ڪرڻ ڪانپوءِ ئي آباد ٿئي ٿو. اولاد ٿئي ٿو. ان جي پالنا پولنا جا مسئلا پيدا ٿين ٿا. شادين مرادين جهڙا منڊل ٿين ٿا. انهن مڙني ڪاڄن سان منهن ڏيڻ لاءِ زال مڙس کي مٿا ڪٽا ڏيڻا پون ٿا. ان جي برعڪس، غير شادي شده ماڻهوءَ جي زندگي غير فطري آهي. غير فطري زندگيءَ ۾ نہ ذهني آسودگي آهي ۽ نہ جسماني قرار. رڳو غير آبادي ۽ بربادي آهي .

- وانڍا، ڪنهن نہ سانديا .

- ڇڙهن جو ڪوئي جهان ڪونهي .

103- **شاهہ واپاري، جوڳي (واپاري، چوڻي)**

واپار، پيٽ پالڻ لاءِ اختيار ڪيل ڌنڌن مان هڪ ڌنڌو آهي. جيڪو ڪيني ٻاڙيءَ، نوڪري ڪرڻ ۽ پنڻ وارن ڌنڌن کان وڌيڪ وڌندڙ/ ترقي ڪندڙ/برڪت وارو آهي. پر اهو بہ حد اندر. حد کان ٻاهر واپار ڪندڙ ماڻهوءَ جا حال وري ٻهپينو ماڻهن ۽ جوڳين جهڙا هوندا آهن. هوندي مال، برا حال ڪيو وتندا آهن. اهڙو واپاري قرض ڪڻي واپار وڌائيندو آهي ۽ وياجيرو ڏئي، پاڻ کي برن حالن ۾ اڇلائيندو آهي. قرض لاهي نہ سگهندو آهي. گَرَي ڪتي وانگر ٻت پيو پٽيندو آهي. صبر ۽ شڪر نہ هوندو اٿس .

104- **طمع، بڇڙائي ڪرائي (سنڌ، چوڻي)**

طمع: لالچ/ لوڀ/حرص/هوس اهڙي بيماري آهي، جيڪا بيمانو/بيعزتو/بيغرت ٿيڻ تي مجبور ڪري ٿي. حالانڪ حياتي گذارڻ لاءِ ماڻهوءَ کي پيٽ لاءِ ويلي تي هڪ ڍڳڙي کپي، نہ ڪ ڳوڻ ان جي کپي. هڪ ئي وقت پائڻ لاءِ هڪ جوڙو کپي، نہ ڪ ڏهہ جوڙا کپن. سمهڻ لاءِ هڪ ئي وقت هڪ کٽ/ ڪمرو گهرجي، نہ ڪ ڏهہ کٽون/ڪمرا گهرجن. تنهن هوندي بہ جيڪو ميڙ ميڙان جي ڪڍ هجي، تنهن کي ڪير سمجهائي؟ ميڙيندڙ مُنا. طامع/ لالچي، بڇڙائيءَ وارا ڪُڌا ڪم ڪندا.

105- **طمع، بڇڙو ٿول (سنڌ، چوڻي)**

ٿول/ٿانءُ/ظرف، چڱو هوندو تہ منجهس پوندڙ شيءِ بہ چڱيءَ حالت ۾ رهندي. خراب هوندو تہ منجهس پوندڙ شيءِ بہ خراب ماهيت جي ٿي پوندي.

جنهن بہ ماڻهوءَ ۾ طمع/ لالچ گهر ڪري وڃي ٿي، ان جي حالت بہ گندي ٿانءُ وانگر آهي. ان مان نڪرندڙ هر فعل بہ بدبودار/ گندو ٿي نڪري ٿو. اهڙي ماڻهوءَ جي عبادت مان بہ رياءُ/مڪاري/عياريءَ/بيائيءَ جي ڌپ پئي ايندي.

- طمع کي ٽاٽي، جنين ڪڍيو جان مان،

تنين کي آٽي، حورون ڏيندا هنج ۾.

-طمع ۽ تڪڙ ڇا لڳي .

- طامع، نہ قانع .

**106- عادت، عضوو آھي (سنڌ، چوڻي)**

پيل عادت، مور نہ نڪرندي آھي. جيئن عضوو، جان کان جدا ڪرڻ ڏکيو آھي، تيئن عادت جدا ڪرڻ بہ ڏاڍي ڏکي آھي. ان ڪري بھتر آھي تہ بريون عادتون پاڻ ۾ نہ وجھجن. اھي اڳتي ھلي، پاڻ کان جعدا، ڏاڍيون ڏکيون ٿينديون. جڏھن تہ سنين عادتن کي اپنائڻ وارو جتي ڪٿي عزت ۽ مانُ لھي ٿو ۽ برين عادتن وارو جتي ڪٿي بي مانو ٿئي ٿو.

- وکر سو وھاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي .
- ھير واري جي ھير، ٽنگ ڀڳي بہ نہ نڪري .
- عادت نہ ڇڏي عادتي، علت مور نہ جاءِ،
 اٺ پئي ڪٽڪ ۾، جواسا چڻ چڻ ڪاءِ!
- اڻ ھيريا نہ ھير، متان ھرني،
 ڀج نہ ھير ھرين جي، متان وڙھني.

**107- عرض، آھي مرض (سرو، چوڻي)**

عرض ڪرڻ واري جي مريادا مريو وڃي. خدا کان سواءِ، ٻئي جي آڏو سوال/ عرض نہ ڪجي. نہ ويچارو ٿجي، نہ ھٿ ٽنگجي. خدا کان سواءِ، ڪير ڏئي بہ نہ سگھندو. ھٿائين خوار خراب ڪندو. ان جي برعڪس خدا تعاليٰ ڏيندڙ بہ آھي، ڏيئ نہ پچاريندڙ بہ آھي تہ ڍَڪَ ڍڪيندڙ بہ آھي.

جنھن ماڻھوءَ کي پنڻ/ عرض ڪرڻ جي عادت پئي، سا موذي/لاعلاج مرض وانگر ڪيس چنبڙي پوندي. ان جو ڪوبہ علاج/ تدارڪ ڏکيو آھي. ان کان مُھڙ ۾ ئي پرھيز ڪجي .

- عرض بي عرض .

**108- عقل بنان اوندھ (ساھتي، چوڻي)**

عقل ۽ علم، روشنيءَ جي مثل آھن. جِھل ۽ بي علمي، اوندھ مثل آھن. جڏھن عقل/ روشني نہ ھوندي تہ ماڻھو لاعلميءَ تحت اونڌا ڪم پيو ڪندو. پاڻ کي نقصان ڏئي بہ ڪونہ سمجھندو تہ نقصان ڪيو اٿم.

**109- عقل، ڪائي غم (سرو، پھاڪو)**

عقل وارو ماڻھو، ھر معاملي ۾ فڪرمند ھوندو آھي. جنھن سبب ھر وقت ڳڻتيءَ/پريشانيءَ/غم ۾ غرق ھوندو آھي. عقل واري کي، پنھجي پاڻ کي پيل نقصان کان وڌيڪ، پرائو غم/ فڪر سحيھ چنبڙيل ھوندو آھي.

- عقلمند، سد اروئي .
- بي عقل جي بلا دور .

**110- علم، قوت آھي (سنڌ، چوڻي)**

جيڪي ڪم ٻانھن جي ٻل تي بہ نہ ٿي سگھن، سي عقل جي ذريءَ سان حل ٿيو وڃن. علم ۾ حڪمت/ دانائي آھي. جنھن سان ماڻھو، ڳالھ جا ڪمزور پاسا تاڙي وڃي ٿو ۽ پاڻ کي ان جي مقابلي ۾ مضبوط ڪندي، ان سان مھاڏو اٽڪائي ٿو .

- علم، انسان جي ٽين اک آھي .

- علم، روشني آهي .

**111- غرض، گولي آهي (لاڙ، چوڻي)**

جڏهن ٻئي ۾ غرض پوندي آهي ته منجهانئس اها پوري ٿيڻ لاءِ حيلا هلايا ويندا آهن .

اڳلي جي ٽنبوالي/ آڳي پيڇي/ سنهي ڪرڻي پوندي آهي. اهي سمورا فعل گولي/ غلام/ٻانهي/نوڪر جا آهن. سمجهه ۾ آيو ته غرض، غلامي ڪرائي ٿي .

- پنهنجي ٿوري، پوِ گڏهه کي پيري .

- پنهنجي گٿيءَ، گڏهه کي به بابو ڪونجي .

**112- غلط العلم، صحيح (عربي، چوڻي)**

جيڪا ڳالهه عوام ۾ پکڙجي عام ٿي وئي آهي، سا ڀلي غلط مفهوم سان پکڙي جي پر ڪيس صحيح تسليم ڪيو ويندو. مطلب ته جنهن شيءِ جو مفهوم ماڻهن ۾ جيئن آهي، تيئن صحيح سمجهبو. پوءِ ڀلي اهو مفهوم غلط ڇو نه هجي .

- غلط العوام، صحيح .

**113- فڪر، آزاد آهي (اشتراڪي، چوڻي)**

ڪنهن جي فڪر/ سوچ تي، ڪڏهن به پهرو نه ٿو ويهاري سگهجي. فڪر تي، ماڻهوءَ جو پنهنجو وس به ڪين هلندو آهي. خيالات، ذهن جي پردي تي پاڻ مرادو ڊوڙندا رهندا آهن. انهن کي ڪا جهلَ پَلَ نه هوندي آهي. جاڳ ۾ يا ننڊ ۾. ذهن ڪم ڪندو رهندو آهي. مٿس خيالن جا ريلا پيا هلندا آهن. جاڳ ۾ سوچن جا، ننڊ ۾ خواب جا .

**114- ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ (فارسي، پهاڪو)**

جزئيات ملي، ڪُل ٺاهيندا آهن. قطرا ملي، ڍُڪ ٺاهيندا آهن. ڍُڪَ ملي ڍُبو ٺاهيندا آهن. ڍُبا ملي ڍنڍيون/ ڍورا درياه/ سمنڊ ٺاهيندا آهن. جبلن تان رِجي، پاڻيءَ جي صورت اختيار ڪري درياهن جا مُنهن بنجندڙ برف، اصل ۾ قطرن جي صورت ۾ ڪڪرن مان وسندي آهي. اها جمي جمي، گليشيئر ٺهندا آهن. جڏهن گليشيئر گرميءَ سبب رجي يا وزن جي وڌڻ سبب ٽٽي هلندا آهن ته وڏا درياهي وهڪرا ڦٽي نڪرندا آهن. زمينن کي سيراب ڪندي، سيلاب آڻيندي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندا آهن .

ملڪيت به رپيو رپيو ٿي، ڪني ٿيندي آهي ۽ ڪروڙها/ اربها رپيا ٿيندي آهي. بهتر آهي ته ٿوريءَ ڪمائيءَ تي چڱيءَ طرح ڌيان ڏيڻ گهرجي.

**115- ڪانيءَ ڪانيءَ، لچڻ (سرو، پهاڪو)**

هر وڻ جي، هر ڪانيءَ جو پنهنجو رنگ/روپ/ سواد آهي. اهڙيءَ طرح، هر ماڻهوءَ جي به پنهنجي پنهنجي طبيعت ۽ لچڻ آهي. جهڙيءَ طرح ضروري ناهي ته سموري جهنگ جون ڪانيون هڪجهڙيون هجن، تهڙيءَ طرح اهو به ضروري ناهي ته هڪ ئي ذات/قبيلي/قوم/ڪٽنب جي ماڻهن جي طبيعت/اخلاق/اٿڻي ويهڻي هڪجهڙي هجي. سمورا وڻ/ ماڻهو مٽيءَ مان جڙيا آهن. هر هنڌ جي مٽي هڪ ٻئي کان مختلف آهي. ان جي ڪري منجهانئس پيد اٿيندڙ/ جڙندڙ، هر شيءِ جي ماهيت/ڪيفيت/ طبيعت به مختلف آهي .

- ڪلي ڪلي ياڳ، ڪانيءَ ڪانيءَ لچڻ .

**116- ڪرسيءَ کي سلام (سنڌ، چوٽي/ پهاڪو)**

ڪرسي : حڪمرانيءَ جي علامت آهي. جنهن کي حڪومت جون واڳون هٿ ۾ آهن، سو اچي ۽ ڪاري جو مالڪ آهي. وٽيس ته فائدو ڏئي خوش ڪري يا وٽيس ته نقصان ڏئي ڇيهي ۾ وجهي. ان ڪري هرڪو ساڻس هينانهينءَ واري هلت هلندو آهي. اجايو سجايو پيو ڪيس سلام ڪندو آهي. خيري صلي به پيو خوشامد ڪندو اٿس.

مطلب: ڏاڍي کي سيڪو سائين ميان پيو ڪري .

**117- ڪلام، ڪنڌ پر (ساهتي، چوٽي/ پهاڪو)**

ڪلام ڪرڻ/ مان ڪرڻ/ تڪبر ڪرڻ وارو، سدائين نقصان ۾ پوي ٿو. ڪيس ايڏو ته نقصان پوي ٿو جو، ان جو ازالو ڪرڻ به ڏکيو ٿيو وڃي. ان ڪري وڏائي ڪرڻ، انسان کي نه جڳائي. وڏائي، خدا اجي چادر آهي. ان ۾ جيڪو به ايندو، نيست و نابود ٿي ويندو.

پيٽيو : تڪبر، ڪنڌ پر .

**118- ڪلجڳ، ڪر جڳ (هندي، چوٽي)**

ڪلجڳ، هيءَ دنيا، جنهن ۾ اسين هاڻي رهون ٿا. هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ڪجي ٿو، ان جو بدلو هتي ئي مليو وڃي. جيڪڏهن برا ڪم ڪبا ته هتي ئي سزا ملندي. نيڪ ڪم ڪبا ته هتي ئي سک ملندو. انسان پنهنجي ڪرمن جو ڪيتو هتي لوڙي ٿو. اهو آهي هندن جو عقيدو. مسلمانن جي عقيدي مطابق؛ ڏهن دنيا، ستر آخرت آهي. ڪيل ڪم جي سزا ته ساڳي پر جزا، دنيا ۾ ڏهوٽي ۽ آخرت ۾ ستر دفعا آهي. ان ڪان وڏي به سگهي ٿي.

هر مذهب جي عقيد مطابق، انسان کي اعمالن جي جزا/ سزا ملڻي ضرور آهي. بهتر آهي ته عمل چڱا ڪجن. ٻين کي نه رنجائجي. رنج ڪٽڻ چڱو ڪم ناهي. رنجايل واتان نڪتل آهه، عرش، ڏڪائي وجهي ٿي. جڏهن ته مظلوم تي ڪيل رح، ٻئي جهان سنواري ٿو .

- هتي ڪر، هتي لوڙ .
- ڪلجڳ، هٿ جڳ .

**120- ڪماليت کي زواليت (فارسي ، چوٽي)**

هر شيءِ کي اوج ملڻو آهي. ڏنڍي/ ڪمائيءَ/عهدي/حڪومت/جوانيءَ کي ڪمال ميسر ٿيڻو آهي. ان بعد اها شيءِ وري اصل ڏانهن موٽ ڪائيندي آهي. ترقيءَ مان تنزل/پستيءَ ڏانهن ڊوڙ پائيندي آهي. انهيءَ موٽ کي زوال سڏبو آهي. جيڪو هر شيءَ تي اچڻو آهي .

- ڪمال زوال است .
- As you go higher, so higher you slip

**121- ڪنڍيارو، ويٺو رو (ساهتي، چوٽي)**

ڪنڍيارو، ساهتي پرڳڻي جو، درياءِ سنڌ جي ڪابي ڪناري تي، ڳائي پاڻ ۽ ڇيڪي مٽيءَ جي وڏي دڙي تي مٽي، ڪنڍين واري علائقي ۾ اڏيل شهر. نوشهرو فيروز ضلعي جي واپاري اهميت واري هن شهر بابت، اتان جي رهاڪن جو اهو رايو آهي .

- بنورو، بينو رو .

121- ڪوري، مت ٿوري (ساهتي، چوٽي)

آڳاٽي دور ۾ آڏاڻن تي ڪپڙو اٽندڙ، ڪوري سڏبا هيا. سندن عقل/مت، دنيا جي ٻين معاملن ۾ گهٽ هوندي هئي. هڪ دفعي ڪورين جي هڪ ڇوڪري منهن جي ٺوڻيءَ کي ياڪر پايون بيني هئي جو ڪيس سندس پاءُ قلن جو ٻڪ هٽن ۾ اچي ڏنو. هاڻي ڇوڪري اتان ڦلا وات ۾ نه پئي وجهي سگهي. ڇو جو هٿ ڪولڻ سان ڦلا پئي هاريس. ڇوڪريءَ دانهون ڪرڻ شروع ڪيون. مڙئي ڪوري اچي مڙيا ۽ ڇوڪريءَ کي آجو ڪرڻ لاءِ مٿو ٽيڪي سوچڻ لڳا. آخر صلاح اها بيهاريائون ته منهن جي ڇت نڪري ۽ اتان ٺوٺي ايي ڪجي نڪر يوجي ته پوءِ ڇوڪري آزاد ٿي ويندي. جڏهن منهه ڊاهڻ بينا ته رونشي تي هڪڙو پاڙيسري ٻه آيو. پڇڻ تي ڪيس سڄي ماجرا معلوم ٿي. تنهن تي ڇوڪريءَ جي آڏو آيو ۽ جهول جهلي ڪانئس ڦلا ورتائين. جنهن تي ڇوڪريءَ جا هٿ آزاد ٿيا ۽ پاڻ ٻه آزاد ٿي وئي .

**122- ڪلندڙ تان خير (ساهتي، چوڻي)**

ٻين جي مٿان ڪلڻ نه گهرجي. اهڙي آزمائش پنهنجي مٿان ٻه اچي سگهي ٿي. جيڪو ٻين جي مٿان ڪلندو/ٺٺوليون ڪندو، هڪ ڏينهن ٻيا ٻه مٿس ڪلندا/ ڇترونڪندا. ٻين کي تڪليف ۾ ڏسي صبر ڪجي ۽ انهن لاءِ خير گهرجي ته جيئن تڪليف وقت، پاڻ لاءِ ٻه خير گهريو وڃي .

**123- ڪيتي، سر سيتي (زرعي، پهاڪو)**

محنت ڪانسواءِ ڪوبه ڪم نه ٿو ٿئي. خاص طور تي پوکي راهي، محنت ڪان سواءِ پاڻ ارپڻ ڪان سواءِ نه ٿا ٿين. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته جنهن زميندار جُوءِ ڇڏي آهي، تنهن کي ٻه زمين مان اَنَ-لَپَ نصيب نه ٿي آهي. ٻاهران ويهي نه زمين جي سنڀالي ٿي سگهندي آهي ۽ نه دڪان وغيره جي. نوڪر ڪمائي ڪين ڪارائيندا آهن. زمين/دڪان/ڌنڌي ۾ جيستائين ماڻهو پاڻ نه سيڙبو، تيستائين منجهانئس تيلو/ڏيلو ٻه نه ملندو.

- جو ڪيڙي، سو ڪائي .

**124- گوني، سدا اونهي (لاڙ، چوڻي)**

ڦليلي ڦاٽ، درياءِ سنڌ مان حيدرآباد وٽان نڪرندو آهي. ڳاهيجا واه ڪان مٿي ڪيس ڦليبل سڏبو آهي ۽ هيٺ گوني سڏبو آهي. هيءُ واه ٽنڊي سب ڊويزن کي سيراب ڪندو آهي. اونهي هلڻ سبب، منجهس ٻيڙيون هلنديون هيون. هاڻي ته زماني ج گردش سبب، ڪافي ڦيرڦار آئي اٿس.

**125- لاڙڪاڻو، ساه سيباڻو (سرو، چوڻي)**

لاڙڪاڻو، آبهوا/ واپار جي لحاظ کان تمام چڱو شهر آهي. درياءِ سنڌ کي ويجهو هئڻ سبب جر جو پاڻي منو اٿس. تاريخي لحاظ کان ٻه ممتاز حيثيت رکي ٿو. گهاڙ واه جي مٿان اڏيل هن شهر جو ، درياءَ رستي واپار هلندڙ هيو ۽ پاڻ مشهور درياهي بندر هيو. ان ڪان علاوه موهن جي دڙي جي ڪري ٻه ڪيس اهميت حاصل آهي .

- هجئي ناڻو ته گهمر لاڙڪاڻو .

**126- لالچ، بري بلا (سنڌي، چوڻي)**

لالچي ماڻهوءَ جو اندر وارو انسان مريو وڃي. شرم/ حياءَ نالي ڪابه شيءِ وٽس ڪين ٿي رهي. عزت غيرت جو تقدس، ڪانئس ڇڏايو وڃي. سندس وات/ پيٽ، سندس نڪ جي مٿان ٿيو وڃي. هر وقت پيٽ سان سوچيندو رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سندس حيثيت، پيٽ ۾ پيل

غلاظت/ پرائي بلا جهڙي ٿيو وڃي.

- لالچ، لعنت آهي .

**127- لڇمي، ڪلچڻ ڏڪڻي (هندي، چوڻي)**

لڇميءَ/ دولت سان الائي ڪيترا عيب ڍڪجيو وڃن. اهي ڪم، جيڪي سچو ماڻهو ڪري ٿو، تن کي نفرت جي نگاهه ڪان ڏٺو وڃي ٿو. ان جي برعڪس ساڳيا ڪم امير ماڻهو ڪري ته انهن کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. اهو ڪمال انهيءَ دولت جو آهي، جيڪا سندس عيبن تي پردو چاڙهيو بيٺي آهي .

- لڇمي ماتا! نمسڪار .

- مايا کي نمسڪار .

**128- لنب، مکڻ چنب (ٿر، زرعي، چوڻي)**

لنب : ٿري گاه جو قسم، جيڪو طاقت وارو ٿئي. مال پٽارو کائي ته کير جام ٿئيس. کير به اهڙو گهاٽو جو ڪلي کير منجهان پاءُ مکڻ نڪري. اهو ئي سبب آهي جو ٿري ڌراڙ، مال کي اُها جوءِ ڳولي ڳولي چاريندا آهن، جتي لنب جام هجي .

**129- مار، آهي ڏاتار (لاڙ، چوڻي)**

اولاد/ زيردست کي جيستائين مهميز نه ڏبي، تيستائين سڌرندو نه. جيڪڏهن پاسخاطري ڪبي، مار موچڙو نه ڏبو ته ٻار ڪري، ارن مان نڪري ويندو ۽ ڪيس ڏتِ ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو. ان لءِ ضروري آهي ته ٻار کي اک ۾ رکجي ته جيئن اڌرڻ کان بچي پوي. جڏهن ٻار سڌرندو ته لامحالہ زندگي به سندس سڌرندي. ٻين لاءِ به فائديمند ٿيندو. زندگيءَ جو سنوارجڻ ۽ سڌرڻ، ڏيهن جي ڏاتار طرفان آهي .

- مار، سنوار آهي .

- عرشان چار ڪتابان لٿيان، پنجوا لٺا ڏنڊا،

ڪتابان اوه نه ڪيتا، جهڙا ڪيتا ڏنڊا.

**130- مانگهه، چوڙا ڏاگهه (هندي، چوڻي)**

مانگهه : هندي يارهون مهينو، جيڪو 15 جنوريءَ کان 15 فيبروريءَ تائين هلندو آهي. منجهس سخت پارا پون. اٿ به مست ٿين ۽ مستيءَ ۾ چوڙايون وٺن/ وڃن.

**131- مائٽي، آهي رت (سنڌي، چوڻي)**

اصل مائٽي آهي، رت جي رشتيداري. شاديءَ وغيره ڪانپوءِ جڙيل مائٽي به مائٽي ئي آهي پر ان ۾ ايترو جُهبو نه ايندو آهي، جيترو رت واري رشتيداريءَ ۾ ايندو آهي. مائٽ/ ماءُ پيءُ ڪاوڙبا ته ڪُهندا ڪونه. جڏهن ته رشتيداريءَ واريءَ منيءَ ۾ ايڏو کهڪاءُ نه ايندو آهي.

- رت، دانگيءَ تي وريو پوي .

- رت کي باهه لڳندي آهي .

- پنهنجو ماري، ڇانءِ ۾ اڇلي،

ڌاريو ماري، اس ۾ اڇلي .

**132- مايا، آهي ڇلٽي (هندي، چوڻي)**

مايا/ڌن/دولت، پنيلائيندڙ/راه کان هٽائيندڙ/پليندڙ آهي. ان جي محبت، ٻئي جهان وڃائي ٿي. مٽ مائٽ ڇڏيو وڃن. آخر ۾ پاڻ به ساٿ ڇڏيو وڃي. ڪنهن سان به وفا نه ٿي ڪري. اچي به تيزيءَ سان، وڃي به تيزيءَ سان. ڪٿي به ٽڪاءُ نه اٿس. بي پروسي شيءِ آهي. ڪانئس پڃڻ/ٻڇڻ گهرجي .

- دولت اچي ته ڪنڌ پچي، وڃي ته چيلهه پچي .
- مايا، ڌوتي/ ڏائڻ آهي .

**133- مڙس ته رتي (سنڌ، چوڻي)**

مڙس ماڻهو اهو آهي، جنهن ۾ غريت هجي. سير نه هجيس ته رتي هجيس. غيرت/رڏي/ارڏائپ، مڙس جي نشاني آهي. جنهن مرد ۾ اهي خوبيون ناهن، اهو گيدي/ پاڙيو/ چسو ۽ بيڪار آهي.

- مڙس ته ضد/رڏي/وير/همت .
- مڙس ته ڦڏو، نه ته جڏي جو جڏو.

**134- مڪو، آ پڪو (سرو، چوڻي)**

مڪي شريف جا رهواسي، عقيدي ۾ ڏاڍا پڪا هيا/آهن. جڏهن شرڪ/ڪفر تي هيا ته به پڪا هيا. منجهن منافقي يا ٽيڙي ويڙي نه هئي. جڏهن ايمان آندائون، ته به پڪا هيا، منجههن منافقي يا ٽيڙي ويڙي ڪانه هئي. اڄ به مڪي کان موٽندڙ حاجين کان پڇبو ته ٻڌائيندا: مڪي ۾ جلال آهي. مديني ۾ جمال آهي. مڪي جا ماڻهو مزاج ۾ سخت ۽ مديني جا ماڻهو مزاج ۾ منٺڙا آهن .

**135- ململ ته سنڌڻ (سنڌ، چوڻي)**

آڳاٽي زماني ۾ سنڌ ملڪ جي نهيل ململ (ڪپڙي جو قسم)، جڳ مشهور هئي. سڄي دنيا ۾ وڪامندي هئي ۽ شوق سان زيب تن ڪئي ويندي هئي. يوناني ته ململ کي چوندا ئي Sindon هئا. عرب ڪيس سُندس سڏيندا هئا.

**136- مِنِي، ڪوپ ڪني (هندي، پهاڪو)**

مِنِي : نڪ وينل ۽ ننڍي قد واري ڇوڪري. عيب ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا صورت جا ٻيا سيرت جا. عيب ڪهڙو به هجي، مڙئي خراب آهي. جڏهن ته سيرت جو عيب مڙني عيبن کان خراب آهي. صورت جو عيب، ڌن دولت سان لڪيو وڃي. جڏهن ته ڪنواري ڇوڪريءَ جو بيني نڪ ۽ هلڪي قد وارو عيب، ڌندولت سان به نه لڪي سگهندو آهي. ڪنيءَ مڇيءَ وانگر پئي ٽڏبي آهي.

**137- ميوو، منڊائتو پلو (سنڌ، پهاڪو)**

ميوو/ ڦل/ نتيجو/ موٽ وقتائتي وٽندي آهي. ڪنهن ساه چڱائي ڪجي ۽ اهو ڪم پئي/ وقت سر موٽ ڏئي ته وٽندو. جيڪڏهن ويلي وئي کان پوءِ پيو ورنائيندو ۽ وهلور ويندو ته ڪونه وٽندو. اهڙيءَ طرح ميويدار وڻ جو ڦل به تازو ۽ پنهنجي مند وارو، وٽندڙ، خوشبودار، فرحت بخش ۽ قوت بخش هوندو آهي. جڏهن ته ارهاڙيءَ وارو ميوو بي مزي، بي طاقت، ڪينئارو، ڪوڙو، ڪسارو، ڪمزور ۽ غير فرحت بخش رهندو آهي. اولاد به ائين آهي. جوانيءَ ۾ ڄاول اولاد طاقت وارو ۽ پيريءَ ۾ ڪم ايندڙ هوندو آهي. پيريءَ ۾ ڄاول اولاد ڪمزور ۽ ڪم نه ايندڙ ٿيندو آهي.

**138- ناٽو، ٻٽائي راٽو (هندي، چوڻي)**

ناٽي سان هر شيءِ خريد ڪري سگهجي ٿي. غلط ڪم به صحيح ٿي سگهي ٿو. ڪاوڙيل ماڻهو پرچائي سگهجن ٿا. پئسي سان سونهن/صحت/آسائش آهي. ماڻهو ٻين جي محتاجيءَ کان بچيو پوي. ٻيا سندس ڳيجهو ٿيو پون.

**139- ناڻو، رتا وڇوڙي (سنڌي، چوڻي)**

ڌن/ دولت ۾ چمڪو آهي. هر ڪنهن جي خواهش هوندي آهي ته دولت ڪيس ملي رات اچي. جڏهن هڪ شيءِ جا اميدوار گهڻا ٿيندا آهن ته پاڻ ۾ وڙهندا آهن. اها شيءِ به نخرا الڳ ڪندي آهي. اميدوار، ٻلي پاڻ ۾ جگري دوست هجن يا رت جا ڀئر هجن، پر وڙهندا ضرور .

دولت مان جتي گهڻا فائدا آهن، اتي وڏا نقصان به آهن. جاني جدا ٿيو وڃن، ڀائر به ڪنا ڪيڙا ٿيو وڃن.

ناڻي جي اچڻ سان وڏائي اچي ٿي. ماڻهو آسائش پسند/سهل پسند ۽ سست ٿئي ٿو. ٻئي ڪنهن جي نه غرض ڪڍي ٿو نه متس فلڪ آڻي ٿو. نتيجي طور ٻين جي اک جو ڪنڊو ٿيو پوي. دنيا ۾ سڄا/ محتاج گهڻا آهن. لالچ ۾ اچي سندس ڪم لاهيو ڇڏين.

ان ڪري ضروري آهي ته ڌن/دولت جمع ڪري نه رکجي. غريبن/ محتاجن ۾ ونڊ ٻورهائي ڪائجي. ونڊ ٻورهائي ڪائڻ ۾ سک آهي. ناڻي مٿان نانگ ٻڌجي ويهڻ ۾ وڏا نقصان آهن. ماڻهو دوستن کان ڪٽجي وڃي ٿو. رت جي رشتيدارن کان به ٽُٽيو وڃي .

- ناڻو، نينهن ٽوڙي .

**140- نـٽان، سدائين پرباش (سرو، پهاڪو)**

نـٽان: بدقماش عورت، پنهنجي بدچاليءَ سبب آل جال ڪمائيندي آهي ۽ الائي ڪيترن وڏن گهراڻن جي ماڻهن سان سندس تعلقات هوندا آهن. جنهن ڪري سندس گهٽي آءُ ڀڳت ٿيندي آهي. مفت جي مليل مال تي، هر وقت پرباش گذاريندي آهي .

**141- نِمي، سو ڳورو (سنڌ، پهاڪو)**

جهڙيءَ طرح تارازيءَ جو نِميل پڙ ڳورو هوندو آهي، اهڙيءَ طرح هينانهين/ نوڙت ڪرڻ وارو ماڻهو به وزندار ٿيندو آهي. وڏائي ڪرڻ وارو ماڻهو، هلڪڙو/ترڙو/چسو ٿيندو آهي. مصلحتاً ٻيا سندس عزت ڪندا آهن. دلي طرح سمورا ڪانئس خائف/ متنفر هوندا آهن. ڪنهن ڪچهريءَ ۾ نانگ گهڙي اچي ته اتي ٻيهبو آهي. ائين سندس اچڻ تي به هرڪو اتي ٻيهندو آهي. نانگ خاطر اٿڻ، عزت وٺان ناهي، ڊپ سبب آهي. اهڙيءَ طرح ظالم ماڻهوءَ لاءِ اٿڻ، دل سان نه پر ڊپ کان آهي
.

**142- نياڻي، ست قرآن (سنڌ، چوڻي)**

نياڻي، نماڻائپ جي نشاني آهي، نماڻائپ، نه ڪجڻ جي علامت آهي، جنهن نه ڪچيو، تنهن گهڻو ڪچيو. نياڻي، در لنگهي اچي ته ڪيس نه موٽائبو آهي. جنهن در آيل نياڻي موٽائي، تنهن ست دفعا قرآن ڪي موٽايو. سنڌ ۾ نياڻي موٽائڻ ڪي ايڏو وڏو عيب سمجهيو ويندو آهي.

- نياڻي، آهي نماڻي .

**143- ويائي، آهي ڪهائي (ساهتي، چوڻي)**

ويامڻ واري عورت جو مثال ڪنل وانگر آهي. ويم ۾ به عورت کان جگر جو ٽڪرو جسماني طرح الڳ ٿئي ٿو. ڪانئس نفاس جو وڏو رت اڙهي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته متانئس وڏو بار هلڪو ٿيو وڃي ۽ فرحت اچيو وڃيس. ويم جي سورن جي نافت به نافت هوندي آهي. اها ماءُ ڪي شاباس آهي جا برداشت ڪري ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ويم ۾ فوت ٿيل عورت ڪي شهيدن ۾ شامل ڪيو ويو آهي، بنا پڇا جنت ۾ ويندي .

**143- ويري، وڍيا پلا (سرو، چوڻي)**

دشمني/ وير، ڪک جو به خراب آهي. ان ۾ ماڻهو سڄو ڏينهن پيو ڪُڙهندو/ڳرندو/ پسرندو/ جُهرندو آهي. اندر ۾ پوندڙ وڍ، ظاهري ڏکن/ موچڙن کان تمام وڏا آهنب. سياڻا ماڻهو، هميشه وير/ڪروڌ/ ڪر ڪر کان ونءُ پيا ويندا آهن. چو جو ڪروڌ نڪرن جو پاڻي سڪايو ڇڏي .

- باهه جو ٻـَرَ ڏي منهن .
- ويري ۽ پنڌ، وڍيا پلا .
-سڄڻ سؤ به گهٽ، دشمن هڪ به گهڻو.

**144- هٺ، مارائيندڙ آهي (سرو، چوڻي)**

هٺ/ وڏائي ڪرڻ وارو، ٻين جي نظرن ۾ آخر ڪري پوي ٿو. گهڻن جي دل آزاري ڪرڻ سبب مڙيئي سندس مخالف ٿيو پون. گڏجي سندس خلاف محاذ ڪڙو ڪرڻ بعد، ڪيس ڊيري ڪري رکن ٿا. جنهن به دنيا جي تختي تي وڏائي/ تڪبر/ آڪڙ ڏيکاري، سو نيٺ فنا ٿي ويو. فرعون ۽ نمرود جهڙا متڪبر، جن جو قرآن شريف ۾ به ذڪر آهي، تن جو اڄ دنيا ۾ نالو نشان ئي ڪونهي .

پيٽيو : ڪلام، ڪنڌ پر .

**145- هر ميران رعيت (فارسي، پهاڪو)**

هر ماڻهو، امير/سردار وانگر آهي. وٽس، هر امير/سردار وانگر رعيت آهي. هر امير ڪي پنهنجي رعيت سان تعلق آهي. هر رعيت ڪي پنهنجي امير جي ماتحت هلڻو آهي. پيءُ گهر جو وڏو يا امير آهي. سندس اولاد ۽ گهر واريون، سندس رعيت مثل آهن. ڪانئس سندس رعيت بابت پڇا ٿيندي. انهن جو ذمو سندس ڪلهن تي آهي .

**146- هستيءَ ڪي مستي (سرو، چوڻي)**

هستي/ وجود/طاقت سان ڪيترا ڪم سرانجام ڏيئي سگهجن ٿا. وڏي ۾ وڏا ڪارناما، حڪومت جون واڳون سنڀاليندڙ حاڪمن ئي ڏنا آهن. فقط پاور ۽ طاقت جي هستيءَ سبب. جيڪڏهن ڪين حڪمراني هٺ هيٺ نه هجي ها ته شايد اهڙا ڪارناما سرانجام نه ڏيئي سگهن ها. پنهنجي هستي برقرار رکڻ لاءِ، اهڙو اقتدار يا هستي هٺ ڪرڻ ضروري آهي. جيڪا مسلسل محنت/ جدوجهد کان پوءِ هٺ ايندي آهي. جڏهن هٺ ايندي آهي ته ماڻهو ان جي نشي ۾ مست ٿي پوندو آهي .

**148- هنر، نر آهي (سنڌي، چوڻي)**

نر، ڪيترين مادين ڪي قرائڻ لاءِ هوندو آهي. جيڪڏهن نر نه هجي ته ماديون ڊُڪيون نه ٿين. نر سان نسل جي افزائش آهي. اهڙيءَ طرح هنر سان به ڪيترن جو پيٽ پلجي ٿو. هنر ذريعي آيل

پئسن سنا ڪيترائي معاشي/ معاشرت/ثقافتي/تمدني مسئلا حل ٿين ٿا. زندگيءَ ۾ آسائش حاصل ٿئي ٿي.

**149- هير، چني پير (ساهتي، چوٽي، پهاڪو)**

عادت، عضوي مثل آهي. جيڪا نه نڪري، نه ڪرندي آهي. پلي ڪٽي ڪاٽ ۾ وجھو پوي يا ٽاٽي ۾ سڄُو ڪاٽا پون، پر ڪرنو ائين آهي جيئن عادت/ هير پيل آهي. پلي مٽ مائٽ مائٽي چني وجن، دوست احباب تعلقات ٽوڙي/ چني وجن پر عادت ڪان مڙڻو ناهي .

- هير، ڪٽائي پير .

# مددي ڪتاب:


1- جيٽلي ڊاڪٽر مرليڌر سنڌي پهاڪا ۽ محاورا، هڪ اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو جنوري 1996 ع.

2- الطاف شيخ، رڻي آهي گهوٽ سان (پهاڪا ۽ چوڻيون) نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ ڇاپو سال فيبروري 1966 ع.

3- تيرٿ داس، پيسومل، پهاڪن جي پابوهه، پتمبرداس ساهيج رام بمبئي ڇاپو 1973 ع .

4- سينڌيلو، ڊاڪٽر عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ ڇاپو 1989 ع.

5- جوهر نثر، سبق نائون، پالڪ صفحو 34 .

6- عق شيخ تاريخ اندلس سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ .

7- سمون، الهبچايو يار محمد، لاڙ جو سير-سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو حيدرآباد ڇاپو 1991 ع.

8- خادم، ڊاڪٽر داد محمد بروهي، سب خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو ۽ پي ايڇ ڊيءَ لاءِ پيش ڪيل ٿيسز سنڌي يونيورسٽي ڄام شورو 1993 ع .